آسانند مامتورا

شاعر

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجيءَ جي اشاعتي سلسلي جو ٨٠ ڪتاب

شاعر

مصنف

آسانند مامتورا

ناشر

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو

اداري جا سڀ حق ۽ واسطا قائم

چاپو ٻيو] [تعداد هڪ هزار

فيبروري ١٩٨٢ع مطابق ربيع الثاني ١٤٠٢

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

سول ايجنٽس:

ادبيات تلڪ چاڙهي، حيدرآباد

مڪتبه اسحاقيه
جهونا مارڪيٽ ڪراچي

هي ڪتاب پرفيڪٽ پرنٽرس صدر حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيو، ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا، پروفيسر انچارج، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، سنڌ يونيورسٽي، نئون ڪئمپس، ڄام شورو، ضلعو دادو سنڌ، ڇپائي پڌرو ڪيو.

فهرست

نمبر		عنوان	صفحا
	ناشر طرفان		٤
	ارپيان تو		٥
	ديان طلب		٦
	مهاڳ		٧
١-	ڀاڱو پهريون	آتمڪ پيڙ	٩ کان ٣٦
	باب پهريون		٩—١٩
	باب ٻيو		١٩—٢٦
	باب ٽيون		٢٧—٣٤
	باب چوٿون		٣٤—٣٦
٢-	ڀاڱو ٻيون	طلب	٣٧—٨٤
٣-	ڀاڱو ٽيون	سنسار ۾	٨٥—١١٩
	باب پهريون		٨٥—٩٠
	باب ٻيو		٩٠—٩٥
	باب ٽيون		٩٥—١٠٠
	باب چوٿون		١٠٠—١٠٦
	باب پنجون		١٠٧—١١٥
	باب ڇهون		١١٥—١١٩

ناشر طرفان

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ طرفان گذريل سال اهو فيصلو ڪيو ويو تہ اداري جو پبليڪيشن سيل جتي مختلف نوعيت جا ڪتاب شايع ڪري رهيو آهي، اتي اداري کي اهڙا ڪتاب بہ شايع ڪرڻ گهرجن، جيڪي ماضيءَ ۾ ڇپجي نہ رڳو شهرت حاصل ڪري چڪا آهن پر اهي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي سفر ۾ اهم موڙ جي حيثيت رکن ٿا.

ان ڏس ۾ اسان في الحال ٻہ ڪتاب وڏي سوچ ويچار ۽ ادبي پارکن سان صلاح ڪانپوءِ پنهنجي اشاعتي پروگرام ۾ رکيا آهن. (۱) سنڌ جي تاريخ (ٻاڳو ٻهريون)، جيڪا سنڌ جي مشهور تاريخدان محترم نورمحمد نظامانيءَ لکي هئي ۽ مسلم ادبي سوسائٽي ڇپائي هئي. (۲) شاعر، جيڪو ناول آهي ۽ آسانند مامتورا جو لکيل آهي ۽ سنڌ جي افسانوي ادب جي ارتقا ۾ اهم جاءِ والاري ٿو. اهي ٻئي ڪتاب جي ا جا ٿائين تنقيدي ۽ تحقيقي حلقن ۾ بحث جو موضوع بڻيل آهن، اتي اهي ڪتاب هن وقت اڻ لڀ آهن ۽ مارڪيٽ ۾ موجود نہ آهن.

اسان کي خوشي آهي تہ اسان هي ٻئي ڪتاب هڪئي موقعي تي شايع ڪري رهيا آهيون.

اسان کي اميد آهي تہ اسان جا پڙهندڙ حضرات "شاعر" جي اشاعت جو قدر ڪندا تہ جيئن اسين اڳتي هلي ٻيا اهڙا اڻ لڀ ڪتاب ٻيهر شايع ڪري سگهون.

ڊاڪٽر غلام علي الانا
پروفيسر انچارج
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

آرپڻان ٿو

عجيبن

کي

جن مُرڪ سان ۽ لُڙڪ سان

دل منهنجي

زنـده

رکي آهي •

آسانند مامتورا.

ڏيان طلب

هن قصي جا سڀ ويسڌاريءِ ڪلپنا جي سنسار
جا جيوَ آهن، ۽ پڙهندڙ کي جي انهن مان ڪنهن
۽ پنهنجي ڄاڻو سڃاڻوءَ جو مهاندو يا لڇڻ ڏسڻ
۽ اچي ته انهي آريڪڻ کي اتفاقي سمجهي.

مصنف.

مهاڳ

(ٻيون ايڊيشن)

هيءَ سموري رچنا سروَ سندرتا جو هڪ عاليشان مظهر، انهيءَ مطلق حسن جو مشاهدو ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو اهوئي آپهتو جيئو ماڻهي سگهندو، جنهنجو تن درد هٿي تهاڙون ڪري وڏو هوندو، ۽ جنهن من جي پيڙا اها ڪا سٺي هوندي جو وڪار منجهانئس نس پس نڪري ويو هوندو.

هن ناول جو هيرو چندر، هڪ آهو سياڻو انسان آهي، جو اڪيلوئي اڪيلو تن ۽ من جي اگهور سنڪٽ مان لنگهيو آهي، ۽ جنهنجي جيءَ مان ايلان ۽ سودامنيءَ هڪ روپ ٿي، سموري غير کي ٻاهر هڪالي، کيس هن لائق ڪيو آهي، جو هنکي سارو برهمانڊ، ڪُل ڪائنات آتم روپ ڀيٽي ڀاسي. انهيءَ جي بدولت ڏسبو ته ٻاهريان روپ ۽ رنگ هن کي ٻڌن نٿا، هٿهون اُنهن مان کيس آهو آنند ٿو پڙپي، جنهن ۾ اجائي آهي.

سنڌي ساهت ۾ ناول نويسي ڪا نئين ڪلا ڪانهي. تعداد جي لحاظ کان، سنڌيءَ ۾ شعر جا ڪتاب شايد گهٽي ۾ گهٽا هجن؛ پر انهيءَ ڪانپوءِ نچاٽان ته ٻيو نمبر تعداد ناولن جو ئي هوندو. پر اهي ناول، جن کي تخليقي ڪري ڪونجي، جن مان هرهڪ جو گهاٽ، آڌارو ورتل نه، پر لکندڙ جي گهٽ اندر، اندرين ئي اندرين تهخانن ۾ سرجيو هجي، جنهن پيداواريءَ مان لکندڙ جي آنوپ شخصيت بکي پٽي، سي ٻڪ ٿي پڪ سنڌيءَ ۾ ڳاڻ ڳڻيا به ڪينهن.

هي ناول منهنجي سعادتمند شاگرد ۽ ڪنهن وقت عزيز همڪار، آسانند مامتورا، جو رچيل، اُنهن ٿورڙن ناولن مان

آهي، جي اصليت جي دعويٰ رکي ٿا سگهن. آسانند هي ناول لکيو پئي تڏهن به ٽڪر ٽڪر ڪري، سڄوئي، مون کي پڙهي ٻڌايو هئائين؛ هنر ته پنهنجي سر، مان انهيءَ جو اڪر اکر اٽلائي ويو آهيان.

مضمون مائيدار، پر آسانند انهيءَ کي خوش عبارت جو اهڙو وڻندڙ ويس پهرايو آهي، جو پڙهڻ سان پڙهندڙ جي دماغ جون رڳون سيٽجن ڪين ٿيون. دماغ کي پاڻ حظ ٿو حاصل ٿئي. سوکم آتم ويچار، هونئن دماغ جي وکڙن ۾ مشڪل اچن وارا، انهنجو آتيل چٽ اکرن ۾ اهڙو ٿو چٽي، جو انهن کي دماغ جي دائري منجهه آڻڻ ۾ پڙهندڙ ٽڪبو ڪونه.

لکندڙ ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته جيڪو پيار اُمنگ ۾ ادراڪ مان آپجي ٿو، تنهن کي ٿي سنسار جي ڪابه گهٽنا لوڏي ڏوڏي نٿي سگهي.

اسانجي وهنواري زندگي آنند واري ٿئي، تنهن لاءِ به آنجن اهوئي آهي ته نئين جيون جا آدرش اسين جڙواد مان نه پر آتم واد مان وٺون.

مطلب ته سنساري سنستائن جي اڏاوت به جڏهن سمجهه ۾ انترگيان جي پڪي پيڙهه تي ٻڌبي، تڏهن ڪو لوڪن لاءِ آهي ڪلياڻ ڪاري ثابت ٿينديون، تڏهن ڪو منجهائن جڳم جو آڌار ٿيندو. ۽ پيون واٽون هلي، اها اميد رکڻ ته سنسار ۾ سچو سک آڻي سگهبو، واچ کي ڪنجي ڏيئي مينهن وسائڻ مثل آهي.

شال اسانجا ملڪي اڳواڻ توڙي راڄنيتي رهبر، جي ديس جي آجائيءَ ۽ انسان ذات جي ترقيءَ لاءِ تڙڦن پيا، تن ۾ اها ٻوجهه پوي!

٢١ جنوري، ١٩٤١ع لالچند امرڏنومل جڳتياڻي.

آتمڪ ڀيڻ

"چئي "ڪن فيڪون"، جڏهه خلقيا روح خدا"
"گڏ جت گذران هئو، جتڙ لڳي ته جاءِ"
"مون توهين سين آه، آها ساڃاءِ، سپرين!""
شاهه.

باب پهريون

ڪشمير، جنت بي نظير، جي سير تي نڪتو هوس. واٽ تي مريءَ ۾ ٻن ڏينهن لاءِ ڏاپو ڪيم. پهاڙي ساوڪ جا نظارا، مختلف نقطہ نگاهه کان ڏسي، پنهنجي دل کي مفرح ۽ ڪلپنا کي مالا مال پئي ڪيم. سائيدار رستن ۽ پيچرن، چاڙهين ۽ لاهين، قدرت جي سائي، سبز اوڇڙ، ۽ اوچن، جاندار درختن، پهاڙن جي چوٽين ۽ انهن جي وچم سبز اوڙاهن– انهن جي نت نون نظارن مان جو مونکي لطف آيو، تنهن منهنجي جڏي جسم کي انهن ڏهرن ۾ ئي هڪ نئين تقويت بخشي، ۽ منهنجي من ۾ نوان، بنهه تازا، رچنا شڪتيءَ جا جذبا اُٿاريا. مان تن توڙي من ۾ نو بنو ٿي پيس. ٻئي ڏينهن ننڊ مان اُٿڻ سان، مون پاڻ ۾ جيوت جي هڪ نئين لهر، تازي ۽ تواني، رقص ۽ راند ڪندي، وهندي محسوس ڪئي.

سج جي ڪرڻن پهاڙن جي چوٽين تان لهي، هيٺ ماٿرين ۽ اوڙاهه ۾ اونده سان اڃا جڏ ٻئي ڪئي ته مان پسار ڪندو، ڏلندو ڏلڪندو، آنهيءَ وڏراهه ۾ گهڙيس جنهنکي ڪلهه شام جو

ڏسڻ سان، منهنجي ساري جيءَ تي شانتي، مٺي ۽ مفرح، ڇانئجي ويئي هئي. انهيءَ وڻن جي جهڳٽن ۾ هڪ عجيب وايو منڊل، هڪ عجيب فضا هئي، جنهن ڦٽيل دل تي مرهم جو اثر ٿي ڪيو، جنهن منجهيل من کي شانتي ٿي بخشي، جنهن ٿڪل سرير کي تازو توانو ڪري ٿي ڇڏيو. وڏراه ٽڪريءَ جي ڇپاڙيءَ ۾ وڃي ٿي ڇيهه ڪيو. ڪني تي خبرداريءَ سان بيهي، هيٺ نهارڻ سان اونهو اوڙاه وات ڦاڙي، پنهنجي ساوڪ ۾ ڳڙڪائڻ لاءِ منتظر بيٺل نظر ٿي آيو. ٽڏي هير وڻن جي ٽارين ۽ پنن سان ڳالهيون ڪندي پئي لڳي. زمين تي زمرد جهڙو سبز ويءُ وهڻ جي دائم دعوت ڏيئي رهيو هو.

آءٌ، آسر جو اُٿي، مان هن قدرت جي گوشائتي ڪنڊ ۾ پنهنجي نئين ناول جو آرنڀ ڪرڻ لاءِ آيو هوس. هيءَ سانت- ميءَ سبز آستان منهنجي لاءِ ڪاڪ جو باغ هو جنهن ۾ مومل روپ منهنجي ڪلا- ديويءَ جو نواس هو. پرين ٻن ورهين کان منهنجي ڪلا- ديوي مونسان رٺل رهي هئي. سهسين جتنن سان به مان ڪيس پرچائي، پنهنجو ڪري نه سگهيو هوس. قلم ۽ ڪاغذ هٿ ۾ ڪٺي، پڪو ارادو ڪري، وهندو هوس، پر هنجو منوهر منهن مونکان هميشه مُڙيل رهندو هو. منهنجو دماغ ارادي جي آڙين لڳائڻ سان به حرڪت ۾ نه ايندو هو؛ منهنجي ڪلپنا جي شڪتي صورت نگاريءَ کان پڙ ڪيدي بيهندي هئي؛ ۽ منهنجي دل جي جذبن جو چشمو وهڻ کان نابري واريندو هو. ڪشمير فردوس- نشان جي سير تي انهيءَ ڪري نڪتو هوس ته من پر ٿويءَ جي هن باغ اروان ۾ هيڪر وري منهنجي ڪلا- ديويءَ سان ملاقات ٿئي، ۽ مان ڪيس ڪنهن نموني پرچائي، سندس ٻانهن ۾ وري ٻيڙو ٻڌان.

پر اڃا مون هن دلفريب، سندر استان ۾ پير ئي ڪين پاتو ته منهنجي، نظر هڪ جوان جماڻ استريءَ تي، وڃي، پيئي،

جا هڪ وڻ کي ٽيڪ ڏيئي، سبز ويءَ تي، ٽنگون ڊگهاري،
ويٺي هئي. هٿ ۾ ڪتاب هوس جو پڙهياڻين پئي. منهنجن پيرن
جي آهٽ تي هن ڪنڌ مٿي ڪيو، ۽ مونڏي نهاريو. هنجي ان
ڀهرينءَ نهار مون تي جو اثر ڪيو، سو ٻڌائڻ ضروري آهي.
اول ته سندس اکين ۾ اننت دکه ڏيکاري ٿي ڏني، گويا ڪيس
ڪنهن ودي، ڇيري، ڇچري هٿ ڪٽي ڦٽو ڪيو هو. ازانسواءِ
اُنهن ۾ مون پنهنجي عزازت محسوس ڪئي- نه جسماني آدِ
واري عزازت، پر اُها عزازت جنهنجو تعلق انساني هستيءَ جي
اندرين تهن سان آهي. اها هڪ حقيقت آهي ته اسانجي حياتيءَ
تي اُنهن جيئَون جو اهڙو اثر ڪونه ٿو ٿئي جي جنم جي
ڪري اسانجا عزيز خويش آهن. سماجڪ نقطه نگاه کان اُنهن
سان جو تعلقات اٿئون، سو ڪٽي ڪارگر به هجي، پر اسان جي
زندگيءَ تي گهرو اثر، چڱو يا مٺو، آهي ٿا وجهن جن سان
اسين وات ويندي يا اوچتو ملاقات ڪرڻ سان اٿين ٿا وسهون
ته اسان کي هي ڪي ستاريا ڪينهن، ته هنن سان اسانجو
ڪو آتمڪ سنبند آهي. جئن هٿ پر ٿويءَ تي ڪٽنب پروار
آهن جي رت جي عزازت تي ٻڌل آهن، تئن ڪٿي، ڪنهن
ٻيءَ دنيا ۾، سپاءُ ۽ سؤپاوناڻن تي ٻڌل قبيلا آهن، جن مان
هر هڪ جي ڀاتين جي ڀاڻ ۾ گهري عزازت آهي. اهي آتمائون
هٿ، هن دنيا ۾، سرير ڌاريو، جدا جدا ڪٽنبن ۾ اچيو جنم
وٺن پوءِ، ڪڏهن قضاني، جڏهن سندن هڪ ٻئي سان مڪاميلو
ٿو ٿئي، تڏهن سندن جيءَ ۾ ڪا جاڳرتا، ڪا يادگيري آئي
ٿي، ۽ هو نيڻن جي نهار سان يا مکه جي هلڪيءَ مشڪ سان
هڪ ٻئي کي پنهنجي سڃاڻپ ڪرائين ٿا، ۽ پنهي جوڙ آتمائون
ڪو لحظو آنند جي مٺيءَ لهر هيٺ اچيو، اٿين ٿيون ڀائين ته
جيون جي پر قلنا پريي اٿئون.

هن جوان استريءَ کي ڏسڻ سان مونکي اهو احساس

اهڙو ته چٽو ۽ زوردار ٿيو، جو سماجڪ هيڪون سڀ وساري، مان وڏراه ۾ اندر گهڙي، سندس پرسان وڃي ويٺس، ۽ ڏاڍي ڪومل آواز ۾ چيومانس: ”مان هت پرسان ويهي، ڪا گهڙي پنهنجو ڪم ڪريان ته اوهان کي اعتراض ته ڪونهي؟“

هن نهايت نهر- پرڏي نموني چيو: ”مونکي ڪهڙو اعتراض ٿي ٿو سگهي؟ توهين هن وڏراه ۾ هر ڪنهن طرح پاڻ وندرائي سگهو ٿا.“

”مون پر واري وڻ جي هيٺان ويهي، ڪاغذ ۽ پينسل ڪيسي مان ڪڍيا، پر لکڻ شروع ڪرڻ کان اڳي، ڪيس خاطري ڏيارڻ جي ارادي سان، چيم: ”ڪلهه شام جو مان هيءَ رمڻيڪ استان نظر مان ڪڍي ويو هوس. اڄ پيچ پنيءَ جو خيال آيم ته انهيءَ سندر، مانيٽي، ساڻيدار استان ۾ ويهي، پنهنجو ڪم ڪريان“.

”ها، ها، وڏي شوق سان،“ هن وراڻيو. پوءِ پنهنجو منهن ڪتاب ۾ وجهي، پڙهڻ ۾ مشغول ٿي ويئي.

مون به پينسل آڱرين ۾ جهلي، پنهنجو سمورو خيال آڪاڻي آرنڀ ڪرڻ لاءِ ڪلپنا جي دائري ۾ آندو. پر ڪلپنا جي و شال دنيا ۾ هڪ اهڙو منور تجلو هو، جنهن ۾ چترڪاريءَ لاءِ گهربل پانت پانت رنگ، خيال کي ميسر ٿي نه سگهيا. رنگن کانسواءِ چترڪار ڪهڙا چتر چٽي ٿو سگهي؟ روپ لاءِ رنگ ضروري آهي. اروپ ارنگو آهي. منهنجي من ۾ نه روپ هو نه رنگ: صرف هڪ منو تجلو هو. انهيءَ حالت ۾ مان انساني جيوت جو ڪهڙو چتر چٽي ٿي سگهيس؟

گذريل ٻن سالن ۾ اهڙي قسم جون ناڪاميابيون مون گهٽي ٿي ڏٺيون هيون، ۽ هر ڪنهن وقت جڏهن مان پنهنجين ڪوشش ۾ ناڪامياب ٿيندو هوس، تڏهن منهنجو هردو ڪنهن رنج ۽ رقت سان پرجي ويندو هو. پر اڄ جي ناڪاميابيءَ

منهنجي دل ۾ اهڙو ڪو احساس پيدا ڪونہ ڪيو. جيڪس جيوت جي نئين نهر کي پنهنجيءَ نرت ۽ رمت ۾ ٿي پنهنجو مقصد ٿي سريو، ۽ انکي ساهتڪ ڪوشش جي برڏوابيءَ جو ڪو احتياج ڏي ڪونہ هو.

مون ٿورو ڪنڌ ڦيرائي پنهنجي پاڙيسرڻ ڏانهن نهاريو. هوءَ، ڪتاب سندس هٿ ۾، مونڏانهن نهاري رهي هئي. منهنجي مک تي از خود هلڪي مشڪ پکڙجي ويئي. هن بہ ورندو مشڪي چيو: ”شايد منهنجو هتي هئڻ اوهانجي قلم جي رفتار لاءِ رنڊڪ آهي. اوهين جي چاهيو تہ مان هتان اٿي، ٻئي ڪنهن هنڌ وڃي وهان.“

”نہ، نہ، اوهانجي وڏي مهرباني،“ مون تڪڙ ۾ چيو. ”گذريل ٻن سالن ۾ مونسان ائين هميشه ٿيندو آهي. منهنجي لاءِ هيءَ ڪو نئون آزمودو ڪونهي.“

اتي منهنجي نظر هنجي ڪتاب تي وڃي پيئي جو هوءَ پنهنجي هٿ ۾ جهلي ويٺي هئي. ڪتاب جي کليل صفحن تي سنڌي لفظ ڏسي مون عجب ۾ چيو، ”شايد اوهين سنڌي آهيو؟“

هن بہ پنهنجي ڪتاب ڏانهن نهاري چيو، ”هائو، مان سنڌي آهيان.“

هيلتائين اسان انگريزيءَ ۾ پئي ڳالهايو. مون ٿهڪ ڏيئي سنڌيءَ ۾ چيو: ”هڪ هم وطنيءَ کي پرڏيهہ ۾ گڏجڻ سان بہ سڃاڻڻ لاءِ ڪنهن نشانيءَ جي ضرورت ٿي ٿئي! اوهين ڪهڙو ڪتاب پڙهي رهيا آهيو؟“ ”پاپ جون ڪهاڻيون.“

منهنجي حيرت جي حد نہ رهي. اهو ڪتاب منهنجي قلم ۽ ڪلپنا جي سيلاب جي پيدائش هو. اڍائي سال اڳي جڏهن ڇپجي شايع ٿيو هو، تڏهن جدا جدا نڪتہچينن پنهنجن سمالوچنائن ۾ نرالا رايا ڏنا هئا. مون من- ڇيد وديا جي ذريعي انساني من جي هيٺين تهن کي ڦولهي، انساني مرادن ۽ ڪرتوتن

جي ڪارڻن جي پڌرائي ڪئي هئي، جن ڪن سماجڪ نيتيءَ جي پابندن جي من ۾ مانڌائي وڌي هئي، ۽ ڪيترائي خط پرانتڪ اخبارن ۾ شايع ٿيا هئا جن ۾ منهنجي منورتيءَ تي چڱي چوکي جلهه ٽيل هئي ۽ جي نندا جي ورڪا ڪان خالي نه هئا. ڪن همدرد نڪته چينن، برابر، سماجڪ سڌاري جي نقطه نگاه ڪان منهنجي اهڙيءَ اوگهڙ ڪرڻ تي مون ڪي مبارڪون ڏنيون هيون، ليڪن گهڻو ڪري چڱي ڪاپي ۽ ملامت ڪانسواءِ مونکي ٻيو ڪجهه ڪين پڙهيو هو. پنهنجي پاڙيسرڻ کي اهڙو ڪتاب پڙهندو ڏسي، مان البت متعجب ٿيس، ۽ چيو مانس: "شايد هن ڪتاب جون سمالوچنائون توهانجي نظر مان ڪونه گذريون آهن."

هن مشڪي چيو: "مون ڪي سمالو چنائون هن ڪتاب جي برخلاف پڙهيون هيون. پر، مونکي معاف ڪندا، مان انهن سان شامل راءِ ڪونه آهيان. مان پانيان تي ته انسان پاڻ کي پليءَ پٽ چاڙي سچائي، تنهن لاءِ ضروري آهي ته هو پنهنجن آتم ۾ آتم سوياوناڻن توڙي نيچ ۾ نيچ جذبن جي چشمن کي ڳولي لهي. جيستائين ڪنهن مرض جو ڪارڻ معلوم نه ٿيندو تيستائين آن جو علاج محال ٿيندو."

"پر توهين ننا سمجهو ته زهريلن چشمن جي ويجهو وڃڻ ڪري وهاتجڻ جو وڏو امڪان آهي؟"

"پر اهي چشما به ته انسان جي اندر ۾ ئي آهن. هي کهاڻيون صرف انسان کي انهن ڏانهن سچيت ڪن ٿيون."

هڪ سنڌارڻيءَ کي پنهنجي بچاءَ ۾ هئن ڳالهائيندو ٻڌي، مونکي جا خوشي ٿي تنهنجو تصور پاڻ ڪري سگهن ٿا. پر انهيءَ ۾ ته ڪو شڪ ڪونه هو ته هن جي سرت غير رواجي هنجي گفتگو تهذيب ۽ سيپتا واري هئي. ازانسواءِ هوءَ نه فقط ساهت ۾ نقش ڪيل جيوت مان واقف هئي، پر هن سچيءَ

جيوت جا اونها عمق تانگهيا ٿي ڏنا. منهنجي دل ۾ هن جي لاءِ از حد عزت پيدا ٿي. مون اکيون کڻي، ڏانهس نهاريو، ۽ سندس ساري جسم تي پنهنجي نظر ڦيرايم. سندس صورت سڀول هئي، جيتوڻيڪ سندس منهن کنهن دک جي ڪري پيلاڻ ڏي مائل هو. سندس جسم ۾ جيتوڻيڪ تازگي ۽ لچڪڻائي ڪانه ٿي ڏني، پر سندس اکين ۾ جيوت جي جوت مشعالن وانگر پئي ٻري. سندس عمر ويهن پاويهن ورهين جي ٿي لڳي، پر نيڻن جي نهار مان ظاهر هو ته سندس آتما وڪاس ڪري، ساڌارڻ منکن کان گهڻو مٿي چڙهي ويو آهي.

مون گنڀيرتا سان کيس چيو: ”مان توهانجيءَ هن ڪتاب جي نسبت راءِ لاءِ اوهانجو ٿهدل ٿورائتو آهيان. اڄ ٻهريون ٿي دفعو آهي، جو مون کنهنجي مکم مان هن ڪتاب جي باري ۾ منهنجا پنهنجا رايا ظاهر ٿيندا ٻڌا آهن.“

هاڻي هن جو عجب ڪاڻ جو وارو هو. هن اکيون ڦوٽاري، پڇيو: ”ڇا! هنن ڪهاڻين جا رچيندڙ توهين آهيو؟“

مون ڪنڌ ڌوڻ سان ها ڪئي.

هن ڪن پل رکي، چيو: ”مونکي اوهانجي درشن پراپت ٿيڻ سان جو آنند ٿيو آهي، تنهنجو ڪٿن مان نٿي ڪري سگهان. اوهانجي آکاڻين ۾ انساني جيوت جو همدرد درشيه آهي. اونجي ڪلا انساني خرابين کي سمجهڻ ۽ عقل سان، جراح جي تيز نستر جيان، وڍي، کولي، اکين اڳيان رکي ٿي، انهيءَ لاءِ ته روڳ پوڻ ۽ ٻاهر نڪرڻ سان، انسان جي جيوت تندرست ۽ تواني ٿئي. منهنجي من کي آڌون مان جا صحت سري آهي، تنهنجا ٿورا مان عمر ڀر لاهي نه سگهنديس.“

”اڏين ڇئي توهين پنهنجا پال تا ڀلايو،“ هن چيو: ”پر اهو سچ آهي ته انسان جي دک لاءِ همدردي ئي مون کي

ڪهاڻين ۽ قصن لکڻ لاءِ مجبور ڪري ٿي. نه تہ منهنجي من جو لاڙو تتوُ گيان ۽ فيلسوفيءَ ڏي آهي.“

”مون تہ ائين پئي سمجهيو تہ توهين منهنجي ڏاڏي جيڏا عمر جا وڏا هوندا؛“ ۽ هڪ ننڍڙو ٽهڪ ڏيئي چيائين: ”پلا، هيڏو من جي گهرائن جو گيان ۽ هيڏي وشال همدردي اُنهيءَ ۾ ئي پائبي جنهن ورهين ڪان دنيا جا نرالا نرالا تجربا ڏٺا هوندا، جنهن ورهين جا ورهيہ ماڻهن جي من جي رچين، ستويا ونائن ۽ سپائن جو همدرديءَ سان اڀياس ڪيو هوندو. هڪ ڪري مان توهان ڪي گڏجي البت نراس ٿي آهيان.“

اهو پوپون جملو مشڪ سان مني ٽيل مڪ مان هو. مون لهڪ ڏيئي چيو: ”جتي آس ۽ نراس جو سنگم ٿئي ٿو، اُتي ئي تہ برهم جو درشن پراپت ٿئي ٿو. انهيءَ ڪري هن ملاقات کي ست- چت- آنند روپ برهم جو درشن ئي سمجهڻ گهرجي.“

مون سمجهيو تہ منهنجي انهيءَ خوش- گفتاريءَ تي هوءَ ضرور مٺو، ننڍڙو ٽهڪ ڏيندي ۽ مونکي وري سندس مٺڙي، آنندمي آواز جي ٻڌڻ جو سڀاڳ حاصل ٿيندو؛ پر هنجو من پئي ڪنهن ويچار ڏي پئي گهيليو ويو، ۽ جيتوڻيڪ هڪ جهڪي مسڪراهٽ سندس مک تي ڏيکاري ڏني، پر سندس منهن تي ڪنهن مايوسيءَ جو سياه ڪڪر ڇانئبو پئي ويو. اُنهيءَ مهل منهنجي دل جا هن لاءِ چڪ ڏني، اُن ۾ جا هن لاءِ همدرديءَ جي اُڇل اُٿي، تنهنجو سبب مون کي هڪڙوئي سجهي ٿو، تہ هوءَ منهنجي آتمڪ پيڙ هئي، تہ هنجي آتما ۽ منهنجي آتما جي وچ ۾ ڪا اهڙي پنهنجائي ۽ عزازت هئي، جو هن جو دک منهنجو دک ۽ هن جو سک منهنجو سک هو.

مون ڪوملتا سان ڪيس چيو: ”اوهانجو من ڪنهن دک ۾ پيڙجي رهيو ٿو ڏسجي. گستاخي معاف ڪندا جو اهڙو

شخصي سوال مان پڇان ٿو. مون اوهانکي ڏسڻ سان ئي ائين محسوس ڪيو ته اوهين منهنجي آتمڪ پيڙ آهيو."

منهنجي انهيءَ گفتي چوڻ سان هن جو ملول ۽ اُداس منهن ڪن لاءِ هڪ مسڪراهٽ سان جهلڪيو. هن ورائيو: "مان توهانجي انهيءَ سڌانت کان غير واقف ناهيان ته آتمائن جا وري پنهنجا ڪرّم قبيلا آهن. مون توهانجو "جاڙا روح" پڙهيو آهي. ها، اهو سچ آهي ته منهنجي دل ڪنهن اونهيءَ پيڙا ۾ مبتلا آهي. مونکي هتي مريءَ ۾ آئي هفتو ٿيو آهي. مان پنهنجي پاءُ چندر کي وٺي هتي آئي هيس. توهان شايد هن جو نالو ٻڌو هجي. جيتوڻيڪ هن اڃا ساهتڪ سنسار ۾ پنهنجو نالو ڪونه ڪڍيو آهي، پر سندس ڪي جزوي ڪوتائون جدا جدا مخزنن ۾ ڇپجي شايع ٿيون آهن، ۽ ٽيڪاڪارن جو رايو آهي ته اهي هڪ قلندڙ ڦرندڙ شاعر جون پهريات واريون ڪوششون آهن ۽ منجهن مشاهدي جي قوت غير معمولي اهي. تازو هن جي دل کي اهڙي چوٽ لڳي آهي جو سندس دل جو ڪنول البت ڦري ويو آهي. مان ڪيس هتي انهيءَ ڪري وٺي آئي هيس ته من هتي جي صحت بخش هوا ۽ دلربا نظارن جي اثر هيٺ وري نوبنو ٿي پوي. پر ڪالهه، اوچتو ئي اوچتو، مون کي ڪنهن به چتاءُ ڏيڻ ڪانسواءِ، هو مريءَ مان غائب ٿي ويو آهي. گذريل ٽن چئن ڏينهن کان سدائين ڪشمير جي اڻ ڏٺل، دلپذير نظارن جي ڇڪ پيئي ٿيندي هيس، ۽ مون کي هر روز ٻه چار دفعا پيو چوندو هو ته سونهن جي ديويءَ جو سڏ ڪنن ۾ پيو پريم. شڪ ناهي ته اڪيلوئي اڪيلو ڪشمير ڏي هليو ويو هجي. مون کي سندس خيال ئي دکي ڪري رهيو آهي."

مون چندر جون ڪي ڪوتائون پڙهيون هيون، ۽ مون کي به انهن ۾ هڪ اعليٰ شاعر جي اُسرڻ جا آثار ڏسڻ ۾ آيا

هئا، پر هن جي دل جي ڪنول ڦرڻ جي خبر مون لاءِ نئين هئي. ساڻيهه جي ساهت جي آنتيءَ جو اونو مونکي ڪاليجي جيوت کان آهي. انهيءَ جي بر ٿوابيءَ لاءِ مون ڪيترن ئي نون مصنفن کي وقت بوقت پئي هٿاديو آهي. هيءَ هڪ اعليٰ آسرندڙ شاعر جي باري ۾ بدخبر ٻڌي مونکي نهايت دکه ٿيو، ۽ منهنجي دل ۾ ازخود اها اپلاڪا آئي ته مان سندس پيڙ سان پانهن پيلي ٿي، جيڪي به نحس طاقتون هنجي هستي برباد ڪري رهيون آهن تن کان کيس آزاد ڪري، سنڌي ساهتيه جي مالا مال ٿيڻ جو واهڙ بڻجان. انهيءَ ڪري مون کانئس پڇيو: ”پوءِ توهان سندس ڳولا لاءِ اڄا ڪشمير نه ويا آهيو؟“

هن ڏاڍي مايوس نموني چيو: ”اوا، ته هت مريءَ ۾ ۽ مريءَ جي آس پاس ڳولا ڪرڻ ضروري سمجهيم. رات پڪيءَ طرح خبر مليم ته هو هڪ بس ۾ چڙهي، سرينگر ڏي ويو آهي. اڄ منهنجي لاءِ موٽر جو بندوبست نه ٿي سگهيو. سڀاڻي هڪ موٽر ڪنهن مسافر کي وٺي وڃڻي آهي. مون به انهيءَ ۾ وڃڻ جو بندوبست ڪيو آهي.“

”آهو مسافر شايد مان آهيان. سڀاڻي منهنجي هتان رواني ٿيڻ جي لاءِ راولپنڊيءَ کان موٽر اچڻي آهي.“

هن اوچتي من- اڇل سان چيو: ”جي ائين آهي ته پاڻ چڱو.“

مون سندس دل وٺڻ جي نموني چيو: ”هائو، پئي گڏجي کيس ڳولي لهنداسين. اميد ته انهيءَ ننڍڙيءَ شيوا جو سڀاڳ مونکي توهان وٽان پل ۾ پوندو.“

منهنجي آتمڪ پيڙ پنهنجن نماڻن نيڻن ۾ پاڻي آڻي چيو: ”اها ته اوهانجي پلائي، توهان جا مونتي اڳيئي بي انت ٿورا آهن.“

مون گنڀيرتا سان چيو: ”انسان انسان جو پر جهلو آهي. هڪ ٻئي جي سهڪار تي ئي سماج جو ماڏياڻ منڊيل آهي. ازانسواءِ مونکي انهيءَ مان جو آنند پل ۽ پوندو سوئي اُن جو ڪافي اُجورو ٿيندو. توهانکي وڏيڪ ٿورن مڃڻ جو موقعو مان ڏيندس ئي ڪونه.“

باب ٻيو

ٻئي ڏينهن، منجهند جو، موٽر ۾ چڙهي، مان سرينگر ڏانهن روانو ٿيس. ڪلهوڪي وڏراه واري پاڙيسرڻ اڄ منهنجي همسافر هئي. منهنجي وات تي پهرين منزل دو ميل تي هئي، جو مريءَ کان پنجاهه کان مٿي ميلن جي مفاصلي تي آهي. پر اتي پهچڻ کان اڳي، منهنجي نئين ساهيڙيءَ، منهنجيءَ آتمڪ پيڙ؛ مونکي پنهنجي پاءَ چندر جي جيون- ڪٿا مان واقف ڪري ڇڏيو.

ڪجهه وقت جي مسافري ڪانپوءِ اسانجون اکيون ملڪ جي نواڻ، رستي جي خطري- هڪڙي پر ٽڪريون ۽ ٻئي پر اوڙاهه، جنهنمان جهلم گهرگهاٽ ڪندي، زوم سان پئي وهي- ۽ سبز نمائن سان هري مري ويئون. مون قدرت جي سدا- ڦرندڙ ۽ ڦري ايندڙ سونهن جا ڍڪ سرڪون پري پئي پيتا. پر سياڻن جو قول آهي ته هرڪا شي اعتدال يا پوري پني انداز کان ٻاهر روح جي تندرستيءَ لاءِ خطرناڪ آهي. ازانسواءِ تبديل ۾ زندگيءَ جو ذائقو آهي. ڪي فيلسوف ته ائين ٿا چون ته زندگي خود تبديل آهي، جا لڳاتار وهندڙ نهر جيان پنهنجا رنگ ۽ روپ سدا پيئي مٽائي. خير، ڪئن به هجي: مون پنهنجين اکين کي آرام ڏيڻ لاءِ، اُنهن کي هن قدرت جي لازوال حسن جي دستر خواني تان ڪٽي پنهنجي

ساهيڙيءَ ڏانهن ڪيو، ۽ چيو: ”جنهن سونهن جي پوڄاريءَ جي طلب ۾ نڪتا آهيون، تنهنجي جيون-ڪٿا مان مونکي ڪجهہ واقف ڪريو تہ ڏاڍو چڱو.“

هن پنهنجا نيڻ هيٺ، پاسي کان وهندڙ، نرمل نير تان کڻي، مون ڏي نهاريو، سندس سينو هڪ هلڪي ٿڌي ساهہ کان ٿورو مٿي ٿيو. سندس اکين ۾ ڪن لاءِ درد جو ڪکر مڙي آيو، ۽ اهي هيٺ ٿي ويئيون. هن چيو: ”هن جي جيون-ڪٿا ٻڌائڻ سان شايد مان وڃايل آنند واپس جهٽي سگهان، گهٽ ۾ گهٽ، منهنجي دل جو موجوده بار هلڪو ٿيندو ۽ هيءَ مسافري جا هن ريل ڇيل پکڙيل سونهن جي هوندي بہ منهنجي ملول من کي ڪابہ راحت نٿي بخشي، سا سولائيءَ سان طي ٿيندي.“

ڪجهہ وقت هوءَ سن ۾ سمائجي ويئي: جيڪس گذشتو ياد ڪري رهي هئي. نيٺ، چيائين: ”مان سلسليوار يا تفصيلوار ڪٿا، ڪانہ ٿي ٻڌايانوَ. هن جي حياتيءَ مان ڪي اهڙا درشيہ بيان ٿي ڪريان، جن مان سندس يگاني شخصيت جو چٽر توهان جي من ۾ اُميد تہ ظاهر ٿي بيهندو.

”ٻالاپڻ ۾ ئي هو هڪ اپڇتو ٻار هو. ٻين ٻارن جيان هنلاءِ رانديڪن ۽ ٻين وَستن جي دنيا آنهن رانديڪن ۽ وستن جي آستول روپ ۾ پوري ڪانہ ٿئي ٿي. آها هن جي ڪلپنا ۾ پکڙبي، پکڙبي اننت ۾ آلوپ ٿئي ٿي. انهيءَ ڪري هن هر ڪنهن شيءِ کي ڪنهن نئين، غير معمولي نقطہ نگاهہ کان ڏٺو ٿي. هنجي لاءِ ڪابہ شي بيجان جڙ جي جڙيل ڪا نہ هئي. هن هر ڪنهن وَٿ کي چيتن- روپ تي ڏٺو. انهيءَ ڪري هو خسيس ۾ خسيس شين کي ڪنهن عجيب سونهن جي جلويدار لباس ۾ جرڪندو پسندو هو، ۽ آن کي پنهنجي ڪلپنا ۾ شخصيت بخشي، آن مان عجيب وندر ۽

ورونهن حاصل ڪندو هو.

”مان ۽ منهنجي ساهيڙي ليلان، سندس ساٿي هيوسين. ليلان، ڪمل- نئني ليلان، پنهنجيون وڏيون وڏيون اکيون ڦاڙي، هنجي ڪلپنا جي ويسٽارين کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪندي هئي، ۽ سندس منهن تي اڇرڄ چانئجي ويندو هو. ليلان جي چندر سان دل هئي، پر هن محجوبي مڪڙيءَ جو معصومي پيار سندس حجاب ۾ ئي پوشيدو رهجي ويندو هو؛ ۽ چندر پنهنجي ڪلپنا جي سنسار ۽ اُن جي جيوَن ۾ اهڙو محو هوندو هو، ۽ ليلان جي دنيا کان اهڙو پري، جو ليلان جي دل جا اُمنگ سندس دل جي درياه ۾ ڪي بہ ترنگ پيدا ڪندا هئا.

”اُنهيءَ زماني جي هڪ ڳالهہ، هڪ واقعو، ياد ٿو آچيم. چندر اٽا ڏهن ورهين جو هو ۽ ليلان اٺن ورهين جي. اسان ٽنهي گهرجي چوڌاري ننڍڙي باغيچي ۾ پئي راند رهي. مان جيتوڻيڪ ٻنهي کان عمر ۾ وڏي هيس، چندر کان ٻہ ڏيڍ سال وڏي، تہ بہ اسان جي سنگت جو اڳواڻ هميشه چندر هو. هن جي جسم ۾ اُهي آروڪ شڪتيءَ جا چشما هئا، هنجو سنهو، پتلو بدن اهڙو تہ لچڪيدار ۽ چست ۽ قوّت هو، هنجي دل جا جذبا ۽ اُمنگ اهڙي تہ زور ۽ شد مد سان ٿي ظاهر ٿيا، جو هنجي شخصيت جي اڳيان اسين گويا ٻہ پاچولا هيوسين. هنجي اڳواڻي اسان ائين ٿي قبولي جو ڄڻ تہ اسانکي اُن کانسواءِ ٻيو ڪو چارو ئي ڪونہ هو.“

”اسانجي باغيچي ۾ هڪ ٻهرو هو. گهرجي جهور ٻڍي نوڪر چاڳي جو مغز سدائين اُنهيءَ ٻهري جي چوڌاري عجيب غريب ڪهاڻين جي اُٽت پيو اُٿندو هو. ڪيتريون نہ جنن ڀوتن ۽ راڪاسن جون وچتر آکاڻيون اسانکي ٻڌايون هئائين جي جيڪڏهن اُنهيءَ ٻهري کان شروع نہ ٿينديون هيون تہ

نڌان ته جهاڳي اُنهيءَ ۾ ڪنديون هيون! انهيءَ ٻهري ۾ اسان جا ابا ڏاڏا دارونءَ جا دنگ ۽ مٽ رکندا هئا. ڪڏهن قضاني، جي ڪو مٽ پڳل ڏسبو هو، يا دنگ خالي، ته ڪا نه ڪا جن پريت جي روچڪ ڪهاڻي نهي ويندي هئي، ۽ چاڳو جو نتيڏي ڪان ٿي پرمي هو، سو آها ٻڌڻ سان ياد ڪري ڇڏيندو هو، ۽ پارن ڪي وري ورتي ٻڌائي، پنهنجي يادگيري پڪي رکندو آيو هو. مان ڀانيان ٿي ته بابي ڪي ٻه اهي ساڳيون آکاڻيون جن سان اسانجي دل وندرائيندو، اسانجي ڪلپنا اُڀاريندو ۽ اسان جي هردي ۾ طرح طرح جا جذبا، ڏپ جي جذبي سوڌو، پيدا ڪندو هو، سي ٻڌايون هئائين، جو جڏهن گهر جي ڪنهن ڪنڊ ۾ اسان کي آکاڻيون ٻڌائيندو ڏسندو هوس تڏهن سندس چپن تي هڪ مسڪراهٽ ڪن پل لاءِ رقص ڪندي نظر ايندي هئي.

”اسين ٽيئي راند رمندي، رمندي، انهيءَ ٻهري جي منهن وٽ اچي بيٺاسين. اُن تي نظر پوڻ سان چندر ڪان جا راند اسان پئي رهي سا وسري ويئي. سندس اکين ۾ هڪ آلوڪ جوت جهلڪڻ لڳي، ۽ ليلان ۽ مونکي هٿن کان جهلي، چيائين: ’اچو ته اندر ٻهري ۾ هلون.‘ اسين ٻئي هڪي ٻڪي رهيوسين. مون ته صاف صاف چيس: ’اندر اگهور اونده ۽ هٻ ۾ مان ڪانه هلنديس‘ ليلان جا چندر جي پٺيان پاتال ۾ ٻه هلي وڃي ها، تنهن ٻه چيس: ’اندر جو راڪاس، وينو آهي!‘ چندر پرسان ٻيل هڪ سڪل ٽاري ڪٽي، وراڻيس: ’اچي ڏس ته ڪئن نه تو ماري ڀڄايانس.‘

”ليلان جو هٿ چندر جي هٿ ۾، ٻئي طاق مٿي ڪري، هيٺ لٿا. اجان ٻه ٽي قدم مس کنيا هونداٿون ته اندران ڪنهن شي جي ڪرڻ جو دل ۾ ڌڌڪو پيدا ڪندڙ آواز ٿيو ۽ انهيءَ جي ٻنهي پٺيان ليلان جي دل ڏاريندڙ ڇيڪ. مان ٻوڙي

اندر گهڙيس. منهنجي پرسان هڪ ڪارو ٻلو لنگهي، ڇپندو ٻاهر ويو. اندر ڏسان ته چندر ليلان جو سر پنهنجي سيني تي رکي، ڪيس سامت ۾ آڻڻ جي ڪوشش پيو ڪري ۽ چئي ته 'راڪاس منهنجو لڪڻ ڏسي ڀڄي ويو.' اسان ٻنهي ليلان کي آهستي آهستي آڻي ٻاهر ڪيو. ٻاهر جي تازيءَ هوا پاڻيءَ جي ڇنڊن جلد ڪيس هوش ۾ آندو. پوءِ ته مان اچي چندر تي چڙيس: 'هليو آهي راڪاس مارڻ. ڏٺءِ ڇا مان ڇا تي پيو؟' پر هن جو هڪڙوئي جواب: 'پر راڪاس ته مري ويو.'

"ٻارهن تيرهن ورهين جو ٿيو ته سندس جيوت ۾ هڪ نيو لچڻ ٻکڻ لڳو. سونهن هر ڪنهن رنگ ۽ روپ ۾ مٿس گهرو اثر وجهڻ لڳي. سهڻي مصنوعي شي، يا ڪنهن سهڻي چتر، يا قدرت جي ڪنهن سهڻي سماءَ ڏسڻ سان سندس روح قبض ٿي ويندو هو. اکيون اُنهيءَ ۾ وجهي ڪپنديون هيس، ۽ پنهنجي هستيءَ جو سڌ سماءُ ٻنهي ڀلجي ويندو هوس. مون کي ياد آهي ته هڪ ڏينهن منهنجي پندرهين ورهيه ۾ پير وجهڻ تي آميءَ مون کي هڪ نهايت نزاڪت واري قيمتي ساڙهي سوکڙيءَ طور ڏني. چندر کي جڏهن ڏيکاريم تڏهن هن تي هڪ عجيب برقي اثر ٿيو. ڪا مهل ساڙهي هٿ ۾ جهليو، ڪنهن سماڌي ۾ ويٺو هو، پاڻئين ته اُنجو سُوکم روپ تکي رهيو هو. نيٺ، جهٽڪي سان اُن کي پنهنجي سيني سان لڳائي، ڪومل آواز ۾ چيائين: 'آتي سندر، راڌڪا، آتي سندر!' مون پنهنجون ٻانهون سندس گلي ۾ وجهي، چيو: 'مها ڪوي، چندر مها ڪوي!'''

منهنجي همسفر ساهيڙيءَ جي اکين ۾ آنند جي جهلڪ جهلڪڻ لڳي. سندس منهن خوشيءَ ۾ ٽڙي خوش-نما ٿي پيو. اکيون بند ڪري، ڪجهه وقت هوءَ انهيءَ آنند جي

ذائقي چکڻ ۾ مشغول هئي. مان سچي ڪرڻ کان رهي نٿو سگهان ته سندس ڇهري جي بهار ڏيڻ تي منهنجي دل به بهار بهار ٿي. سندس صورت جي هن نئين ورن ڏسڻ سان، مون سندس ذاتي سونهن جو مشاهدو ماڻيو، ۽ منهنجي دل ۾ خوشيءَ جي هڪ مانيٺي لهر آئي. مان سندس سونهن ۽ سپيتا، سندس حسن ۽ تهذيب تي، عجب ڪائي، غور ڪرڻ لڳس. هڪ سپين، سهڻيءَ استريءَ ۾ جي گڻ هئڻ گهرجن سي سڀ مون ڪي هن ۾ ڏسڻ ۾ آيا. ازانسواءِ، ڪيس بيان ڪرڻ جو ڪهڙو نه سندر ڏانءُ هوا منهنجي دل مٿئين ذڪر مان به تي ڳالهيون ته جائي جهٽيون هيون. هڪ ته هوءَ چندر کان ڏيڍ سال وڏي هئي؛ ٻيو ته سندس نالو راڌڪا، نئيڙي رادا، هو؛ ۽ ٽيو ته ليلان، ڪمل-نئني ليلان، چندر جي جيوت ۾ ڪو گهرو ٻهرو ورتو هوندو.

نيٺ، هن ٻنهنجيون اکيون کولي، مونڏي نهاري چيو: ”آهو ڪهڙو نه آنندمي سمو هوا چندر ٻنهنجيون ڪوتائون جوڙي، ٻوڙندو ليلان ۽ مونوٽ ايندو هو، ۽ باغيچي جي ڪنهن گوشي ۾، اسان ٻنهي کي وڻ جي هيٺان ويهاري، پاڻ اسانجي سامهون ٿي ٻيهندو هو ۽ ٻنهنجي ڪوتا پڙهڻ شروع ڪندو هو، سندس منور وڏين اکين ۾ سپنا آچي واسو ڪندا هئا، ۽ سندس آواز ڪوتا جي جذبات جي گهرائيءَ يا هلڪائي مطابق پيو مٿي چڙهندو ۽ هيٺ لهندو هو. منٽ ٻن ڪانپوءِ ٻنهنجي هستيءَ جو سماءُ ميٽي ويندو هوس، ۽ هو هڪ شمع جي لاٽ جيان، ڪوتا جو سچيوَ روپ بنجي آسانجي سامهون بيٺو هوندو هو. اسان ٻنهي تي جادو جو اثر ٿي ويندو هو. مگر هيءُ جادوگر اور هو. هن نڪي پڳل گهڙيءَ ڪي ثابت ٿي ڪيو، نڪو وري ريپو رومال ۾ وجهي، آهو ڪنهن تماشبين جي هٿ ۾ ڏيئي، گم ڪري، ٻئي ڪنهنجي کيسي يا ڪنڌ

مان ٿي ڪيو. هن مانديءَ جو منڊ آور هو. هنجي مرلي ڪنهن آور، الوڪڪ راڳ سان اسانجي جذباب ۽ ڪلپنا سان راند ٿي رهي. تماشبينن نڪي ڪليو ٿي، نڪي گد گد ٿي تاڙيون ٿي وڄايائون. آهي خود راڳ ۽ راڳيندڙ سان هڪ ٿي ويا.

”ڪنهن مهل ڏيئي، هٽ هٽ ۾، نديءَ جي ڪناري تي سير پيا ڪندا هئاسين. سرشٽيءَ جي هر ڪا وٿ سندس نظر جهٽيندي هئي، ۽ سندس شاعراني زبان اُن کي اهو روپ عطا ڪندي هئي جو اُها رواجي شي ڪنهن نئين رنگ ۾ ڏسبي هئي، دلچسپ ۽ دل- لپائيندڙ رنگ ۾؛ ۽ هن جي سنگ اسين به اُنهيءَ دنيا جو سير ڪنديون هيوسين جتي ڪجهه به رواجي يا خسيس، ڪونهي، جتي هر ڪنهن وٿ کي پنهنجي يڪاني، جلويدار هستي آهي.

”سندس حياتيءَ ۾ کي اهڙا به ڏينهن ايندا هئا جو هو، اڪيلو ئي اڪيلو، ٻنين ٻارن يا نديءَ جي ڪناري تي پيو گهمندو هو. سندس منهن ڪنهن عجيب شوق سان پيو پهڪندو هو. پر اهو شوق پرڦلتا جو نه، پر طلب جو هوندو هو. هو ڪنهن الوڪڪ وٿ جي ڳولا ۾ هوندو هو. اهو ڇا هو جنهن کي هن ڳوليو ٿي؟

”هڪ ڏينهن، مون کيس هڪ ٻورن- ڪڙيل گلاب جي گل وٽ بيٺل ڏٺو. سندس اکيون گل ۾ کتل هيون، پر اهو ظاهر هو ته هن اُن جي پار ڪنهن سوکم وٿ ڏي چتائي پئي نهاريو. مان جيتوڻيڪ سندس ويجهو ويس، ته به هن کي منهنجي اچڻ جو سماءُ ڪونه پيو. ڏهه پندرهن منٽ مان هيڏانهن هوڏانهن ٿهلي موٽيس ته به هو اُهيئنئين بيٺو هو، سندس سارو سرير سوٽ ٿي ويو هو ۽ سندس منهن، خاص ڪري اکين ۾، هڪ اُهو اُهاءُ هو جو هن عالم جو نٿي ڀاسيو. مان چپ چاپ اُتان هلي

ويس، ڪلاڪ ٻن ڪانپوءِ جڏهن ساڻس ڳالهايم، تڏهن ڪانئس پڇيم: ’چندر، اڄ گلاب جي گل ۾ ڪهڙي ٻري پيڪر ڏسي رهيو هئين؟‘ هن ڏاڍي گنڀيرتا سان وراڻيو: ’مان سونهن جو ذاتي روپ ڳولي رهيو آهيان. هي سڀ سهڻيون شيون صرف انهيءَ ڏانهن رستا آهن. مان ضرور سونهن جي الوڪڪ ديويءَ کي ڳولهي لهندس. منهنجي آتما جو نواس آن ۾ ٿي ٿي سگهندو. جيستائين مون ڪيس نه پاتو آهي، تيستائين منهنجو روح سدائين بي چئن ۽ بي آرام رهندو. دنيا ۾ سهڻي ۾ سهڻي شي مون کي آپورن پيئي پاسي. ليلان ٿي ليلان ڏس. سندر، آتي سندر آهي. پر منجهس ڪا مڙيائي آپورنتا آهي، جو مان ڪيس سوپيا جو پورن روپ نٿو سمجهان. منهنجي ڪلپنا ۾ سونهن جو آدرش آهي. انهيءَ کي مان جسماني ويس ۾ ڳولي رهيو آهيان.‘

”مون پڇيس: ’پانئين تو ته پورنتا سنساري وَتن يا جيوَن ۾ ممڪن آهي؟‘

”چيائين: ڪئن چئي سگهجي؟ مون کي فقط ايتري خبر آهي ته جيستائين پورن سونهن جو مشاهدو نه ماڻيو اٿم تيستائين مون لاءِ نه چئن آهي نه آرام. منهنجو روح انهيءَ لاءِ تڙپندو ڦرندو.“

باب ڏيون

هن هڪ ٽڏو ساه کنيو، ڳالھ جو سلسلو قائم رکندي، چيو: ”هن، نيٺ، پنھنجو سونهن جو آدرش لڌو؛ پر قسمت کيس آنکان وڇڙائي، ديوانو ڪري ڇڏيو.“

راڌڪا، منھنجي همر - مسافر ساهيڙي، هڪ اونهيءَ ٿڌيءَ ۾ پئجي ويئي. مان به هن ڦڪندڙ مجذوبي شاعر جي آدرشي جيون جي ويچار ۾ غلطان ٿي ويس. هو هن اسٿول لوڪ جو جيون ٿي ياسيو. ڪنھن سوڪر، سندر لوڪ جو جيو چوڪ کان هن سنسار ۾ اچي پيو هو. پنھنجي اباڻي عالم جي يادگيري ميسارجي نه وچڻ ڪري، سدائين آنهيءَ جي سڪ ۽ ڇڪ کان بي چين هو. پورن سندرتا جو آدرش، جنھن ۾ سندس آتما جو نواس هو، سو کيس هن آپورن سنسار جي آپورن وٿن ۽ جيون ۾ ڪٿان پڙ پيو هوندو؟ چا ۾، ڪنھن ۾ هن اهو آدرش پاتو هوندو؟ من ۾ انهيءَ سوال اُٿڻ سان، مون ۾ هن جي جيون-ڪٿا وڌيڪ ٻڌڻ لاءِ حرص وڌيو، ۽ مان پنھنجي خيال ۾ محو ۽ ملول ساهيڙيءَ کان پڇيو:

”هن سنسار جون سڀ وٿون آپورنتا جي سراپ هيٺ آهن. مڪمل حسن، پورن سونهن جو مظهر هنکي اهڙي سنسار ۾ ڪٿي نصيب ٿيو هوندو؟“

راڌڪا مون ڏانهن ٽپرس سان نهاريو، ۽ وري هڪ سرد آه ڀري، چيائين: ”اهوئي ته هن جي ازحد اڀاڳ جو ڪارڻ آهي. سندرتا، سچ، پنھنجي محجوبي مُکڙي تان پنھنجو حجاب لاهي، هنجي اکيان اصلي پورنتا جي روپ ۾ پاڻ پڌرو ڪيو. توهان شايد سنسڪرت ساهتيه ۾ هڪ ڪتڪ جي جيون-ڪٿا پڙهي هجي. هو هر روز رات جو راجا کي هڪ نئين ڪهاڻي

ٻڌائيندو هو. انهيءَ ڪم ۾ ورهيه لنگهي ويس، ۽ نيٺ سندس آڪاٽين جو انبار به اچي ختم ٿيو. پر جڏهن رات جو راجا کي وينتي ڪيائين ته ’مهاراج، مونوٽ هاڻ ڪابه نئين آڪاٽي ڪانهِ بچي آهي جا توهانجي چرنن ۾ پيش ڪريان‘، تڏهن راجا ڪوپ ۾ ٿي چيس: ’ازي مورک، تڏهن مان ننڊ ڪيئن ڪندس؟ توکي ٽن ڏينهن جي مهلت آهي. انهيءَ عرصي اندر جي ڪا نئين ڪٿا نه آچي ٻڌائيندين ته سوريءَ تي لٽڪايو ويندين.‘ ويچارو ڪٿڪ ڏاڍي وياڪل ۽ پريشان حالت ۾ ڀٽڪندو، ڀٽڪندو، ڪئلاس جبل تي اچي پهتو. شو مهاراج، ڪئلاس-پتي، انهيءَ وقت پنهنجي ارڌانگني آما کي هڪ ڪٿا ٻڌائي آرنڀ ڪئي. ڪنهن منک کي پريان ايندو ڏسي، هو ترسيو. ڪٿڪ جڏهن وٽس پهتو ۽ ڏنڊوت ڪري، آسيس مڱيائين، تڏهن ڀولاناٿ پڇيس: ’اي منکم! تون ڪئن گهيلجي هتي آيو آهين؟‘ ڪٿڪ ويچاري پنهنجي بيوسيءَ جي حالت بيان ڪري ٻڌائي. شو شنڀوءَ، تنهنتي، کلي چيس: ’تڏهن ته تون بلڪل ٺز موقعي تي آيو آهين. مان اڃهو هينئر آما کي هڪ ڪٿا ٿي ٻڌائي. هاڻ ويهه ۽ ٻڌ.‘ پوءِ شو مهراج هڪ نهايت روچڪ ڪهاڻي آرنڀ ڪئي، جنهن ۾ هڪ هنڌ لڪشميءَ جي الوڪڪ سونهن جو دل-لڀائيندڙ ذڪر آيو. جڏهن ڪهاڻي پوري ٿي، تڏهن ڪٿڪ مهاديو جي پيرن تي ڪري پيو، ۽ وينتي ڪيائين ته ’اي ديون جا ديوَ! مون مسڪين جي هڪ ٻي به ونيه آهي.‘ شو مهراج چيس: ’چئو جيڪي چوڻو هجيئي.‘ هن عرض ڪيو ته ’اي دينن جا داتا! مون کي لڪشميءَ جو انهيءَ وير جو درشن ڪرايو جنهن وير هوءَ جڳ مان نڪري نارائڻ جي چرنن وٽ اچي براجمان ٿي.‘ مهاديو سمجهايس ته ’اي مورک! انهيءَ وقت جي سندرتا جو تيج ڪنهن به منش جون اکيون سهي ڪونه سگهنديون. انهيءَ ڪري، انهيءَ ڳالهه تان

لهي وڃ.' پر هو پنهنجي هوڏ تان هيٺ نہ لٿو. ديوَن جي ديوَ، لاچار، لڪشميءَ کي پاڙوٽ سڏيو. ڪن پل ڪانپوءِ آڪاس ۾ آهاءُ ٿيو ۽ تيجسري سندرتا جو تجلو ڪٽڪ جي اکين ۾ ٿيو. اُن جو تيج هو برداشت ڪري نہ سگهيو ۽ مورڇت ٿي ڪريو ۽ ساهہ جي هڙ ڇڏي ڏنائين. ڇون تہ اج ڏينهن تائين هن آياڳي ڪٽڪ جو آتما انهيءَ سونهن جي پنيان حيران ۽ پريشان ٿي پٽڪي رهيو آهي. سهسين جنمن وٺڻ سان بہ آهو ترپت، نہ ٿيو آهي."

مون پڇيو: "پر اهڙي الوڪڪ سونهن ڪنهن اسٿول روپ ۾ ڪٿي ڏسي سگهبي؟"

هن وراڻيو: "اهو مان ڪٿن چئي ٿي سگهان؟ مونکي فقط ايترو پڪي سڌ آهي تہ چندر انهيءَ سونهن جو درشن ليلان جي اسٿول سرير ۾ ڪيو.

"هڪ ڏينهن، اسان ٽنهي ڪراچيءَ جي هوا بندر تي سمنڊ جي ڪناري تي پئي پسار ڪيو. ليلان ۽ مان چندر کي گڏجڻ لاءِ بادي سان گڏجي ڪراچيءَ ۾ آيون هيوسين. چندر ڪراچيءَ جي ڪاليج ۾ بي. اي. جي ڊگريءَ لاءِ پڙهيو پئي. گذريل وڪيشن تي اوچتيءَ بيماريءَ ڪري، گهوٽ اچي نہ سگهيو هو. اسان ٽنهي جو چندر ۾ ساهہ هو. اسين پلا سندس بيماريءَ جو ٻڌي، ڪٿن دور رهي ٿي سگهيوسين؟

"خير، سمنڊ جي ڪناري تي، چندر جي سنگت ۾، پسار ڪرڻ ۾ اسان ٽنهي کي بيحد آنند پئي آيو. سوريہ ديوتا سمنڊ ۾ ٽبي ڏيئي آلوپ ٿي ويو هو، ۽ اُفق تي اول ڪهنبي ۽ پوءِ سرخ رنگ جي جهرمر لڳي ويئي. سنهين، سفيد آڀن بہ سرخ رنگ ويس ورتا پهري، آسمان جي نيلي نير تي سير پئي ڪيو. اوچتو، موڙ جي ارادي سان، جان ڪنڌ ورايوسين تہ شفق جي شهہ-حسن جو نظارو ڏسي، اسان جا قدم بنهہ بيهي

ويا. ائين پانيوسين تہ ڪنهن نئين عالم ۾ اچي پيا آهيون، جتي نہ آهي تکي، اکيون ڪيندڙ روشني، نہ اونده، نہ گرمي نہ سردي، جتي جيوت جا سڀ ضد، سڀ دوند مليو، هيڪڙائيءَ روپي حسن ۾ هڪ ٿيو وڃن.

”ليلان جي مکہ مان ڪومل، جهيٽا لفظ ازخود نڪتا، ڪهڙي نہ آلوڪڪ سندرتا!، اسان ٻنهي ڏانهس نهاريو. هنجون اکيون شفق جي شاندار نظاري ۾ ڪتل هيون ۽ هن رنگيوميءَ جي وايو منڊل ۾ خود سندس سونهن الوڪڪ ٿي پيئي هئي. چندر، ليلان جو هيءَ نئون حسن ڏسي بي خود ٿي ويو. هنکي ٻانهن ۾ جهلي، سيني سان لڳائي، چيائين: ”ليلان“ ليلان، منهنجي پورن سندري! منهنجن سپنن جي پر ڦلتا!، ليلان جي ڳلن تي سرخي آئي تہ هوءَ تهائين وڌيڪ سندرتا ۾ جرڪڻ لڳي، ۽ چندر سندرتا جي مدهوشيءَ ۾ وجد ۾ اچي ويو.

”اول سچيت ليلان ٿي. هوءَ پاڻ کي هنجي ٻانهن مان آهستي آهستي ڇڏائي، ڊوڙي، وڃي موٽر ۾ ويٺي. چندر آتيئي وجد جي حالت ۾ بيٺو هو. هو، اُن مهل، آنند - سماڌيءَ جو سڄو سروپ هو: سندس ساري سرير مان آنند پئي بکيو.“

مون آبهرو ٿي پڇيو: ”پر انهيءَ پورن سندرتا جي درشن ڪيستائين جٽاءُ ڪيو؟ هنکي ليلان ۾ پوءِ بہ ساڳي پورن سندرتا ڏسڻ ۾ آئي؟“

راڌڪا چيو: ”ها، ليلان هنجي لاءِ سديو پورن سندرتا جو سجيو روپ بنجي پيئي. آنهيءَ سونيءَ گهڙيءَ کانپوءِ، ڪڏهن بہ هن سندس سونهن ۾ ڪو نقص نہ ڏٺو. هنلاءِ هوءَ پريپورن هئي.“

مون انهيءَ تي روشني وجهڻ جي نوع ۾ چيو ”تحقيق، سونهن انسان جي هردي ۾ ٿي وسي ۽ نہ ٻاهرئين وٿ ۾.“

”معاف ڪجو مان انهيءَ ۾ اوهانسان شامل راءِ نہ آهيان.

سونهن، برابر، انسان جي هردي ۾ وسي ٿي، پر جڳت جون ڀيون وٽون ٻه اُن ۾ ڀرو وٺن ٿيون. هرهڪ انسان جي دل ۾ سونهن جو پنهنجو پنهنجو آدرش آهي، ۽ جڏهن ڪنهن ٻاهرئين شي يا ڪنهن ٻاهرئين روپ جي سُونهن اُنهيءَ آدرش سان اچي ملي ٿي، تڏهن هنجي دل از خود اُنهيءَ ڏي ڇڪجيو وڃي، ۽ هو ائين محسوس ڪري ٿو، مونکي زندگيءَ ۾ عزيز ۾ عزيز چيز هٿ آئي آهي."

مون گنڀيرتا سان چيو: "مان ڀانيان ٿو ته مونکي پنهنجو رايو ڦيرائڻو پوندو، ڇاڪاڻ ته منطق جي نگاه کان توهين مونکي وڌيڪ برابر ٿا معلوم ٿيو. خير هيءُ مسئلو ڪنهن فراغت جي وقت حل ڪبو. مان اهو ٻڌڻ لاءِ آيو آهيان ته هو پورن سندرتا جو سڄيو روپ پائي به ڪئن اهڙي دک جو شڪار ٿيو، جنهن کيس ذري گهٽ ديوانو ڪري ڇڏيو."

منهنجي ساهيڙيءَ نهايت درد ڀريئي آواز ۾ آتيو: "اها ڪهاڻي بالڪل دلسوز ۽ دکدائڪ آهي. اُنهيءَ جو ڇڙو ويچار منهنجي سرير ۾ سياٽو پيدا ٿو ڪري. پر جيسين اوهان کي آها نه ٻڌائينديس، تيسين توهان کي چندر جي شخصيت جو پورو چٽر نه ملندو.

"انهيءَ خوش-نصيب حادثي کان ٿي مهنا پوءِ، چندر جي هڪ ڪوتــا ڇپجي پــڌري ٿــي، جنهن ۾ سندس پــورن سندرتا جو درشن بخوبيءَ بيان ڪيل هو. ڪوتا جي آخرين ڀاڱي ۾ هن سماجڪ پابندين تي جلهه ڪئي هئي، ۽ انهن کي انساني ڇسائيءَ ۽ اگهان جو نتيجو سڏيو هو. هن جي راءِ موجب انسان جي سموري دک ۽ ڪشٽ جو ڪارڻ شاديءَ جون پابنديون آهن. شادي، هن جي ويچارن موجب، سونهن ۽ پريم جو سيلاپ آهي، ۽ ٻاهريون پابنديون سونهن توڙي پريم ٻنهي کي ٻوساٽي مارين ٿيون. انهن ٻنهي جي وڌڻ ويجهڻ جو

مدار آهي آزاديءَ جي وايو منڊل تي. انهيءَ ڪري وهاڻَ جي ڪريا ڪرمن کي هن خوب نڀيو هو.

"ڪوتا سندر هئي ۽ سنڌي ساهت ۾ هيءُ هڪ نئون ور هو. منجهس مشاهدي جي قوت ۽ خوش-گفتاري ٻئي هئا. پر سماج جي پابندين تي سندس آزاد خيالن مٿس نڪتہ چينيءَ جو پهاڙ ڪٽي ڪيرايو. هندو سماج جي درڍ آچارين سندس آزاد خياليءَ تي اخبارن ۾ ليکن ۽ پترن جي دوارا خوب ڇوه ڇنڊيا ۽ ڪيس 'ملين-ٻڌيءَ وارو سماج-گهاتڪ' ڪري سڏيو شاعر اڳيئي ڏکئي وقت، تنهنتي انهيءَ ٽيڪا ٽپڻيءَ کهڙو اثر ڪيو هوندو تنهنجو تصور توهين پاڻ ڪري سگهو ٿا. هن بنيادي سامياوادي متن جو اپياس ڪرڻ شروع ڪيو. سماج جي موجوده مانڊاڻ کي ڊاهي، ست، سندرتا ۽ سنيهہ تي سماج جي نئين عمارت اڏڻ جا سپنا لهڻ لڳو. ڪراچيءَ ۾ سندس سر جوشيءَ سان 'بنيادي آزاد-خيال مصنفن جو منڊل' برپا ٿيو، جو ليکڪن، ڪهاڻين ۽ ڪوتائن سان سماج ۾ تبديل آڻڻ جي سر گرم ڪوشش ۾ جنبي ويو. ساري پرانت ۾ آزاد خياليءَ جي هڪ نئين لهر آئي.... پر انهيءَ ڪان نہ توهين پاڻ بخوبيءَ واقف هوندا."

"ها، مان انهيءَ نئين ساهت ۽ اُن جي اثر کان غير واقف ڪين آهيان. پر مونکي اها سڌ ڪانہ هئي تہ اُنهن جو بنياد هڪ شاعر جي سپنن ۾ هو."

"سپنا ساپيا ڪان وڌيڪ شڪتيوان آهن،" راڌڪا چيو.

"دنيا ۾ جيڪي نيون سڌاري يا تبديل جون تحريڪون ٿيون آهن، تن مڙني جو بنياد ڪنهن اوتار، ڪويءَ يا گيانيءَ جي سپنن ۾ هو. اُنهن سپنن‌مان ڪا اهڙي شڪتي اُتپن ٿئي ٿي، جا سماج ۾ ڪنهن ڏس ڏي اُسرڻ جو اُمنگہ اٿاري، ان جو روپ ۽ رنگہ ڦيرايو ڇڏي."

”ها، اهو ٺيڪ آهي. پر چندر جي انهيءَ ٽئين مشغوليءَ سندس حياتيءَ ۾ ڦيرو ڪيئن آندو؟“

”چندر جي بنيادي آزاد خيالن، ليلان جي مائٽن کي چرڪائي ڇڏيو. ليلان جو پيءُ سناتن ڌرم مهاوديالي جو هيڊ ماستر آهي. ماستر ته گهڻو ڪري دراڏي آچاري ٿيندا آهن، پر ليلان جو پيءُ ته بنهه اتل دراڏو اچاري آهي. هن ليلان کي چندر سان گڏجڻ مسجڻ جي آزادي به انهيءَ ڪري ڏني هئي جو پنهي ڪٽنبن ائين ٿي ٿي سمجهيو ته جلد پنهي جي هڪ ٻئي سان شادي ٿي ويندي. پر چندر جي هنن نون خيالن هن کي ڊچاري ڇڏيو. هو ڪٿن پنهنجي ڪچڙي نينگري هڪ اهڙي جيو کي ارپي سگهيو ٿي، جو ڌرم-ليتيءَ ۽ سماج جي پابندين جو وروڌي هو، جنهن وواه جي پنڌن کي ٽوڙي، آزاد پريم جون لاڏون ٿي لنويون؟ پنهي ڪٽنبن ۾ انهيءَ مسئلي تي بحث مباحثا ٿيڻ لڳا. بابي نهڪام ويچار سان ساري ڳالهه سوچي ليلان جي پيءُ کي رهائي آڇي، ۽ ٻن ڇئن ڏينهن ۾ ليلان جو مڱڻو هڪ تازو آء. سي. ايس. ٿي آيل نوجوان سان ٿي ويو.

”ويچاري ليلان! ڪنهن به سندس اُمنگن ۽ آرادن جو ويچار ڪونه ڪيو. مائٽن کيس پنهنجي ملڪ ٿــي سمجهيو: انهيءَ ڪري پانيائون ته ڪين هرڪو آڏڪار هو کيس اُڪلائڻ جو. ڪومل، نيلوفر جهڙي نرمل ۽ نفيس ليلان هفتي انــدر هپائجي ويئي. سندس منهن مان جوانيءَ جو جوهر ۽ خوشيءَ جي جهلڪ آڏامي ويا. گهڻيئي ويچ طبيب آيا، پر نينهن جي نراسائيءَ جو علاج انهن ڪان نـه ٿيو. هڪ ڏينهن منهنجي پڇا ڪيائين. سندس مڱڻي بعد مان ساڻس گڏي ڪانه هيس جيتوڻيڪ سندس بيماريءَ جو سماءُ روزمره پاڙي مان ڪنهنڪان لهي ايندي هيس. دل گهڻوئي گهرندي هئي ته سندس بستري پرسان وڃي هجان، پر ظاهري سببن ڪري ائين ڪري نٿي سگهيس. سندس

سڌ ٿيڻ تي امالڪ وٺس ويس. سندس هپايل منهن ڏسي، مون کي هيبت وٺــي ويئي. ويچاري ڳري ڪندا ٿي ويئي هئي. ڇهري جي چمڪ ڏمڪ هلي ويئي هئس. منهنجي اکين مـان لڙڪ لڙي پيا. مون سندس نستو هٿ آهستي پنهنجي هٿ ۾ جهلي، نڙڙي انکي چميو. ليلان جي منهن تي هلڪي مشڪ آئي، ۽ نهايت ڌي جهيڻي آواز ۾ چيائين: ’راڌڪا، چندر کي خاطري ڏج ته مان سديو سندس آهيان.‘ سندس اکيون بند ٿي ويون. سندس منهن تي الوڪڪ آنند جي جهلڪ ڏيکاري ڏني. مون نڙڙي، سندس پيشانيءَ تي هڪ پريم - پري منڙي ڏني. منهنجي اکين ۾ ڳوڙها هئا، پر منهنجي دل ۾ ڪنهن آنند جي مانيڻيءَ لهر جو احساس هـو جنهن هنن لفظن ۾ پاڻ پڌري ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي: ’پـريم سماج ٽوڙي موت تي جيت پائي آهي.

”آنهيءَ ڏينهن رات جو ليلان جو آتما روپي پکيڙڙو بند مان بدا تي پرواز ڪري ويو.“

باب چوٿون

راڌڪا جي اکين مان اڇا ڳوڙها سڪائي ڪين هئا تـه اسين دوميل اچي پهتاسين. رستي جي ساڄي، پهاڙ جي اوچي - ڳاٽ پت بيٺي هئي، جنهن مان ڪتان ڪتان ٽڏي، نرمل پاڻيءَ جا آبشار پئي وهيا؛ ۽ رستي جي ڪابي هوٽل هئي جنهنر رات ڪاٽڻي هئيسين، ۽ ان جي پٺيان جهلم موج ۽ مستيءَ ۾ گهر گهاٽ ڪندي پئي وهي.

سج لهي، ڏونگرن جي پٺيان وڃي لڪو هو. اسين هٿ منهن ڌوئي، ڪپڙا مٽائي، نديءَ جي ڪناري تي ٽهلندا، پرساز ٿي جا جهلم جي مٿان پل آهي، تنهنتي اچي بيٺاسين. اسان جي

سامهون جهلم ٽپندي، گجي ۽ گهرگهاٽ ڪندي، اسانجي هيٺان وهي پئي. سندس پاڻي ايڏي لوچي هوندي به، بلڪل سوچ هو. آڪٽ آفيس جو هڪ ڪلارڪ اتان اچي لانگهائو ٿيو، تنهن کان پڇڻ تي معلوم ٿيوسين ته هن مڪان کي دوميل انهيءَ ڪري ٿا سڏين جو آتي جهلم ۽ ڪرشن گنگا اچيو ملن ۽ 'دو' (ٻن) جو 'ميل' يا سنگم ٿئي ٿو.

”سو هيءُ ميلاپ - آستان آهي.“ راڌڪا چيو.

”قدرت ته انهيءَ کي ميلاپ - آستان ئي جوڙيو آهي،“ ڪلارڪ وراڻيو: ”پر، منهنجو به منهنجي جيون - ساٿيءَ سان ميلاپ هتي ئي ٿيو. انهي ڪانپوءِ مان هميشه ائين ڀائيندو آهيان ته جن به جوڙن جو قسمت سانگي هتان گذر ٿئي ٿو، تنجو سچو ميلاپ هتي ئي ٿئي ٿو. اميد ته.... نه، نه مونکي پڪ آهي ته توهان کي به اهڙو آزمودو ٿيندو.“

ائين چئي، هو ويندو رهيو. راڌڪا جي ڳلن تي هڪ هلڪيءَ سرخيءَ جو هٽ چانئجي ويو، ۽ هوءَ منهن ڦيرائي، جهلم جي نرت ۽ ناچ ڏسڻ ۾ مشغول ٿي ويئي.

مان به سندس پرسان وڃي ويٺس. ڪجهه وقت پاڻيءَ جي ڇڙڪ - ماريل ڇولن ڏي نهاري، اکيون مٿي ڪڻي ڪانسواءِ چيم:

”راڌڪا - اميد ته مون توکي تنهنجي نالي سان سڏڻ جو اڌڪار حاصل ڪيو آهي -“

”ها، ها، توهين مونکي منهنجي نالي سان سڏي سگهو ٿا. ٻئي ڪهڙي نالي سان سڏيندؤ؟“

”راڌڪا، مان توکان سوال پڇان؟“

هن ٽيرس پرين اکين سان مونڏانهن نهاريو. پوءِ نهايت گنڀيرتا سان چيو: ”پڇو.“

مون ٿورو سوچي، ڪيس چيو: ”راڌڪا، ڪالهه توکي

وڏراهہ ۾ ڏسڻ سان توکي سڌ آهي تہ مون ائين محسوس ڪيو تہ اسين آتمائن جي ڪنهن ساڳئي قبيلي مان آهيون. مون توکي انهيءَ ڪري پنهنجي آتمڪ پيڙ ڪري سڏيو. مان اهو معلوم ڪرڻ لاءِ اڌير آهيان تہ توکي بہ ڪو اهڙو احساس ٿيو.“

راڌڪا ڪيتروئي وقت سوچ ويچار ۾ محو هئي. شفق جي سرخ روشني رات جي سياهيءَ ۾ ٽڪڙي ٽڪڙي جذب ٿيندي پئي ويئي، ۽ آسمان ۾ تارن نڪري جهرمر لائڻ شروع ڪئي. راڌڪا، نيٺ، پنهنجون اکيون مٿي ڪٽي منهنجي منهن ۾ نهاريو، ۽ چيو: ”مون نٿي ڄاتو تہ توهان جهڙو اتمڪ سنبنڌن ۾ وشواس رکندڙ ماڻهو بہ آڌير ٿي سگهندو. اڌيرتا تہ اوشواس جو اهڃاڻ آهي.“

مون مشڪي چيو: ”انسان جو ڄاڻ اپورن آهي، تنهنجو وشواس پلا ڪئن پورن ٿي تو سگهي؟ هنکي تپي تپي تي تصديق جي ضرورت ٿي پوي.“

”مون توهانجو جو پهريات ڪانئي وشواس ڏيکاريو سو شايد تصديق لاءِ ڪافي سبب نہ هو؟“ اهو چئي، هوءَ هوٽل ڏانهن هلي ويئي.

مان چپ چاپ آتي ٿي بيٺو رهيس. پر منهنجي دل ۾ آنند جون لهرون اڇل ڏيئي پئي لڳيون. منهنجو سارو سرير ڦوليو نٿي سمايو. منهنجي هردي ۾ ڪنهن الوڪڪ خوشيءَ جو راڳ، جهلم جي مرڌنگ سان همساز، آلاپجي رهيو هو. قصن ڪهائين ۾ انساني جيوت جي پرڦلتا جا گهٽائي چتر چٽيا هئم، پر اڄ مون محسوس ڪيو تہ اها پرڦلتا سچ پچ ٿيا آهي.

طلب

"آهي جو سيني جيوَن جو ٻج، سوئي آهيان مان؛
نڪي آهي ڪجهه، چرندڙ يا اَچر، جئي جو مون بنان."
[گيتا]

"پڇيوئي تان ڀُور، نات ُ پڇڻ هوءِ مَ پرينءَ کي؛
ڏورڻ واريون ڏُوُر، هڏ نہ آهن هوت کي."
[شاهہ]

(۱)

چندن - واڙي جي برفاني پل تي، چندرما جي چيٽڪ هيٺ، مون سونهن جو سر سهي سڃاتو، ۽ منهنجي ڪايا جا سڀ وڪار ويندا رهيا. مان تن توڙي من ۾ تازو توانو ۽ نؤَ بنو ٿي پيس. پلا، جو سروُ سندرتا جو مشاهدو مائي، انئين محسوس ٿو ڪري تہ اناري عالم سنئون هو پاڻ بہ آن ۾ وسي ٿو، تنهنجي ديهيءَ ۾ روڳ ۽ دل ۾ رقت ڪيئن رهي سگهن ٿا؟

ٻئي ڏينهن، صبح جو، نيرن ڪري، مان وري پل تي آيس، ۽ آنهيءَ مشاهدي کي جهٽي، موزون لفظن ۾ قيد ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳي ويس. ٿوريئي وقت ۾ منهنجي زمان ۽ مڪان جي سرت ميٽجي ويئي، ۽ مشاهدو ۽ آن جو شاهد هڪ ٿي، شعر جي صورت وٺندا رهيا. جڏهن وري سچيت ٿيس ۽ پينسل ۽ نوٽبڪ کيسي ۾ وجهي، نهايت ترپتيءَ سان، هڪ وڻ جي ٿڙ تي آهليس، تہ اوچتو "چندر، منهنجو چندر!" جو آواز

ڪن تي پيو. آواز ۾ مڌرتا ۽ آنند هو، ۽ اُنهن سان گڏ بي انت اُڪير. مون تہ يڪدم سڃاتو تہ اهو منهنجي راڌڪا جو آواز آهي. مون ڏاڍيءَ سڪ ۽ خوشي سان ڪنڌ ورائي، ڏانهس نهاريو. هوءَ ڊوڙندي، مون ڏي پئي آئي. مان يڪدم اٿي، ڏانهنس وڌيس. مون وٽ پهچڻ سان، هن پنهنجون ٻانهون منهنجي ڳلي ۾ ڪٺي وڌيون، ۽ مون کي سيني سان لڳائي، سڏڪن ۾ چوندي رهي: ”چندر، منهنجا چندر!“

نيٺ، جڏهن دل جو جذبو ڍرو ٿيس، تڏهن پنهنجا پٺي ڪومل، نفيس هٿ منهنجي منهن تي گهمائي، منهنجي اکين ۾ نهاري، منهنجي تن ۽ من جي حالت محسوس ڪرڻ لڳي، ڄڻڪ ڏو نہ اونهو ماتري تتو جو پياؤ منهنجي راڌڪا ۾ آهي! آهي منهنجي، ساڳيءَ گجيءَ ليٽيل پيو، پر منهنجي سار سنڀال مٺڙيءَ ماءُ جيان ٿي ڪيائين. مون کي پڪ آهي تہ جن ڏينهن ۾ منهنجي جيوت پاڳاپٽي جي اوڙاه جي ٻنهہ ڪناري تي پئي لڙڪي، تڏهن جي مون کي سندس ماتري پريم و'ري پر گهور نصيب نہ ٿئي ها تہ اڄ نڪو سنون جي قطار ۾ شمار ڪيو وڃان ها، نڪو وري اها سنوائي سريم ها جنهن جي پاڙسندرتا جي سر ۾ آهي.

ڪيس شايد خاطري ٿي تہ مون سان جا ويڌن هئي سامون ڪان موڪلائي ويئي آهي. سندس منهن تي مسڪراهٽ آئي، ۽ چيائين: ”تون مون کي اڪيلو ڇڏي، ڪيڏانهن هليو ويئين؟ مون نڌر جو بہ خيال ڪونہ ڪيءِ!“

مون بہ مشڪي، چيس: ”جيڪي مون اُنهيءَ وقت ڪيو، تنهن لاءِ مون کي جوابدار نهراءِ، مون سان نسورو اَنياءُ ٿيندو.“

هن گنڀير ٿي چيو: ”پر منهنجو بہ خيال ڪونہ پيو؟“

مون وري بہ مشڪي چيس: ”منهنجي راڌڪا ڏنڊين ڏاڍ آهي. جا هڪ انهي مريض جي پرگهور لهي سگهي ٿي، جو

گهڙيءَ گهڙيءَ جي ريچڪ وهٽو هو، جو سنوائيءَ ۽ چريائي جي وچ ۾ ڪنهن به چتاءَ ڏيڻ کان سواءِ پٽي آيو ويو، ۽ جنهنکي پنهنجن اعمالن جي جوابداريءَ جي ڪا به سرت ڪانه هئي، سا صرف پنهنجي سنڀال ڪيئن نه ڪري سگهندي؟"

مون ڏٺو ته منهنجي جواب هنجي من کي تصديق ڪانه ڏني. هن ڪنڌ ڌوڻي چيو: "استري جنهن کي هوءَ پيار ڪري ٿي تنهنجي پر گهور ۽ حفاظت دل و جان سان ڪري ٿي، پر ڪيس وري سندس پر گهور ۽ حفاظت لاءِ پڻ ڪنهن جو احتياج هميشه رهي ٿو. پر، خير. توکي نؤ بنو ڏسي، مان ڏاڍي خوش ٿي آهيان."

منهنجي ڪنن تي ڪنهن جي پيرن جي آهٽ جو آواز پيو، ۽ مون ڪنڌ ورائي ڏٺو ته اسان ڏانهن هڪ نوجوان ڊگهن، ڊگهن قدمن سان پٽي آيو. راڌڪا به هن ڏانهن نهاريو، ۽ منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي، چيو: "چندر، هيءُ مسٽر موهن آمرتائي، سنڌ جو مشهور معروف گرنٿڪار آهي. مون سان مريءَ ۾ ڏيٺ ٿيس، ۽ توکي ڳولي لهڻ ۾ هن جا منهنجي پيا هپ ڪئي آهي، سا بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي."

اتي هو اسان وٽ اچي پهتو، ۽ راڌڪا اسان جي واقفيت ڪرائي: "منهنجو پاءُ چندر، ۽ منهنجو متر، مسٽر موهن آمرتائي."

اسين هٿ هٿ ۾ ڏيئي، ڏاڍي شوق سان گڏياسين. اهو ڇا هو جنهن آنهيءَ گهڙيءَ ئي اسانکي هڪ ٻئي جو سنگتي بنائي ڇڏيو؟ مون آنهيءَ دم محسوس ڪيو ته هيءُ ڪو سنڌاريو ڪونهي. اهو سندس روچڪ گرنٿن پڙهڻ جو نتيجو ته ڪين هو؟ يا، شايد، سروَ سندرتا جي مشاهديءَ ساري سنسار کي منهنجو متر بنائي ڇڏيو هو؟ ڪيئن به هجي، هو منهنجيءَ منزليءَ پيڻ راڌڪا جو متر هو، جنهن ڪري هن لاءِ منهنجي دل ۾

ٻه جاءِ هئي. اڄ ته هو نه صرف منهنجو سچو آهي، پر سونهو ۽ فيلسوف پڻ. هن جي سونهپ سان ئي مون کي ساهتڪ سنسار ۾ ڪا چڱي چوکي جاءِ ملي آهي. هنجي ليکن ئي منهنجي ڪوتا ۾ عام دلچسپي پيدا ڪري، مونکي پرسڌ ڪيو آهي انهيءَ ڪانسواءِ، سندس گفتگو مان ۽ ساڻس بحث مباحثي ڪرڻ سان جو منهنجي من کي فيض ۽ فائدو رسيو آهي ۽ جو رس ۽ مزو منهنجي دل ماڻيو آهي، سو بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي. مريءَ مان ترڪي وڃڻ کان پوءِ جن جن تجربن ۽ آزمودن مان لنگهيس، سي جو اڄ قلم-بند ڪرڻ شروع ڪيا اٿم، تنهنجو ڪارڻ ٻه سندس اِڇا ۽ اُسترڳي آهي. مان پنهنجي حافظي جي اونداهن تنهن مان حقيقتن ۽ حادثن کي ٻاهر روشنيءَ ۾ آڻڻ جي سچي ڪوشش ڪندس، پر جي ڪٿي منهنجي بيان ۾ سلسلي جي اوٽائي پوٽائي ڏسو ته منهنجي انهيءَ سمي جي حالت خيال ۾ آڻي، مونکي معاف ڪجو.

(۲)

مريءَ مان پڄي، سان سڌو سرينگر آيس. وات تي ڇا ڏٺم، ڪهڙا قدرت جا نظارا پسيم، تن جي يادگيري تر ماتر ٻه ڪانه اٿم. مون کي اها ٻه سڌ ڪانهي ته رستي تي ڪيترا ڏينهن لڳم، ڪنهن سان ڏيٺ ويٺ ٿيم، ڇا ڪاڌم، ۽ ڇا پيتم. حافظو برابر ڪئميرا جي فلم مثل آهي، جنهن تي جيڪي ٻه اسانجي جيوت ۾ ٿئي ٿو، تنهنجو چٽ ڪينچجيو وڃي؛ پر انهن چترن ڪينچڻ لاءِ ٻه سچيتيءَ جي روشنيءَ جي ضرورت ٿي ڏسجي. نه ته پلا ڇو منهنجي حافظي جي فلم جو اهو ٽڪر ڪوري جو ڪورو پيو آهي؟ راڌڪا ۽ موهن پنهنجي انهيءَ رستي جي مسافريءَ جا جي سهڻا بيان پنهنجين بيشمار گفتگوين

۾ مونکي ٻڌايا آهن، تن ٻه منهنجي من جي ڪنهن اونداهي ته
کي روشن ڪري، مون ۾ اُنهن جي سانپر ڪانه آثاري آهي.

سرينگر ۾ پهچي، مون ڀڪلم هڪ گهر- ٻيڙيءَ جنهن
کي هائوس- بوٽ ٿي سڏيائون، مهني لاءِ مسواڙ تي ڪئي.
سوٽ- ڪيس سمهڻ واري ڪمري ۾ رکي، دروازو بند ڪري،
مان وڃي بستري تي ليٽيس. اکين بند ٿيڻ سان پنبڻي پنبڻيءَ
سان مڙي ويئي، ۽ مان اهڙيءَ گهري ننڊ ۾ پئجي ويس جو
پورا پندرهن ڪلاڪ مونکي پنهنجي هستيءَ ۽ سنسار جو ڪو
سماءُ ڪونه هو. صبح جي سنڌن اُفق تي ڏيکاري ڏني ته اٿيس.
پاڻ کي الت بهتر ۽ تازو توانو پاتيم، ۽ سنان پاڻي ۽ نيرن
ڪري، مانجهين کي چيم ته هلو ڊل ڍنڍ جي سير تي. صلاح
ڏنائونم ته سير لاءِ شڪارو وڌيڪ ڪارگر ٿيندو. گهر- ٻيڙي
وڏي ۽ ڀاري، گويا هڪ تابوت، سا هلڻ ۾ ڳوري؛ شڪارو
ننڍو ۽ هلڪو، هلڻ جو ڇهو.

سنڌن صلاح وٺي، مان شڪاري ۾ سوار ٿيس. شهر وارو
ڏڪر جلد پٺيان ڇڏي، اڇي پاڻيءَ جي آتاه پکيڙ ۾ پماسين،
پاڻيءَ جي وهڪ جهيڻي، اُلڪي، ۽ اکيان آمي آيچ. چشمه شاهي
کان لنگهي ٿورو اکيان ٿياسين ته هڪ عجيب، دلڪش نماءُ
نظر آيم. هڪ ساوَن درختن سان جهنجهيل پهاڙ جو پاڇو پاڻيءَ
۾ پئي پيو، ۽ ماڻي، نرمل نير ۾ جو پهاڙ جو پرتو ٿي پيو،
تنهن اصلي نماءُ کي شهه ڏيئي ٿي ڇڏي. اُنهيءَ وقت منهنجي
دل ۾ اها اڀلاڪا اُٿي ته جيڪر چتر ڪار هجان ها ته انهيءَ
روشنيءَ ۽ ساڀي جي عجيب بغاوت کي چٽي، آمر ڪري
ڇڏيان ها.

بس، پوءِ ته پاڻيءَ جي آتاه پکيڙ تي منهنجن اکين
ڪلاڪن جا ڪلاڪ پئي آرام ڪيو. ڪٿي ڪٿي جي ڪنهن
وڻراه يا پهاڙ جي سبز نظاري ڪين ڪن پل لاءِ ڇڪيو ٿي ته

به وري اچي، اُنهيءَ ني ئي آرامي تي ٿيون. ڪنول، جنهنجون پاڙون هيٺ پاتال ۾، تنهنجا وڏا پن پاڻيءَ تي پئي تريا، اڇا سندس ڦلارجڻ جي رت ڪانہ هئي. اُنهيءَ نرمل نير جي وشال نظاري مان نہ فقط منهنجين اکين کي آرام ٿي پئي پيو، پر منهنجي دماغ جي تنتن تي مفرح نار جو اثر پئي پيو ۽ منهنجي ردي کي راحت پئي آئي؛ ۽ مون ائين پاتيو تہ منهنجي درد جو دارون، منهنجن وڪارن جي آوڪد، مونکي هتان ئي حاصل ٿيندو. قدرت جا ڪومل هٿڙا منهنجن ڦٽن تي مرهم مکڻ لاءِ ويجها پوندا پئي آيا، ۽ مون پنهنجي چاڪ ٿيل دل کي چاق ٿيندو محسوس ڪيو.

پئي ۽ ٽئين ڏينهن بہ ڏٺڻ ۽ آهه اکين منهنجين آب مان آنوپ آوکد پئي پيتي - ڪروڙا ۽ ڪلياڻ پري. منهنجي جڏي جٺي ۾ جيوت جا نوان جذبا اُٿڻ لڳا. منهنجون ٿڪارون ٿيل تنتون تندرست ٿيڻ لڳيون. من ۽ دماغ کي شانتي اچڻ لڳي. مون پاتيو ....

ٽئين ڏينهن، واهيري جي ويل هئي. شفق جون سرخيون ۽ سونهريون رات جي سياه پلاند ۾ منهن لڪائڻ تي هيون تہ هڪ شڪارو اچي پرسان لنگهيو. شڪاري ۾، گاديءَ تي، هڪ سندر اپڇرا ويٺي هئي. شفق جي سرخ روشنيءَ ۾ هن جو حسن ڀڪيو پئي. سندس وڏيـن، نمڪين اکين ۾ نـور پئي جهلڪيو. منهنجيون اکيون منجهس وڃي کتيون - هڪ اڌامندڙ لحظي لاءِ. شڪارو پاسي کان گذر ڪري ويو، ۽ هن سندريءَ جو درشن پاڻسان ڪڻندو ويو.

مـان ڪـا گهڙي سن ۾ سمائجي ويس. آهستي آهستي ليلان، منهنجيءَ مٺڙي، امڙ محبوبڙيءَ، جـي تصوير منهنجي تصور ۾ چٽي ٿيڻ لڳي. ڪيتري مدت کان مان ڪنهن اهڙي مانسڪ غش جي حالت ۾ غرق رهيو هوس، جو ليلان مونکان

ٻنھ وسري ويئي ھئي. گذشتہ جون سڀ يادگيريون اڏين پئي ڀانيو ت. ميسارجي ويئون ھيون. قسمت جـي اوچتيءَ جھڙپ مونکي اُنھي عالم ۾ ڪٽي ھنيون ھو، جو عميق اونده جو اوڙاھ ھو، جنھن ۾ سچيتيءَ جي سوجھري جو ھڪ ترورو بہ داخل ٿي نٿي سگھيو. انھيءَ مانسڪ اونداھي ۾ مون ھڪ آجنبيءَ جي مثل پئي ھٿوراڙيون ھنيون ۽ پنڌ پيچرو ڳوليو. اونده جا تھ ڏينھون ڏينھن منھنجي من تي گھاٽا ۽ ڳورا ٿيندا پئي ويا ۽ مان اُنھن جي بار ھيٺان ڍرڪندو پئي ويس.

آڄ ھن رھگذر سندريءَ جي موھڻي مورت ڏسڻ سان، منھنجي من تان رھيا کھيا اونده جا تھ ٽڙي پکڙي ويـا، ۽ ليلان جـي لازوال سونھن منھنجي اکيـن اڳيان سوکم روپ وٺي بيٺي.

منھنجي دل، نئين سر، ليلان لاءِ تڙڦڻ لڳي. ھن جـي اوچتي موت منھنجي جيوت ۾ ھڪ خال وجھي ڇڏيو ھو، ۽ اڄ مان مانسڪ اڪيلائي جي ويراني ۾ سندس سپرش لاءِ واجھائڻ لڳس. سندس ڳول، وڏيون، منير اکيون وري ڏسڻ لاءِ سندس جسم جي نفيس ڪوملتا جـي ڇھاءَ لاءِ، سندس مٺڙي پاٻوھ جي پسڻ ۽ سندس مٺي، دل - لڀائيندڙ جھڻ - جھڻ آواز ٻڌڻ لاءِ منھنجي دل وري وري واجھائڻ ۽ بي چئن ٿيڻ لڳي. مون آتي دکہ ۾ پنھنجيون اکيون پنھنجن ھٿن ۾ ڪٽي ٻوريون. جڏھن ڪجھہ وقت گذرڻ بعد ڪنڌ مٿي ڪنيم تڏھن چوڌاري اونده انڌوڪار ھو، ۽ شڪارو گھر - ٻيڙيءَ ڪي ويجھو پوندو پئي آيو.

اُھا رات منھنجي جوڳہ جي رات ھئي. انھيءَ رات آخرين فيصلو ٿيڻو ھو تہ مان ھيءَ مانسڪ جھلڪ ڪاٽي چڙھندس، يا ھميشہ جي لاءِ ديوانن جي دنيا ۾ داخل ٿيندس.

گھر - ٻيڙيءَ ۾ گھرڻ سان مان سڌو ڊرائنگ روم ۾

ويس، ۽ دروازو بند ڪري، هڪ ڪوچ تـي وڃي ڪريس.
ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪنهن سماڌيءَ ۾ محو هوس. پر اها
سماڌي شانتي - بخش سماڌي ڪانہ هئي. منهنجي مـن ٻوساٽون
پئي ڪاڍيون. واهہ واچوڙي ۾ جهپيل جهاز جيان، آمنگن ۽ اڇائن
جي چال - مارينڌڙ ڇولن ۾ منهنجي من آڇلون پئي ڏنيون. نہ
هو اوهي نہ واهي، واهر نہ وسيلو، نہ آجهو نہ آسرو.

جئن سمنڊ جون ڇولون، طوفان ۾، ڀاڻ ڀڇاڙي، ڀڇاڙي،
نيٺ ماٺ تي وينديون آهن، ۽ مٿن هڪ عجيب شانتيءَ جي
فضا ڇانئجي ويندي آهي، تئن منهنجي من تي بہ لاڪي جي
مهل، جڏهن اوير ۾ اُفق آشا جي مشڪ سان منور ٿي، تڏهن
هڪ مهاشانتي ڇانئجي ويئي، ۽ مونکي مٺي، ماکڻي ننڊ اچي ويئي.

(٣)

منجهند جو سجاڳ ٿيس تڏهن منهنجيون اکيون صاف
۽ منهنجو من تازو توانو هو. جيتوڻيڪ دل ۾ هڪ اونهو ٻولار
پئي محسوس ڪيم، تہ بہ منهنجو من پوري پوري ميزان ۾ اچي
ويو هو. پنهنجي جيوت، برابر، آپورن پئي ڀاسيم، پـر انهيءَ
احساس منهنجي من کي مروڙي، ڏونڌاري، آن کي ڇني ڦاري،
مونکي ديوانن جي دنيا ۾ نئي ڏڪيو. مـانسڪ سچيتي مونهہ
اهڙي سبر تي هئي، جو من جي هيئين تهن جي حرڪت تي
سندس ضابطو قائم رهيو ٿي.

سنان پاڻي ڪري، منجهند جي ماني کائي، مان شڪاري
۾ ويهي، دل ڊنڊ جي سير تي نڪتس. هرهڪ نظاري مان مون
کي نئون لطف اچڻ لڳو. منهنجي دل هلڪي هئي. قدرت جا
سر سبز، سهڻا مظهر منهنجي شاعراني اک مان لنگهي، منهنجي
من ۾ ڪوتا جو روپ وٺڻ لڳا.

هڪ هنڌ، جتي پاڻيءَ تي ترندڙ باغات بيٺي هئي، اُتي شڪارو بيهاري، مان سج جي پهاڙن جي پٺيان غروب ٿيڻ جي مشاهدي ماڻڻ لاءِ ترسيس. سج لهڻ ۾ اڃا پنجن ستن منٽن جي دير هئي. هڪڙو شڪارو چپ چاپ، منهنجي شڪاري جي پرسان اچي بيٺو. پنهي شڪارن جي وچ ۾ مفاصلو وال کن جو مس هو. مون اکيون کڻي نهاريو. شڪاري ۾ ساڳي ڪالهوڪي سندري ويٺي هئي. سندس پرسان، سندس ڏي ڏهيءَ جو هڪ جوان ويٺو هو. منهنجي ڏانهن نهارڻ تي، پنهي مشڪيو. منهنجن چپن تي به ورندي مشڪ آئي. سندريءَ جي ساٿيءَ پڇيو: "توهين به شايد هتي سج کي آست ٿيندو ڏسڻ لاءِ ترسيا آهيو."

پرشن هندستانيءَ ۾ هو. مون به هندستانيءَ ۾ جواب ڏنو: "هائو، ڏينهن جي رات - رانيءَ سان وواه جو جشن ڏسڻ لاءِ."

سنجها جي سانت واهو منڊل ۾ ڪنهن روپي گهنڊيءَ جو وڻندڙ آواز منهنجي پرسان اُتپن ٿي، اننت ۾ پکڙجي ويو. سندري ڏاڍيءَ ڪوملتا سان ڪلي رهي هئي. مون ڏانهس نهاريو. سندس نيلين اکين ۾ مڇلائيءَ جي موهڻي جهلڪ هئي. ڪلندي ڪلندي چيائين: "اونداهي آڪاس جي مهاري ۾، رات جو، ڪنوار اڪيلي واساما ڳائيندي ويٺي رهي ٿي."

مون مشڪي، پنهنجي بچاءَ ۾ چيو: اڪيلي نه. سندس ڪانڌ ساڻس اهڙو ته ليهتجيو وڃي، جو سندس جدا وجود جو نشان ئي ڪونه ٿو رهي."

هوءَ گنڀير ٿي ويئي، ۽ ورندو ڪجهه ڪين ڪڇيائين. سندس ساٿيءَ، مشڪندي، پڇيو: "اوهين شايد چترڪار آهيو؟"

مون ڪنڌ ڌوڻي، چيو: "نه. مان انهن جزوي ديوانن مان آهيان، جي سدائين سونهن جو سر ڳولي لهڻ جي ڪوشش ۾ مشغول آهن ۽ جن جا آزمودا ڪوتا جو روپ وٺن ٿا."

هن جون اکيون مون تان ڦري، اولهه ڏي ٿيون، ۽ هن

واڪو ڪري چيو: ”اِجهو، سج آست ٿو ٿئي.“

سج ڏونگر پٺيان وڃي لڪو ۽ آڪاس منڊپ طرح طرح جي رنگن سان ٻهڪڻ لڳو. پريان پهاڙ تي برف جي ڪُلن تي سرخي ڇانئجي ويئي. انهن پٺي پانيون ته رات رائيءَ جي ساهيڙي گهوٽ ۽ ڪنوار جي ميلاپ تي پنهنجي حيا جو اظهار ڪري رهي هئي. پاڻيءَ ٿان پهاڙن جا پاڇولا غائب ٿي ويا، ۽ هڪ مٺي، سانت، ـ مي روح جر، وايو ۽ ونسپتيءَ تي واسو ڪيو. منهنجي آتما کي آها شانتي آئي جا هزارها مرهمن کان وڌيڪ اڪسير هئي.

مون پرواري شڪاري ڏانهن نهاريو. سندري آسمان جا ڪن ڪن ۾ قرندڙ روپ ڏسي گد گد ٿي رهي هئي، ۽ سندس پرسان سندس ساٿي ڪنهن سماڌيءَ ۾ لين هو. مون تي نظر پوڻ سان، پنهنجي وات تي آڱر رکي، مون کي ماٺ ۾ رهڻ جي تاڪيد ڪيائين.

اڌ ڪلاڪ کان پوءِ هو سماڌيءَ مان اُٿيو. سندس منهن ۾ ڪنهن آتمڪ مٺيا جي جهلڪ ڏيکاري ڏني. مون ڏي نهاري چيائين: ”ڪهڙو نه سندر درشيہ!“

”توهين شايد چترڪار يا ڪوي آهيو؟“ مون پڇيو:

هن بيحد گنڀيرتا سان چيو: ”هـا، مان هڪ ساڌارڻ چترڪار آهيان جنهن پنهنجي ڪاريہ ۾ اڃا پرقلتا حاصل نـہ ڪئي آهي.“

”دل ۾ ڪو سپنو آئـو، ڪو آدرش،“ مون چيو: ”جو ڪئنوس تي برش سان، هزارها ڪوشش ڪندي بہ، روپ نٿو وٺي.“

هن تعجب ۾ مون ڏانهن نهاريو، ۽ پوءِ ڪلي چيائين: ”ڪلا ـ ڪارئي ڪلا ـ ڪار کي سڃاڻي ٿو. توهين بہ تہ ڪوي آهيو. توهين پنهنجي سپني کي موزون لفظن جو لباس ڍڪائڻ

جي ڪوشش ڪريو ٿا ۽ چترڪار رنگن جي رستي آن ڪي روپ ڏيڻ جي آدم ۾ پيو پاڻ پتوڙي. آدرش جو نواس پورن ديس ۾ آهي. ڪيترائي پيرا منهنجي من ۾ اِها شنڪا اُٿي آهي ته جيڪي پورن ۽ مڪمل آهي، سو هن اَپورن سنسار جي اَپورن ذريعن دوران پنهنجي ذاتي صورت ڪيئن پسائي سگهندو؟ پر ڪلا - ڪار جو هٺ آدم ڪرڻ کان رهي ئي نٿو."

منهنجي دل ۾ هن آجنبيءَ لاءِ ڀراتري ڀاؤ پيدا ٿيو. هنجي آتما طالبن جي آتمائن جي ڪڙم مان هئي. انهيءَ ڪري هو منهنجو آتمڪ ڀاءُ هو. اسين ٻئي ساڳئي مارڳ جا پانڌيئڙا هئاسين. ساڳين اُمنگن ۽ ساڳين سپنن، ساڳئي قسمن جي آدمن ۽ ساڳئي قسم جي ناڪاميابين ــــ ڇا انهن اِنهيءَ جو آهڃاڻ، انهي جي تصديق ڪانه ٿي ڏني؟

مون ڀراتري اُمنگ مان چيس: "اهو نيڪ آهي، منهنجا ڀاءُ. اسان ۾ اهو ڪجهه آهي جو اسانکي سک سمهڻ نٿو ڏئي اسانجون مرادون اسانجي نموني پوريون ٿينديون يا ٻئي ڪنهن نموني، اهو ايشور تو ڄاڻي."

هن هڪ ٿڌو ساهه ڀريو. ڪن ماتر هنجون اکيون بند ٿي ويون، پوءِ، مون کان پڇيائين: "توهين هتي ڪشمير ۾ سير ڪرڻ آيا ٿا ڏسجو: مـان توهانجي ديس جو نالو ڄاڻي سگهان ٿو؟"

"اسان ڪلا - ڪارن جـو ديس آديس آهي،" مون وراڻيو؛ "پر منهنجو جنم سنڌ ديس ۾ ٿيو هو."

هن ڏاڍي ڀريم سان پڇيو: "هتي مان توهانجي ڪا ڪار خدمت ڪري سگهان ٿو؟ حبا ڪدل جي ڀرسان رهندا آهيون. ڪشمير نواسي آهيون منهنجو نالو سروپ آنند آهي. هيءُ منهنجي ڀيڻ سودامني آهي. هن سال بي. اي. جو امتحان ڏنو اٿس. ڪوتا پڙهڻ جو نهايت شوق اٿس. اسين ڄاڻي سگهون ٿا ته توهين ڪٿي لٿل آهيو؟"

”مان هڪ گهر - ٻيڙيءَ ۾ لتل آهيان،“ مون ورائيو. ”سڀاڻي شام جو پنجين بجي جي مونسان گڏ چانهه اچي پيو ته وڏي عنائت.“

”مهماني اسان کي ڪرڻ گهرجي يا توهان کي؟“ سودامنيءَ کلندي چيو. ”سڀاڻي منجهند جي ماني اسان وٽ کائڻي پوندو.“

اول نينهن مون ڏني. اها اوهين سنيڪار ڪريو. پوءِ ٻئي ڏينهن مان خوشي سان اوهانجي مهماني قبوليندس.“

”پر اوهان پنهنجو نالو ته ٻڌايو ئي ڪونهي!“ سودامنيءَ چيو.

”پاڻ وسارڻ ته منهنجي عادت تي ويئي آهي،“ مون کلندي چيو. ”منهنجو نالو چندر آهي، ۽ منهنجي گهر - ٻيڙي ’لال مندرءَ‘ جي سامهون سارو ڏينهن بيٺي آهي. سندس نمبر ١٥١ آهي. توهانکي ڳولڻ ۾ ڪابه تڪليف ڪانه ٿيندي. آڌي سائي رنگ واري اهائي هڪڙي گهر ٻيڙي آهي.“

ٻئي ڏينهن، شام جو پنجين بجي، سروپ آنند ۽ سودامني منهنجي غريب خاني، گهر - ٻيڙيءَ ۾ مونسان چانهه تي ويٺا. سروپ آنند جي منهن ۽ گفتار مان خوش - مزاجي ۽ خوش - خلقي پئي بکيا. مٿي تي اچو پٽڪو ٻڌل هوس، ۽ بت تي شيرواني ۽ چوڙيدار پتلون هيس. سندس البت ڊگهي، گوري منهن مان رت پئي ٽميو، ۽ نرڙ تي چندن جو سينڌ تلڪ ڏنل هوس. سندس گفتار شيرين ۽ تهذيب واري هئي. ڪالهوڪي گنيپرتا واري ڀاو، فقط ڪنهن ڪنهن مهل، سندس گفتگو مان لڪي ليو ٿي پاتو.

سودامني، سندر، سروقد، منهن توڙي جسم جي ڊول ۾ موهني، پنهنجي آسماني ساڙهي ۾، جنهنجي ڪنار تي زردوزيءَ جو عجيب ڪم ٿيل هو، اندر لوڪ جي اپڇرا پئي لڳي.

سندس چهرو البت گنڀير هو.

چانهه پوري ڪري، پيڙيءَ جي ڪنڌ تي وچي ويناسين، ۽ اسان جي روح رهاڻ شروع ٿي.

"اوهانجو ديس اٿاه آتمڪ ڌن ڪان مشهور آهي،" مون چيو. "هتي جي سوپينڪ، ايڪانت استانن ۾ ڪيترن ئي مهاتمائن ستيم جي سروپ جو درشن پاتو هوندو. هتي جو وايو منڊل آتمڪ اُمنگن جي برقي لرزشن سان ڀريل آهي. هي آمئي سندرتا هي انُوپ درشيه، آتمڪ سرت جا دروازا آهن."

"توهين جهڙڪي چئو ٿا سو برابر آهي،" سروپ آنند چيو؛ "پر تنهن هوندي به، هندن وانگر هتي به جڙوادي جيو ملندا جن جي جيوت جو اُديش صرف عيش عشرت، يا سرير جي پالنا، ۽ مايا ميڙڻ آهي. مان ڀانيان ٿو، انسان جسماني زندگيءَ جي طبقي تي آهي يا روحاني راهه جو پانڌيڙو، سو سڀ سندس وڪاس جي درجي تي منحصر آهي."

"ائين برابر آهي،" مون سائس شامل-راءِ ٿي چيو "منهنجو هن ڳالهه چورڻ جو مطلب صرف اهو هو ته توهان ڪان پڇان ته ڪشمير جي سرگ-ڌام ۾ ڪهڙي قسم جا ڪوي ٿيا."

"آنهي جي جواب ڏيڻ جي قابليت منهنجي ڀيڻ سوداميني ئي رکي ٿي. ڪيس انهي وشي جي جيتري ساهيت آهي اوتري مونکي ڪانهي."

سودامنيءَ جي ڳلن تي حيا ڪان ٿوري سرخي آئي مان ڏانهنس نهاري، جواب جو انتظار ڪري رهيو هوس. "للہ ايشوري چوڏهين صديءَ ۾، هڪ مڪت آتما ٿي گذري آهي. سندس ڪوتا روحاني آزمودن ۽ آتمڪ گيان سان ڀريل آهي. چون ٿا ته سندس واڪيه واچڻ سان ماڻهو مڪت ٿيو وڃي."

"انهيءَ آتم-گياني ڪويءَ جي جيون چرتر ۽ ڪوتا

مان مونکي ڪجهه واقف ڪريو ته اوهانجو عين احسان،“
مون چيو.

سوداني کنهن به هڪ ڪانسواء چيو: ”سلطان علاوالدين ڪشمير جي ٽئين مسلم ڪاڪم، جي راڄ ۾، سرينگر کان چار ميل پري، پندرنٿن جي ڳوٺ ۾، سندس جنم ٿيو. وڏور ٿيڻ تي سندس وواه به انهيءَ ڳوٺ ۾ ڪرايو ويو. ساهري گهر، سسڻس سندس حياتي وهه ڪري ڏني. هن صبر ۽ سنتوش سان آنيڪ ڪشٽ سٺا، پر نيٺ جڏهن سندس ڏک آسمهه ٿيو، تڏهن هڪ ڏينهن گهر ڇڏي، جهنگ منهن ڏيئي، هلي ويئي. هن ڪيترائي در پيٺيا ۽ ڪيترن ئي سنتن ۽ الله اوکن جي صحبت ڪئي. پوءِ اپياس ڪيائين ۽ تن کي تسيا ڏنائين. هوءَ ڪنهن آمولهه وستوءَ جي ڳولا ۾ هئي. هن هزارين جتن ڪري، آها پاتي. جڏهن وشوَ درشن نصيب ٿيس، تڏهن سندس مکم مان واک نڪتو:

ڳگن ڙي بوتل ڙي
ڙي دن پون ته رات؛
ارڪم ڙندن پوش پؤن ڙي
ڙي چوڪ سڪل يي لاگزي ڪياه.

”تون ئي آڪاس آهين، ۽ تون ئي پرٿوي. تون ئي ڏينهن آهين، ۽ تون ئي هوا ۽ رات. تون ئي آرگ، چندرن ڦل ۽ پاڻي آهين. تون ئي سڀ ڪجهه آهين: تنهنجي پوڄا مان ڇا سان ڪريان؟.“

سوداني لله ايشوريءَ جو اهو شبد اهڙيءَ مڌرتا سان اُچاريو جو مان گدگد ٿي ويس. مون منگم وچان چيو: ”ها، ها. سچي جگياسن کي اهو ساڳيو درشن پراپت ٿيو آهي — هرڪنهن ڪال ۽ هرڪنهن ديس ۾. انهيءَ ڪانسواء سچي شانتي ڪانهي، سچو آنند ڪونهي. انهيءَ جي پراپتيءَ سان

ڏکہ لڪائي ڪونہ ٿو، جاڪوڙ جيءَ کي جهوري ڪانہ ٿي.
سنسار جا پانت پانت ڪاريہ ۽ آڪار، ڏکہ ۽ سکہ، هڪ اننت
ليلان ۾ پاسن ٿا. انهيءَ ليلا جي ڏسڻ توڙي اُن ۾ ٻهري ونڻ
سان، ساڪيءَ کي هڪ آتي سکہ اچي ٿو. سيني مهاڪوين جي
ڪوتا انهيءَ جو ثبوت آهي"

"سڀ ڪلاڪار انهيءَ درشن جي ڳولا ۾ آهن،" سروپ
آنند چيو. "هنن جي وجود ۾ سرو-سندرتا جي پسڻ جي آپلاڪا
آهي. قدرت جا خوش-نما نظارا ۽ انساني صورت ۽ سيرت جا
مظهر سندن دل ڪجهہ وقت لاءِ مسرور ڪن ٿا، پر اها خوشي
ڪن پنگر جي کيل جيان آهي. جيسين هو سرو سندرتا جو درشن
نٿا پائين تيسين سندن آتما سدائين بي چئن ٿي رهي."

"مزو وري ڪهڙو،" سودامنيءَ چيو، "جو ڪلا-ڪار،
ڪوي يا چترڪار، جو سندرتا جو سيڪڙو آهي توڙي سنت،
جو ست جو ڪانکي آهي، انهيءَ ساڳئي درشن ۾ پنهنجو
آديش پائي ٿو!"

"ها-اهوئي تہ وحدت جي اصول جو ثبوت آهي،"
موں چيو.

اولهہ ۾ سج لهڻ جي تکين تيارين ۾ هو، ۽ اسين ٽيئي
انهيءَ جو عاليشان نماءُ ڏسڻ ۾ مشغول ٿي وياسين. اڄ ته
وري سروپ آنند تي سماڌيءَ جي حالت طاري ٿي. سودامني
۽ مان ماٺ ۾ ويٺا هئاسين. منهنجي چيتنا ۾ ٻن سندرتائن جو
ميلاپ پئي ٿيو: هڪ شفق جي ۽ ٻي سودامنيءَ جي. سودامني
منهنجي من ۾ سندرتا جي ديويءَ جو روپ ٿي بيٺي ۽ سندس
پنهان نيلي آڪاس ۽ شفق جي سرخين جي سوڀيا هئي ۽ سندس
جرنن وٽ ڏيند جو سوچ، نرمل نير مانيٺي وهڪ سان پئي وهيو.
انهيءَ سندر درشيہ منهنجي هردي کي آنندت ڪيو ٿي،

پر انهيءَ آنند ۾ لهر يا جذبات جي لرزش بنهہ ڪانہ هئي، انهيءَ مهل، جو آنند مون محسوس ڪيو سو صرف شانتي - بخش آنند هو.

*　　　*　　　*

رات جو مني، گهري، صحت - بخش ننڊ آيم. آسر جو سجاڳ ٿيڻ کان اڳ ۾ هڪ سپنو لڌم، جو بيان ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان، جو اهو شايد ايندڙ حادثن تي ڪا روشني وجهي.

مان ڪنهن گهاٽي ٻيلي مان پيو گذر ڪريان. ڀات اونداهي لڳي پيئي آهي، اهڙي جو اک نہ ڏسي مچ ڪي. اوچتو يڪدم سوجهرو ٿئي ٿو. سج جا ڪرڻا، درختن جي گهاٽين ٽاڙين مان جهد ڪندا، ٻيلي اندر داخل ٿين ٿا. سڄو ٻيلو طرح طرح جي پکين پرندن جي لاتن سان گونجيو آئي، ۽ وڻن ٽڻن تورڙي پکين جي مڌر ڪننن مان منهنجي ڪن تي آواز پوي ٿو: ”ليلان وري جنم ورتو آهي! ليلان وري جنم ورتو آهي!“

(۵)

”سودامنيءَ پنهنجن هٿن سان هيءَ رسوئي تيار ڪئي آهي،“ سروپ آنند جي ماءُ چيو.

سروپ - آنند ۽ سودامنيءَ جي ماءُ ڀيڻ جو سروپ هئي. سندس منهن سان ڀيڻي ڀاؤ پئي بکيو. بدن ۾ البت پريل هئي، پر منجهس جوانيءَ واري سونهن جا آثار اڃا ظاهر هئا. جيتوڻيڪ سندس ڀيڻي ڀاوَ آنهيءَ کي الوڪ رنگہ ڏيئي ڇڏيو هو - منهنجي آجيان ڪيائين! آها نہ جاءِ ليپس جتي مون کي وهاري، گهر آڳاٽي زماني جو هون، پر ڪشادو ۽ محفوظ - هرهڪ ڪمرو سادگيءَ، پرلطافت سان سجايل هو. اوطاق ۾ فرش تي هڪ يارقند جو نمودار نمدو پيو هو، جنهنتي هڪ هيٺائين آڪروت

جي ڪاٺ جي ٽپائي رکي هئي. ٽپائيءَ تي جو اُڪر جو عمدو ۽ نازڪ ڪم ٿيل هو، سو لاشڪ تحسين جوڳو هو. ٽپائيءَ تي هڪ چانديءَ جو چنار جو پن رکيو هو، جنهنتي ڪاريگريءَ جي نزاڪت دنيا جي ٻئي ڪنهن ديس ۾ نه ملندي. نمدي جي هڪ پاسي ڀر تي طول رکيا هئا سروپ جي ماءُ ور ور ڏيئي، پنهنجي 'غريب خاني' جو ذڪر ٻئي ڪيو ۽ چيو: "اسين پراچين زماني جا ماڻهو آهيون. جهوني جاءِ آهي، آباڻو آجهو آهي، اڄڪلهہ جي زماني جي سجلائي اسان وٽ ڪٿان اچي؟ اُميد ته توهين سوڪا ويٺل آهيو، گرمي ته ڪانه ٿي ٿئيو؟" ٻاهران ڍنڍ تان هڪ هلڪي، سيتل هير دريءَ مان گذر ڪري اندر آئي، ۽ مون خوش-خلقيءَ سان مشڪي چيو: "نه، امين، مان ڏاڍو سولو ويٺو آهيان. هت ٻنهہ فرحت لڳي پيئي آهي."

"مان وڃي توهان جي رسوئيءَ جو بندوبست تي ڪريان،"
چئي، هوءَ نمدي تان اُٿي. هرڪنهن ملڪ جو ڀرويس پنهنجو آهي. ڪيس "ڦرن" پيو هو، جو ڳچيءَ وٽان شروع ٿي ٿيو ۽ مُرن تائين وڃي ٿي رسيو. "ڦرن"، اسانجي سندي آبي وانگر، هڪ قسم جو وڏو، ڍڳهو پهران آهي، ۽ بناوت ۾ ڪراچيءَ جي مڪراني پيرن ڪي ڀريل جبن جهڙو آهي. ڳهٽو ڪري رنگين ريشم جو ڀهيل ٿئي ٿو.

"اوهين ڇوٿا تڪليف وٺو،" مون چيو: "سوداسي پاڻهين هرڪو بندوبست ڪندي."

"واه!" هن چيو: "انهيءَ ڪي وري تڪليف چئبو آهي! اهو ته گهر-ڌياڻيءَ جو ڌرم آهي." ائين چئي، هوءَ مشڪندي، ڪمري مان هلي ويئي.

سروپ آنند، جو منهنجي پرسان ويٺو هو، تنهن خوشيءَ مان چيو: "توهين ته اڄ سان اميءَ جي دل ۾ پيهي ويا آهيو."

چتر ۾ هڪ اهڙي خصوصيت هئي، جنهنجي ڪري اُهي سڀ رواجي چترن کان نرالا ٿي پيا. نرالائي نقطہ نگاهہ ۾ هئي يا رنگن جي ملاوت ۾، چترڪار جي من ۾ يا چترن جي ڇهن ۾، پر انهيءَ ۾ تہ ذرہ ماتر بہ شڪ ڪونهي تہ انهيءَ اُنهن چترن کي هڪ قسم جي يڪانگي ۽ شخصيت بخشي ٿي. سروپ آنند ڪو معمولي چترڪار ڪونہ هو. هن جي من ۾ ڪو پورنتا جو آدرش ٿي ڏنو، جنهنکي هن رنگن جي ذريعي روپ ۽ آڪار ۾ مجسم ڪرڻ ٿي گهريو.

مان چتر ڏسي، نهايت مسرور ٿيس، ۽ ڪيس ڪراهتڙي پاتي، اچي سندس ڪلا جي ساراهہ ۾ پلتيس: ”هرهڪ چتر ۾ جيوت جو اُمنگ پربل آهي ۽ هرهڪ چتر ۾ چترڪار جي آپهچ آدرش جو اُهاءُ آهي. تون آمر ڪلاڪارن مان آهين، سروپ آنند. هي چتر معمولي، مرده وستو ناهن: هي آدرش ديس جا زنده جيوَ آهن. مان هڪ نماڻي ڪلاڪار جي حيثيت ۾ توکي نمسڪار ٿو ڪريان.“

سروپ آنند ٻئي هٿ جوڙي، چيو: ”مان اوهانجي انهن شڀ لفظن لاءِ اوهان جا ٿورا ٿو مڃان. مان انهيءَ ساراهہ جو لائق ڪين آهيان. پر اچو تہ توهان کي هڪ ٻيو چتر ڏيکاريان جو مون ڏاڍي پريم ۽ محنت سان ڪيدو آهي.“

سوداmني جا هيلتائين چپ ٻيٺي هئي، تنهن ٻاهُ کي روڪي چيو: ”پر آهو تہ منهنجو مالڪ آهي.“

سروپ آنند مٺي پاٻوهہ سان وراڻيس: ”اچا نہ، تنهنجي سالگرهہ تي تنهنجو ٿيندو.“

مون ڏٺو تہ سوداmني منهنجي انهيءَ جي ڏسڻ ۾ خوش ڪانہ هئي. منهنجو حرص آهو ڏسڻ لاءِ تهائين وڌيو.

سروپ آنند پٺ جي ڪٻٽ مان هڪ چتر ڪڍيو، جو ساٿي، زمرد ريشم جي ڪپڙي ۾ ويڙهيل هو. هن آهو آڻي،

مون چرچي جي نموني چيو: "تڏهن تعليم ونئي ڪري ٻه استري- ڪرتب وساري ڪونہ ڇڏيو اٿس! اسانجي ديس ۾ تہ ڪاليج پڙهيل ڇوڪرين کي رڌڻ پچائڻ ۽ گهر جي هاج ڪان اڪثر عار ٿيندو آهي. هن ديس جون ڇوڪريون سڌاتوريون ٿيون ڏسجن."

"ابا، هتي بہ اڪثري ڪاليجي تعليم جو ساڳيوئي اثر ٿو ٿئي،" اميءَ چيو. "پر سوداميني سهس- لڇڻي آهي. جهڙو ڪوتا ۽ ڪلا ۾ پڙ آهي، تهڙيائي رڌڻ پچائڻ ۽ سبق پرڻ ۾."

اڄ پهريو دفعو سوداميءَ جي ڳلن تي سرخي آئي. مون بہ چيو: "گهر ۾ اهڙي نينگر بہ وڏو سڀاڳ ڇئبو."

"جوتشي تہ چون ٿا تہ هوءَ چاڙهي ٿي دکي آدمائن کي آنندت ڪرڻ لاءِ آهي،" اميءَ چيو.

سوداميني ڳالهہ ڦيرائڻ جي ارادي سان صلاح ڏني تہ "آچو تہ سروپ آنند جو چٽر آليہ ڏيکاريانوَ."

"واه! انهيءَ جهڙو ڪو مزو،" چئي، مان اٿيس. سروپ آنند، سوداميني ۽ مان ڪاٺ جي سيڙهي چڙهي مٿي وياسين. جتي سيڙهي پوري ٿي، اتان ٽي دروازا جدا جدا طرف هئا. ساڄي هٿ وارو دروازو کولي، سروپ آنند اسانکي اندر وٺي هليو.

ڪمري جي ديوارن تي چٽر ٽنگيا پيا هئا. هڪ پاسي آڌورا چٽر پيٽ سان لڳا، اڀتا رکيا هئا. گهوڙيءَ تي هڪ ڪاٺ جو چونڪ رکيو هو؛ جنهن جي اندر ڪئنوَس سوٽ ۽ ٽاٽ بيٺو هو؛ ۽ ڪئنوَس تي هڪ نئين چٽر جو صرف خاڪو نڪتل هو.

سروپ آنند پيٽ تي ٽنگيل چٽرن ڏانهن وٺي هليو. هڪ هڪ چٽر مون ڏاڍيءَ سچيتيءَ سان نظر مان ڪڍيو. گهڻا ئي تہ قدرت جي نظارن جا نقش هئا— چنار جي درختن، ڪنول جي گلن، ڍنڍن ۽ پهاڙن، ۽ آسماني آرائشن جا. پر هرهڪ

چٽر ۾ هڪ اهڙي خصوصيت هئي، جنهنجي ڪري اُهي سڀ رواجي چٽرن کان نرالا ٿي پيا. نرالائي نقطهٔ نگاهه ۾ هئي يا رنگن جي ملاوت ۾، چٽرڪار جي من ۾ يا چٽرن جي چهنن ۾، پر انهيءَ ۾ ته ڪو ٻه ماتر به شڪ ڪونهي ته انهيءَ اُنهن چٽرن کي هڪ قسم جي يگانگي ۽ شخصيت بخشي ٿي. سروپ آنند ڪو معمولي چٽرڪار ڪونه هو. هن جي من ۾ ڪو پورنتا جو آدرش ٿي ڏنو، جنهنکي هن رنگن جي ذريعي روپ ۽ آڪار ۾ مجسم ڪرڻ ٿي گهريو.

مان چٽر ڏسي، نهايت مسرور ٿيس، ۽ ڪيس ڳراهٽڙي پائي، اچي سندس ڪلا جي ساراهه ۾ پلٽيس: ”هرهڪ چٽر ۾ جيوت جو اُمنگ پرٻل آهي ۽ هرهڪ چٽر ۾ چٽرڪار جي آپهچ آدرش جو اُهاءُ آهي، تون آمر ڪلاڪارن مان آهين، سروپ آنند . هي چٽر معمولي، مرده وستو ناهن: هي آدرش ديس جا زنده جيوُ آهن. مان هڪ نمائي ڪلاڪار جي حيثيت ۾ توکي نمسڪار ٿو ڪريان.“

سروپ آنند ٻئي هٿ جوڙي، چيو: ”مان اوهانجي انهن شڀ لفظن لاءِ اوهان جا ٿورا ٿو مڃان. مان انهيءَ ساراه جو لائق ڪين آهيان. پر اچو ته توهان کي هڪ ٻيو چٽر ڏيکاريان جو مون ڏاڍي پريم ۽ محنت سان ڪيدو آهي.“

سودامني جا هيلتائين چپ ٻيٺي هئي، تنهن پاءُ کي روڪي چيو: ”پر آهو ته منهنجو ملڪ آهي.“

سروپ آنند مٺي پاٻوهه سان ورائيس: ”اچا نه، تنهنجي سالگرهه تي تنهنجو ٿيندو .“

مون ڏٺو ته سودامني منهنجي انهيءَ جي ڏسڻ ۾ خوش ڪانه هئي. منهنجو حرص آهو ڏسڻ لاءِ تهائين وڌيو.

سروپ آنند پٽ جي ڪبٽ مان هڪ چٽر ڪيدو، جو سائي، زمرد ريشم جي ڪپڙي ۾ ويڙهيل هو. هن آهو آٿي،

ڪمري جي وچ ۾ پيل گهوڙيءَ تي رکيو، ۽ ڏاڍي شوق سان اُنجي مٿان ڪپڙو هٽايائين. چتر ڏسڻ سان مون تي جادو جو اثر ٿيو. هيءَ اهو ساڳيو چتر هو جو مون ڪالهه نماشام جو شفق جي مست ڪندڙ سندرتا جي اثر هيٺ ڪلپنا ۾ ڏٺو هو. سوداميني سندرتا جي ديويءَ جو روپ ڌاري، قدرت جي سونهن تي راڄ ڪري رهي هئي. سندس پٺيان نيلي آڪاس ۽ شفق جي سرخيءَ جي سوڀيا هئي، ۽ سندس چرنن وٽ ڍنڍ جو سوَڇ، نرمل نير مانيٽيءَ وهڪ سان پئي وهيو. ڪجهه وقت ته مان اناسرتيءَ جي حالت ۾ انهيءَ جي ناپٽد حسن جون ڍڪون پيئندو رهيس. نيٺ، پاڻ سنڀالي، مون سودامنيءَ جي منهن ڏانهن نهاريو. هوءَ منهنجو منهن تڪي رهي هئي، ۽ منهنجي ڏانهنس نهارڻ تي البت شرمائي.

مون پنهنجي دل جي ڀاوَ لڪائڻ جي ڪوشش ۾ چيو: ”ڪلاڪار پنهنجن چترن دوران نه رڳو پاڻ کي امر ٿو ڪري، پر جن جو چتر ڪيئجي ٿو تن کي به، تون به، اَڄ امر آتمائن جي قطار ۾ داخل ٿي آهين.“

سودامنيءَ کلندي ورائيو: ”مان ته اڳيئي امر آهيان.

’انهيءَ کي ڄاڻ ابناسي، سمائي جو هن سڀ ۾ ٿو؛
نه ابناسيءَ کي ماري جڳت ۾ ٿو سگهي ڪوئي.‘

هن ۾ (چتر ڏانهن اِشارو ڪري) ته صرف روپ جهٽيل آهي.“

”روپ ته ناسونت آهي،“ مون چيو، ”سروپ آنند آن کي به ابناسي بنائي ڇڏيو آهي.“

مون هيڪر وري، ديوارن تي ٽنگيل چترن ڏي نظر ڦيرائي، ۽ وري هڪ دفع روح ڀرُ اکين سان سودامنيءَ جي چتر کي ڏٺم. ”هن آتمڪ ورونهن لاءِ آءٌ اوهان جو تهدل شڪرگذار آهيان،“ مون چوڌاري هٽ ڦيرائيندي چيو، ۽ در ڏي رخ ڪيم.

”پر اڄ جي شڀ موقعي جي يادگيريءَ لاءِ ڪا نشاني ته ڪٿو،“ سروپ آنند نماڻائيءَ سان چيو.

سوداميءَ مشڪندي چيو: ”پيتا ڏرڻ جو وقت اچي ويو.“

مون به، سندس چرچو ياد ڪري، مشڪيو. ”پيتا مون ڳولي آهي،“ مون وراڻيو، ”پر تو اهڙا اڳيئي ٻئي ڪسي ڏيئي ڪئي آهي. مان اوهان جي سوداميءَ جي سالگره جي جشن ۾ رخنو ڪونه وجهندس.“

پر سروپ آنند جي زور ڪرڻ تي، مون دل ڏيڻ جي هڪ سندر نظاري جو چٽر سٽيڪار ڪيو.

(٦)

”پريه متر،

اڄ ڪير پوانيءَ تي ورهيارو ميلو آهي. ڏٺي پرٺي واه! جا رونق لڳندي، ڪن جزوي پر ڏيهن ڪي هن درشيه ڏسڻ جو موقعو ملي ٿو. انهيءَ ڪري، شام جو، پنجين بجي، اسان جي غريب خاني تي اچجو، جتان گڏجي ڪير پواني هلنداسين. اميد ته توهانجي صحت هينئر بهتر آهي.

اوهانجو شڀچنتڪ،

٢٥ مي، ١٩٣٩ع سروپ آنند.“

مان منجهند جي ماني کائي آئيو هوس ته مون کي هيءُ نينڊ پتر مليو. ها، گذريل ٻن ڏينهن کان منهنجي طبيعت البت عليل رهي هئي. انهيءَ جو ڪارڻ، ڪا بدني دقت نه، پر مانسڪ بي چيني هئي. منهنجي من ۾ هڪ ڪشمڪش هئي: آهو پريت جي وفائيءَ جي عظيم مسئلي جي حل ڪرڻ ۾ مشغول هو. هڪ طرف هئي ليلان، منهنجي آدرش سندرتا جي ديويءَ جي يادگيري، ۽ ٻئي طرف سوداميءَ جي سونهن جو منهنجي دل تي اثر. مان پاڻ کان اهو ڪيئن ٿي لڪائي سگهيس ته منهنجي هردي ۾ سوداميءَ لاءِ پريم جي چڻنگ دکي لڳي

هئي؟ مون کي سندس صحبت مان آتي سرهائي سري ٿي؛ مون سندس منهن جا وَرن گهڙيءَ گهڙيءَ روح پرا ڪين سان جاچيا ٿي؛ سندس نيڻن جي نرت منهنجي رديءَ ۾ رقص پيدا ڪيو ٿي؛ ۽ سندس گفتار ۾ مون آها ڪوملتا محسوس ٿي ڪئي، جنهن منهنجي رڳ رڳ ۾ مسرور ڪندڙ لرزشون آتاريون ٿي: ڇا اهي سڀ، جي هرهڪ جدا جدا نه، ته سڀ گڏ، پريم ۾ پوڻ جا آثار نه هئا؟ مان انهيءَ جي قبوليت کان منڪر ٿي نٿي سگهيس.

پر، منهنجو اهو نئون نينهن ليلان سان بيوفائي ڪونه هو؟ اهو هنڪي وسارڻ جي نشاني ڪونه هو؟ ليلان، آمر سندري، جنهن کي مون پنهنجي جيءَ سان جڙي ڇڏيو هو، جا منهنجي ويوڳ ۽ وره ۾ صفحه هستيءَ تان اُئين آلوپ ٿي ويئي، جئن سنجها جي سون ورني شفق رات جي سياهيءَ ۾، جنهنجي جنم وٺن لاءِ مون هيڏي ساري جهاڪ لنگهائي، ۽ جا نيٺ منهنجي آتما سان، هڪ ٿي ويئي، ڇا اُنهيءَ جي مٺڙي يادگيري وساري، مان ڪنهن ٻيءَ وينگس سان، ڪنهن ٻيءَ سندريءَ سان، پريت جي ريت رکي ٿي سگهيس؟

انهيءَ سوال جو جواب منهنجي دل پڙهُ سٽ 'نه' ٿي ڏنو، پر سودامنيءَ جي سندرتا ۽ مدرتا جي ڪشش اها 'نه' منهنجي هردي مان ميساري نٿي ڇڏي؛ نڪو وري سندس سهڻي، دلربا صورت منهنجي ڪلپنا مان هٽي پري ٿي ٿي.

هيءَ ڪهڙي جنگ آهي، جنهنجو ڪر ڪيتر انسان جي اندر ۾ آهي، جنهنجا آستر شستر انسان جو عقل ۽ جذبا آهن؟ هيءَ جهاد اصغر آهي يا اڪبر؟ هي جدّ حيواني آهي يا مَلڪي؟

ٽي راتيون ۽ ٽي ڏينهن انهيءَ ڪشمڪش منهنجي جيءَ کي ڏونڌاڙيو هو. رات جو ننڊ ۾ عجيب غريب خواب لهندو هوس، ۽ ڏڪي اُٿندو هوس. جاڳ ٿيڻ تي سپنن جي سُرت

ويندي هلي هئي، ۽ سارو سرير پگهر ۾ شل ٿيو پيو هوندو هو. نه جاڳندي جيءَ جام هوندو هوم، نه سمهڻ سان سانت ۽ آرام ايندو هو. ٻل ڏينهن تي سير ڪرڻ به ڇڏي ڏنو هوم. سارو ڏينهن گهر ۾ پيو هوندو هوس. ان مانسڪ لوڇپ وهيٺو ٿيو، پيو هوندو هوس.

ڪالهه، شام جو، سروپ آنند، منهنجي غريب خاني، گهر پيڙيءَ ۾ لنگهي آيو. منهن اونداهيءَ جي مهل هئي. اندر گهڙڻ سان، ڏورانهو ڏيئي چيائين: ”واه! ڀائي، واه! سچا سارا تي ڏينهن عدم پيدا! تنهنجي وات ڏسي، ڏسي، آميءَ جو منهن مايوس تي وڌو آهي. متس ڪهڙو منتر جنتر هنيو اٿئي؟ سودامنيءَ، انهيءَ ڪري، تنهنجي خبرچار لهڻ لاءِ مونکي زور ڪري موڪليو آهي.“

مان وائڙن جيان ڏانهس نهاريندو رهيس. هن منهنجي منهن ۾ اکيون کپائي نهاريو، ۽ هڪ من آڇل سان ٻه ٻگها قدم کڻي، اچي منهنجو ساڄو هٿ پنهنجي هٿ ۾ پڪڙيائين. ”توسان ڪهڙي ويڌن آهي؟ توکي ڇا ٿيو؟“ هن پڇيو:

انهن من آڇل سان پڇيل سوالن مون کي سچيت ڪيو، ۽ مون پاڻ سنڀالي چيو: ”ڪلاڪارن جي جيوت پنهنجي هٿ وس نه ناهي: متن ڪنهن مهل ڪهڙي نه ڪنهن مهل ڪهڙي حالت طاري ٿئي ٿي.“

ڪن پل لاءِ هن اهو سبب قبول ڪيو، پر صرف ڪن پل لاءِ. مون سندس منهن مان ڏٺو ته انهيءَ ڪيس تصديق ڪانه ڏني، ۽ هن چيو: ”پر تنهنجيون اکيون هئن ڏرا ڇو ڏيئي ويون آهن؟ منهن پيلو هئڊ ڇو ٿي ويو اٿئي؟ ڪهڙي ڏائڻ تنهنجو رت ست چوسي ويئي آهي؟ ناڙ ته ڏسانءِ.“

منهنجي ناڙ ٽپاسي ۽ منهنجي نرڙ کي هٿ سان سپرش ڪري، چيائين: ”مان ڀانيان ٿو ته ڪنهن ڊاڪٽر کي سڏي اچان.“

مون، تنهنتي، کلي چيس: ”ڪا ڦڪي فرق ڪانه ڪندي،

سروپ آنند. مان ڪنهن آتمڪ پيڙا سان لنگهي رهيو آهيان. هن مرض جي پاڙ منهنجي آتما ۾ آهي. مون کي ڇڏي ڏي. آتما پنهنجي آڪد پاڻيهي کولي لهندو. آتمڪ صحت-بخشيءَ جا رستا اوڙ آهن."

سروپ آنند ڪا گهڙي منهنجي منهن ۾ نهاريندو رهيو. نيٺ هڪ ٿڌو ساهه ڀري، چيائين: "اهو ٺيڪ آهي. طلبن جي پيڙا نرالي ٿي ٿئي. شل توکي جلد صحت نصيب ٿئي."

ائين چئي، هو ماٺ ميٺ ۾ موٽي ويو.
ڪلاڪارئي ڪلاڪار جي حالت محسوس ڪريٿو.

* * *

مان سروپ آنند جو پريم-پتر هٿ ۾ جهليو، ڪرسيءَ تي ويٺو هوس. ڪلاڪ گذريو، ٻه گذريا، ٽي گذريا، چار گذريا؛ مان انهيءَ ئي حالت ۾، جنهنکي نه سرت ۽ نه آناسرتي سڏي سگهجي ٿو. منهنجي من ۾ ڇا پئي وهيو واپريو، تنهنجي سڌ نڪا تڏهن ئي هيم، نڪا وري هاڻي اٿم. پر گهڙيال جو ڪانٽو اچا پنجن تي پهتو ۽ ڀهريون نڪاهءُ ئي ڪونه لڳو نه، مان ڇرڪ ڀري اٿيس. مون کي سودامنيءَ جي ڪشش ٿي رهي هئي. هوءَ منهنجي جيءَ، جئي ۽ جان، تنهي کي پاڻ ڏي ڇڪي رهي هئي. مون کي ياد ڪونهي ته مون ڪئن ايترو جلد هٿ منهن ڌوئي، ڪپڙا بدلايا، ۽ ڪئن ٽانگي ۾ سوار ٿي، ساڍي پنجين جي نڪاهءَ تي سودامنيءَ جي دولت خاني تي پهچي ويس.

سروپ آنند ۽ سودامني ٻئي منهنجي اوسيڙي ۾ ويٺا هئا. منهنجي اندر گهرڻ سان، سروپ آنند ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ اڳيان وڌي منهنجا ٻئي هٿ پنهنجن هٿن ۾ جهلي، چيائين: "واه! هيڏي دير! چانهه ئي ٺري وئي آهي. سودا، جلد چانهه جو

ڪوپ ناهي وٺ. آرتي شروع ٿي ته ڪان اڳي پهچڻ گهرجي.“

سودامني منهنجي منهن ۾ نهاري رهي هئي- جيڪس منهنجي هيپايل صورت تي عجب پئي ڪاڏائين پاڻ جو پڌو اُپٽو ڪري، وڏي مونوٽ آئي، ۽ مون ڪان پڇيائين: ”توهين ڇاڪ نه آهيو؟ هئن شڪل ٿي چو منجي ويئي آٿو؟“

پريميءَ جي دکي حالت تي جڏهن پريتما دکي ٿئي ٿي، تڏهن پريميءَ جي رڳ، رڳ ۾ چو مسروريءَ جون ٿڏيون لرزشون آڻن ٿيون ۽ هن جو دک گهٽي قدر ڪافور ٿيو وڃي؟ ڇا سنسار ۾ جا سڀ پريمي اهڙا ئي سوارٿي آهن؟

مون مشڪي وراڻيس: ”ڪاهه، سروپ آنند چيو ته ڪا ڏائڻ منهنجو رت چوسي ويئي آهي: پر مان ائين ٿو ڀانيان ته ڪا اندر لوڪ جي اپڇرا منهنجي جيءَ مان غير ڪيي، مون کي پنهنجي لائق بنائي رهي آهي.“

سروپ آنند ڪير ڀوانيءَ جي وَرهياري آرتي ابتدا کان انتها تائين ڏسڻ لاءِ آتو هو. سو آسان ڀنهي کي وچ ۾ ڪپي، چيائين: ”سودا، جلد چانهه آڻ نه ته آرتي شروع ٿي ويندي.“

هيءَ آتاولائي ڪلا- ڪار جي آتاولائي هئي. مان اُن کي سمجهي ٿي سگهيس. هن آرتيءَ جو سچو، پورن درشيه ڏسڻ ٿي چاهيو. سندس دل ۾ اڌورارن، اپورن درشين لاءِ جاءِ ڪانه هئي. آهي سندس آدرش سان همساز ٿي نٿي سگهيا. اُنهن سندس دل ۾ هڪ خيال ڇڏي ٿي ڏنو. انهيءَ ڪري، مون مشڪي سودامنيءَ کي چيو: ”هائو، چانهه آڻ نه ته هيءُ پرديسي اڪنڊ آرتي ڏسڻ ڪان رهجي ويندو.“

سودامنيءَ کي الاهي انهيءَ ۾ ڪهڙو چرچو پيو ڏسڻ ۾ آيو جو مشڪي چانهه آڻڻ لاءِ ٻاهر هلي ويئي.

هينئر سروپ آنند جي دل جاهه تي، منهنجي ڪلهي تي

هٿ رکي، پڇيائين: ”ڪيئن اڄ ته طبيعت بهتر آهي نه؟ ڪپر پوانيءَ جي ميلي جي رونق اوهانجي رهي کهي دقت دور ڪري ڇڏيندي.“

”توهان جي صحبت مان مون کي اهڙي لاڀ جي ئي آشا آهي،“ مون چيو.

*   *   *

ڪپر پوانيءَ تي آنهيءَ نما شام جو واه جا رونق هئي! حشام ماڻهن جا اچي مڙيا هئا. زالون توڙي مرد، ڪمار توڙي ڪماريون، سڀ خوش- دل ۽ خوشنود پئي ڏٺا. مندر جي چوڌاري هڪ وڏو، شاهي تلهو آهي، جنهنتي ماڻهو پئي آيا ويا. تلهي جي هيٺ، چوطرف، ڪشميري پنڊتن جا ڪٽنب، پنهنجو پنهنجو دائرو ناهيو، ڏنا پاريو، آنهن جي وچ ويٺا هئا. جوت جي خوشنما جهرمر لڳي پيئي هئي. ڪشميري پنڊتياڻين جي حسن جي هاڪ هندوستان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پڌجي ٿي. اڄ آنهيءَ سٺيل سونهن جو جنسي درشن نصيب ٿيو. نه هڪ، نه ٻه، پر سوين پنڊتياڻيون اچي آتي مڙيون هيون. ڪي ٻڍيون، آڪيون سندن پاڳتي- پاوَ سان پريل؛ ڪي وچولي عمر جون، بت ۾ البت پريل پر جوانيءَ جي جهلڪ سندن اکين جي چهراڻ ۾ آڇا نمودار؛ ۽ ڪي جوان، پنهنجي ناز سان، پنهنجي نگاهه سان، ۽ پنهنجي لوڏ سان. قد جون سڀ البت ڇوٽيون، ’قرن‘ ۽ رڱو پهريل. تعليم- يافته جوانڙن ڪي، سودامنيءَ وانگر، ساڙهي اوڍيل.

ناد وڳو، نغاري جي ڌمال ٿي، ۽ آرتي شروع ٿي، گهنڊ وڄڻ لڳا، ۽ ماڻهون — نه سڀ، پر ڪيترائي — مندر، جي چوڌاري پرڪرما ڏيڻ لڳا: زالون توڙي مرد، جوان توڙي جوانڙيون سڀ گڏ. هلندي هلندي ڪنهن جي ڪنهن سان مبادا ڪلهي گس ٿي، يا انگ انگ سان لڳو، ته بنهي هڪ ٻئي ڏانهن

نهاري، مشڪي پنهنجي وات تي ورتي. سپني جي منهن تي خوشيءَ جي جهلڪ: سپني جي چپن تي مٺي مرڪ.

سودامنيءَ ۽ مان پرڪرما ڏيئي رهيا هئاسين. سروپ آنند الائي ڪڏهن اسان کان جدا ٿي ويو هو. هڪ ڦيري کان پوءِ اسانجو هٿ هٿ ۾ مليو. اکين ۾ ڏيئن جي جهرمر ۽ ڪنن تي آرتيءَ جو مڌر آلاپ ۽ دل ۾ پريم آلوڪ آنند. مون پاڻ کي سرگ-پوريءَ جو نواسي ٿي پاتيو. ساٿن جي پيهه ۾ سودامنيءَ کي ڌڪو آيو. هوءَ منهنجي پاسي آهلي، ۽ مون پنهنجي ٻانهن سندس ڪمر ۾ وجهي، کيس جهليو. هن جي اکين منهنجي اکين ۾ نهاريو، ۽ منهنجي اکين هنجي اکين ۾. آرتيءَ جو آواز سماپت ٿيڻ کان اڳ چوٽ رسيو، ۽ اسانجون دليون، اُنهيءَ نهار ۾ نهال ٿي، هڪ ٿي کي آرپجي ويون.

(٧)

”هيءَ مئو، رس-پريو آنند وه-گاڏئون اٿي. ذائقي ۾ امرت-رس، پر اثر ۾ قاتل زهر ثابت ٿيندءَ.“

سپني ۾ ڪنهن اهي لفظ مون کي ٿي چيا؟ مان نيلي نپ ۾ مٿي ٿي پڙهي آڏاميس. منهنجي دل ڪنهن آتي آنندڪان گد گد هئي: قولي نتي سمائي. جيوت جي آخرين پر قلتا جي احساس جو آنند شانتي مي ٿي پاسيو. اوچتو منهنجي اڏام بند ٿي، ۽ مان هيٺ ڪرڻ لڳس. منهنجي دل کي ڪنهن الڪي هراس اچي گهيريو، ۽ منهنجي ڪنن ۾ اهي لفظ پڙڻ لڳا: ”هي مئو، رس-پريو آنند وه-گاڏئون اٿي، ذائقي ۾ امرت-رس، پر اثر ۾ قاتل زهر ثابت ٿيندءَ.“

مان ڊپ ۾ اٿي ويٺس. سارو بدن پگهر ۾ شل ٿي ويو، ۽ مان بيوس معصوم جيان پڪارڻ لڳس: ”ليلان! ليلان! منهنجي آمر محبوب ليلان!“ ڪمرو مون کي پوساڻ لڳو. مون بستري تان اٿي، چمپل پاتو، ۽ ڊرائنگ روم مان لنگهي، ٻاهر

ڪُٽليءَ ۾ ويس. خوش نصيباً هڪ آرام ڪرسي پيئي هئي. مان ان ۾ ويهي، تازو لڌل سپنو ياد ڪرڻ لڳس. سپني جو ويچاڻ پڌرو پيو هو. منهنجي دل جا جذبات مون کي سوداميءَ جي اکين ۾ سرڳ جو درشن ڪرايو هو؛ پر منهنجي من جو ڪو ڀاڱو هو جنهن انهيءَ کي سرڳ نٿي سمجهيو، ۽ مونکي چتاءُ ٿي ڏنو ته مان وڏي خطري ۾ آهيان.

منهنجي دل ۾ وري ڪشمڪش شروع ٿي. وري منهنجيءَ دل ڪر ڪيتر جو روپ ڌاريو ۽ ليلان سان وفائيءَ جي خيال ۽ سوداميءَ لاءِ سڪ جي وچ ۾ جنگ جاري ٿي. مون ائين ڀانيو ته ليلان جي سندرتا ۽ آتما منهنجي سروپ سان ملي هڪ ٿي ويا آهن، ۽ سودامني منهنجي سروپ کان ٻاهر هڪ دلفريب، دلربا صورت آهي، جا منهنجي دل کي پنهنجيءَ سونهن ۽ مڌرتا سان ڇڪي رهي آهي.

منهنجي انهيءَ حالت ۾ اهڙيون ته دماغي باريڪيون هيون جو منهنجو مغز چڪر کائڻ لڳو. مون اکين تي هٿ گهمائي، آسمان ڏانهن نهاريو. اڪيچار تارن جي ميٽل ٽمڪ ٽمڪ ۾ به نه هن مانسڪ مسئلي جو ڪو جواب هو نه، منهنجي ٽٽل هنئين ۽ منجهيل من لاءِ ڪو چنڊو ۽ آٿت.

پره ٻاکون ڪيون، پر مان انهيءَ ئي حالت ۾ ويٺو هوس. جڏهن اُس جي ٽاٽ جي ڪري ٻاهر ويهڻ البت ڏکيو ٿيو، تڏهن اٿيس ۽ سنان پاڻي ڪري، ڪپڙا پهري، سڌو سروپ آنند جي گهر ويس.

سودامني ۽ سروپ آنند گهر ڪونه هئا. سروپ آنند مڪاني مهاود يالي ۾ ڊرائنگ ماستر هو. منهنجي اچڻ کان اڳيئي هو پنهنجي ڪم تي هليو ويو هو. سودامني سرينگر جي استري منڊل جي ڪاروباري ڪميٽي جي ميٽنگ ۾ ويئي هئي جنهن ۾

سرينگر جي غريب، مفلس لوڪن جي آڌار لاءِ ڪي عملي رٿون فيصل ٿيٺيون هيون .

آمي آڪيلي ويٺي هئي. ڪشميري سفيد ريشم جي ڪپڙي ٽڪر تي پيرت ويٺي پرپائين . سندس منهن تي ڪهڙي نہ عميق شانتي ڇانيل هئي! هن ڪهڙن آنمڪ ڇشمن مان آنچمن ڪيو هو جو هنجي جيءَ ۽ جان کي اکنڊ شانتي ستي هئي؟

مون کي ڏسڻ سان هنجي منهن تي هڪ هلڪي مشڪ پکڙجي ويئي، ۽ پنهنجي سامهون وهڻ لاءِ اشارو ڪيائينم. مان ماٺ ميٺ ۾ سندس سنمکہ ڏي ويٺس .

پنهنجي پيرت جوکڻ پورو ڪري، هن منهنجي منهن ڏي نهاريو، ۽ نهايت گنڀيرتا سان چيائين: ”ديس ۽ ڪال جي لحاظ کان توں ستداريو آهين؛ ليڪن آتما جي ديس ۾ اهي حدون ڪينهن. تون مون کي پنهنجو آهين، ڪنهن آتمڪ سنبنڌ جي چڪ توکي گهيلي اسانوٽ آندو آهي. مان تنهنجي من جي دشا ڄاڻان ٿي. ڄاڻنديس پيلا ڪئن نہ؟ منهنجو پيءُ پڳت هو، ۽ سندس حياتيءَ جو عظيم ۾ عظيم مسئلو هو سندس پريو پڳتيءَ ۽ سندس استريءَ لاءِ سنيهہ جي وچ ۾ جڌ. سندس سڪرات جي گهڙي مون کي اڃا ياد آهي. آنهيءَ آخرين گهڙيءَ ڏي هنجي من جي ڪرڪيتر ۾ جڌ جو خاتمو ٿيو ۽ هو آتل ست جو درشن ڪندي، هن مٺي جڳاٿي کان موڪلائي ويو. منهنجو پتي، سروپ آنند جو پٽ، چترڪار ۽ ڪوي ٻئي هو. مونکي سندس دل جي نرالن نرالن ڀاون جي پليءَ پٽ پرورڻ هئي. هن جي دل کي ڪئن جيوت جون جدا جدا وفاداريون ڏونڌاريندڙيون هيون، سو مون کان ڳجهو ڪونہ هو، جيتوڻيڪ هن اِئين ٿي ڀانيو تہ اهي هڪ استريءَ جي سمجهہ ۾ اچڻ کان ٻاهر هيون . چندر، جي طالب آهن، جي ست، يا سندرتا جا ڳولائو آهن، تن لاءِ نہ آهي

چئن نہ آرام. آننت بي آرامي هنن جو سهاڳہ آهي. انهيءَ مان ئي
ڪلا جا سندر ۾ سندر روپ سنسار کي ملن ٿا، انهيءَ مان ئي
مڪت آتمائون جنم وٺن ٿيون. انهيءَ ڪري، تون سهاڳن مان
آهين، چندر."

هن جي آواز ۾ ڪھڙي نہ سمجھہ سمايل هئي! هن جي
مڌر وچنن ۾ ڪھڙو نہ مرهم هو! مون هٿ جوڙي، کيس
نمسڪار ڪيو، ۽ چيو: "انهيءَ سهاڳہ جو بار ڪڏهن ڪڏهن
اسهہ ٿو ٿيو پاسي."

"منکہ نہل وستو آهي. آتما ۾ جيوت گھارڻ سان ڪجھہ
بہ اسهہ نٿو ٿيو پاسي. اندر جا سڀ لوڇا پوءِ آنند مي ٿيو پون."

"پر، آمي، مان ڪلاڪار آهيان. ٻاهرين روپن ۽ رنگن
جي شناس مونمان ڪئن ميسارجي سگھيتي؟"

آميءَ مٺي ٻاڦوہ سان وراڻيو: جڏهن سارو برهمانڊ آتم-
روپ ٿو ٿيو پاسي، تڏهن ٻاهريان روپ ۽ رنگہ ٻڌن نٿا. انهن مان
پوءِ اهو آنند ٿو اچي جنهنم آجائي آهي."

مون نراس ٿي چيو: "مان توهانجي لفظن جو ست محسوس
ڪريان ٿو، ليڪن منهنجي دل اهو الاهي چو قبول نٿي ڪري."

آميءَ صرف مشڪيو.

مون ڳالھہ ڦيرائڻ جي ارادي سان پڇيو: "سودامني
ڪيڏانهن ويئي آهي؟"

"استري منڊل جي ڪنهن ميٽنگہ ۾ ويئي آهي. ترس.
ڏهن پندرهن منٽن ۾ اچي ويندي."

مون ٽڪ ٽڪ ۾ چيو: "مان ڪو کيس ڳڌجڻ ڪونہ
آيو هوس."

آميءَ مشڪي، منهنجي منهن ۾ نهاريو. "ماڻ جي اکين
۽ دل کان اها ڳالھہ ڪئن ڳجھي رهندي، چندر؟" هن چيو.
"مان پاڻ کي تنهنجي توڙي سودامنيءَ ٻنهي جي ماءُ محسوس

ڪريانتي. انهيءَ ڪري ٻنهي جي دل جي حالت پاڻمرادو مونکي معلوم ٿيو وڃي. ماءُ جي حيثيت ۾ مان توکي صلاح ڏيان ته مڃيندين؟“ هن پڇيو.

مون صرف چيو: ”ڇو.“

”هرڪو انسان پنهنجي جنگ اڪيلي سر پاڻ ئو جوڙي، ۽ آن ۾ هار يا جيت پائي. تنهنجي آتما جو انهيءَ ۾ ڀلو آهي ته تون هتان اڪيلو ئي اڪيلو هليو وڃ. پنهنجي دل جي اگهور سنڪٽ کي اڪيلو منهن ڏي. تنهنجي آتما ڪوبہ جي ڪن مان آهي. مون کي اُميد آهي ته توجهڙي سورمي کي جيت نصيب ٿيندي. پر جيت يا هار، ٻنهي حالتن ۾ تنهنجي لاءِ هيءَ در کليل هوندو، ۽ اُنهيءَ سان گڏ تنهنجي آجيان لاءِ ماءُ جون ٻانهون بہ.“

هوءَ اُٿي، منهنجي پرسان آئي، ۽ منهنجو منهن پنهنجن هٿن ۾ جهلي، منهنجي نرڙ تي هڪ مٺڙي ڏنائين.

(٨)

”سرينگر کان ٥٠ ميلن جي مفاصلي تي پهلگام آهي. واٽ تي آتاهان سروُ ۽ سفيدا رستن تي ڇانو ڪري بيٺا آهن ۽ چوڏاري سبز آباديءَ جا ميدان روح کي راحت پيا ڏين.

”پهلگام سمنڊ جي مٿاڇري کان ٧٢٠٠ فوٽ اوچو آهي. اصل ڌنارن جو ڳوٺ آهي. پر هينئر اونهاري ۾، جهوني ڳوٺ کان اڌ ميل اوريان، سيلانين جي لاءِ نئون ڳوٺ بڌجيو وڃي. اوير ۾ سبز سائي ميدان تي تنبو لڳيو وڃن. پهلگام ڪشمير جو مشهور صحت-گاهہ آهي. ماڻريءَ جي چوڏاري آتاهان جبل آهن، جن تي چيل ۽ ديال جا ٻيلا آهن....“

”ڪشمير جو سونهو“، جنهن مان مٿيون احوال پهلگام جو هٿ آيم، سو هٿ ٿيلهيءَ ۾ وجهي، مان پهلگام وڃڻ جو

فيصلو ڪري آئيس. گهر - ٻيڙيءَ جي مانجهين (ڪشمير ۾ ”هانجهين“ تي سڏيائون) سان حساب ڪتاب چڪتو ڪري، مان آنهيءَ ڏينهن ئي پهلگام ڏانهن روانو ٿيس، ۽ نماشام جو آتي پهچي ويس.

پهلگام جي ماڻري هڪ سندر ماڻري آهي، جنهن مان جهلم پنهنجي نرمل، ٿڌي پاڻيءَ سان گهرگهاٽ ڪندي پئي وهي. جهلم جي اورئين پر تي هوٽلون ۽ بازار آهي، ۽ اُنهن جي پار اهستي آهستي اُتاهون ٿيندڙ سبز ميدان. اُنهيءَ ميدان جي شنتيءَ ۾ هڪ تنبو مسواڙ تي وٺي، مان اُتي منزل انداز ٿيس.

مون کي ياد ڪونهي ته مان ڪيترا ڏينهن اُنهيءَ انوپ سندر آستان ۾ ٽڪيو پيو هوس. منهنجي آتما ڪال جون حدون لتاڙي، اڪال ۾ گهاري رهي هئي. منهنجي جسم ۾ انئي پهر صرف ٻن جذبن جون اُٿلون پئي ٿيون: هڪ هرکہ جي ۽ ٻي سوگہ جي، هڪ مسروريءَ جي ۽ ٻي ماتم جي. پهرين حالت مونلاءِ ڏينهن ۽ ٻي حالت مون لاءِ رات هئي. انساني دکہ جا عمق مون انهيءَ عرصي ۾ تانگهيا. تيڪا ڪارڻ جو رايو آهي ته انهيءَ عرصي جو منهنجو رچيل شعر جذبات جي سچائيءَ ۽ قدرت مان ورتل رنگن ۽ روپن جي ڪري سنڌي ساهت ۾ يگانو آهي. انهيءَ قسم جي شعر ۾ اُنجو جيس جوڙ ڪونهي. اهو سمورو شعر مون بيخوديءَ جي حالت ۾ رچيو. مون کي لکہ ڪانہ هئي ته مون ڇا ٿي ڪيو. پنهنجي وس ڪونہ هوس. ڪي قدرت جون گپت شڪتيون منهنجي جيون کي هلائي رهيون هيون. درحقيقت، مان اڄ بہ تصديق سان نٿو چئي سگهان ته اهو شعر منهنجو رچيل آهي. مون کي صرف اها خاطري آهي ته اهو منهنجي هٿ - ٿيلهيءَ جي ڪاغذن ۾ منهنجي هٿ آڪري پيو هو.

وئسر جي سبزويءَ، پانڊو مندر، ۽ ٻين ويجهڙائي ۾ روچڪ

استانن جي زيارتن ۽ آنهنجي باريڪ فضا سان روح کي همساز ڪرڻ سان بہ منهنجي من تان ڪارو ڪڪر ڪونہ هٽيو. سندرتا جي نون نون روپن ۽ آڪارن ڏسڻ سان نہ گد ٿيندو هوس، پر آها خوشي گهڻي جو چٽڪي، ڪن پنگر جو کيل هئي، ۽ آنهيئين غميءَ جي غبار ۾ غائب ٿي ويندي هئي.

ليلان جا ڏينهن-ڏنا سپنا لهڻ لڳس. ڪنهن سبز پهاڙ جو نظارو پيو پسندو هوس، تہ ليلان جي صورت منهنجي اکين اڳيان اچي بيهندي هئي، ۽ آهستي آهستي منجي سوداميءَ جو روپ وٺندي هئي. اها مايا-درشٽيءَ جي حالت مونسان لڳاتار ايترا ڏينهن تہ هاي جو مان پانيائٿو تہ جي منهنجي اوچتو ڊاڪٽر سري رام سان ملاقات نہ ٿئي ها تہ مان پڪ پاڳل ٿي پوان ها.

هڪ ڏينهن، پيچ پنيءَ جو، جهلم جي پار هڪ سائي ٽڪريءَ تي ويهي، مون نديءَ، پهاڙن ۽ نپ جو نظارو پئي پسيو تہ ليلان منهنجي اکين جي اڳيان اچي بيٺي، ۽ لحظي ٿي هڪ ۾ کلندي، منجي سوداميءَ ٿي پيئي. مان ڪيڪ ڪري، ٽڪري تڪڙو اڏامندڙ پيرن سان ڊوڙندو، هيٺ لهڻ لڳس. ڪنهن خوف کان پڇي رهيو هوس. پهاڙ جي پاڙ وٽ پهچي، مان سهڪڻ لڳس. منهنجي منهن تي هراس چانيل هو. منهنجيون اکيون دپ کان وڏيون ٿي ويون هيون. اوچتو مون پنهنجي ٻانهن تي ڪنهنجي هٿ جو ڪومل هٿ سپرش محسوس ڪيو. مون چرڪ پري نهاريو. پنهنجي پرسان جمرو، جاڳندو انسان ڏٺم. مون يڪدم پنهنجو هٿ ڪٽي سندس ٻانهن ۾ وڌو ۽ واڪو ڪري چيم: "مون کي بچايو، مونکي بچايو."

مونکي سڌ ڪانهي تہ مونکي ڪٿان ڪٿائي تنبوءَ ۾ اچي سمهاريائون، تہ ڪٿان سچا سارا ٿي ڏينهن، جي مان نيم-غشي جي حالت ۾ پيو هوس، منهنجي پرگهور ۽ چاڪري ڪيائون، ڪٿان مونکي آنهيءَ اوڙاه جي بنهہ ڪناري تان بچائي واپس

نداڻون، جنهن ۾ تپ ڏيڻ سان انسان نٿو رهي ۽ پاڳلن جي
نسار ۾ پرورش ڪري ٿو. ٿن ڏينهن جي آٿي پيڙا مان آٿڻ
بعد مون ڏٺو ته هڪ شخص منهنجي کٽ جي پرسان ڪرسي ۽
ي ويٺو هو ۽ ”ٽربيون“ اخبار پئي پڙهيائين. جيتوڻيڪ مان
ڪيس سڃاڻي نٿي سگهيس، ته به سندس شڪل منهنجي من ۾
ري پئي ۽ ائين پئي محسوس ڪيم ته اڳي ڪٿي ڏٺو اٿمانس.
ون ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي، ليڪن مان اهڙو ته نبر ٿي
يو هوس جو وات مان اکر اُڪليم ئي ڪين ٿي. هن جي نظر
ونئي پيئي، ۽ هن مونکي هدايت ڪئي ته: ”آڄا توهين ڪمزور
هيو. آرام ڪريو. اميد ته شام تائين ڳالهائڻ ٻولڻ جي قابل
ي ويندا.“

هن آٿي، ٿرماس مان شروو ڪوپ ۾ ليٽايو، ۽ آهو
مونکي آهستي آهستي پياريو. مون پنهنجي بدن ۾ البت تقويت
يندي محسوس ڪئي. پر جلد ئي گهر جو اثر ٿيم ۽ مان
محت- بخش ننڊ ۾ پئجي رهيس.

وري جڏهن جاڳ ٿيم، تڏهن سنجها جو وقت هو. منهنجو
جنبي شيوادار ي ٽپائي تي بتي ٺاهي رهيو هو. سندس پٺ مونڏانهن
ئي. منهنجي بدن جي چرپر جي آواز تي هن ڪنڌ ورائي،
ونڏانهن نهاريو. مونکي سجاڳ ڏسي، هو بتي اتيئي ڇڏي،
ڏي مونوٽ آيو، ۽ پڇيائين: ”هنٽر ڪئن آهيو؟“

”مان پاڻ کي گهڻو بهتر پيو سمجهان،“ مون ورائيو.

”مان توهانجي نالي کان واقف ٿي سگهانٿو؟“

”مان ڊاڪٽر سري رام جي نالي سان سڏجانٿو. توهانکي
هي ۽ چاڻ جي سياويڪ اُڻ تڻ هوندي ته مون توهانجي مڪان
هئن دخل ڇو ڪيو آهي. ٽنهن ڏينهن توهين پهاڙ تان ڊوڙندا
ٺ آيا، ۽ مونوٽ پهچڻ سان بيهوش ٿي ويا.“

”قطع ڪلامي معاف، انهيءَ کي گهڻا ڏينهن ٿيا؟“

”اڄ چوٿون ڏينهن آهي؛“ هن ورائيو.

”چار ڏينهن توهان منهنجي پرگهور لڌي آهي! مان توهانجا تورا ڪئن آدا ڪري ٿو سگهان؟“

”مون ته صرف پنهنجو ڪرتب پالن ڪيو آهي. مان ڊاڪٽر آهيان. بيمار جي ڪشٽ نورت ڪرڻ جو اُدم ڪرڻ منهنجو فرض آهي.“

”پر مون توهانکي الاهي پين ڪهڙن ڪرتبن ۽ مشغولين کان هٽ روڪي رکيو هجي،“ مون چيو.

ڊاڪٽر سري رام جي چپن تي هڪ مشڪ ڏيکاري ڏني. هن چيو: ”هڪ وقت هڪ ڪرتب ڪافي آهي. مان هتي پنجن ورهين کانپوءِ، ڏاڍي مشڪلات سان پاڻ کي فارغ ڪري، وندر ۽ سيل لاءِ آيو آهيان.“

”۽ مون توهانکي سيل ۽ وندر کان محروم ڪيو آهي،“ مون کيس وچ۾ ڪپي، چيو.

هن ڪنڌ ڌوڻي چيو: ”نه ائين نه آهي. توهانجي ڪيس مونکي قدرت جي دلچسپ نظارن سان گڏ، دماغي دلچسپي ميسر ڪري ڏني آهي. توهانجو ڪيس هڪ نرالو ڪيس آهي. انهيءَ جي اپياس مان جا مون مانسڪ وندر حاصل ڪئي آهي، سا بئي وچايل وندر جو ڪافي کان وڌيڪ اُجورو آهي. انهيءَ ڪري توهانکي منهنجي ٿوري مڃڻ جو ڪو سبب ئي ڪونهي.“

مون پڇيس: ”توهين سمجهو ٿا ته مان ڪڏهن نؤبنو ٿيندس؟“

هن ورائيو: ”هتي جي هوا ۽ پاڻي اهڙا صحت بخش آهن جو مونکي قوي اميد آهي ته صبح جو توهين بستري تان اُٿي، ڌٻوءَ جي ٻاهر ٽهلي سگهندا. هنئر هڪيءَ شروو پيو ۽ جسي ڊبل روٽيءَ جو ٽڪر کائي سگهو ته کائو. صبح جو بستري

چڱو مهل هيءَ گرم ٻندي پائجو، جئن ٿڌيءَ هوا جي جهٽپ نه لڳي وڃيو."

ڊاڪٽر صاحب، مان معلوم ڪري سگهانٿو ته مونکي "ڪهڙي بيماري هئي؟" مون آتاولو ٿي پڇيو.

"انهيءَ ڄاڻڻ جي ڪهڙي نڪتي آهي؟" هن چيو. "صبح جو نوَبجا ٿي آٿو، پوءِ جيڪي پڇڻو هجيو سو پڇجو. مونکي به توهانکان ڪيترائي سوال پڇڻا آهن."

ٻئي ڏينهن صبح جو، مان تنبوءَ جي ٻاهر سبزويءَ تي پسار ڪري رهيو هوس ته پاسي واري تنبوءَ مان ڊاڪٽر سري رام کي پاڻ ڏانهن ايندو ڏٺم. سندس هٿ ۾ ترماس هو. بدن جو البت سوڪم، پر ڪڙو تڙو، هو لنبن، تڪڙن قدمن سان اچي رهيو هو. سندس منهن تي مشڪ هئي، ۽ سندس نرڙ تي ڀلمانسائيءَ جا آهڃاڻ. مونوٽ پهچڻ سان هن چيو:

"خوب، خوب. پهلگام جي آب و هوا بيشڪ قوت-بخش آهي. ڪئن، اڄ پاڻ کي ڪئن ٿا ڀانيو؟"

"اوهانجي مهربانيءَ سان مان اڄ پاڻ کي نوَبنو پيو سمجهان،" مون چيو.

هن منهنجي ناڙ ڏٺي ۽ نرڙ کي سپرش ڪري ڏٺو. "هاڻ اچو ته گلئڪسو بسڪوٽ کائي، هيءُ شروو صحت ڪريو."

اسين منهنجي تنبوءَ جي ٻاهر ڪرسيون وجهي ويٺاسين. مان ماٺ ۾ بسڪوٽ کائي، شروو پيئڻ لڳس. ڊاڪٽر صاحب کيسي مان اخبار ڪڍي، پڙهڻ لڳو. مون رکي رکي هنجي خوش-خلق چهري ڏي پئي نهاريو. منهنجي دل هن جا ٿورا مڃي رهي هئي. هڪ ستداريو هئن پنهنجي وندر وروڻهن هڪ اتفاق سان مليل اجنبيءَ جي لاءِ قربان ڪري، سا ڪا معمولي ڳالهه ڪانه هئي. هن مونسان هيتري دلچسپي ڇو ورتي؟ مونسان هنجو ڪهڙو رشتو هو جو هن هئن منهنجي پرگهور

ٿي لڏي؟ ها، ڪي اهڙا جيو آهن، جنجو سڀاءُ ئي آهي ٻين جو دک درد ميٽڻ. هننکي انهيءَ مان ايترو آنند ٿو اچي جو هو انهيءَ ۾ ئي پنهنجي جيون جو آدرش پائين ٿا. ٻين جي ڏک ڏوجهري اڳيان هنن ڪان پاڻ وسري وڃي؛ ۽ هو پنهنجيون گهرجون، پنهنجيون مشغوليون، پنهنجون وندرون، ۽ پنهنجيون ڪرت ڪاريون ڀلجيو وڃن.

مون شروع ۾ پورو ڪيو ۽ ڪوپ هيٺ گاهه تي رکيم. ڊاڪٽر صاحب به اخبار ويڙهي ڪيسي ۾ وڌي، ۽ مونڏانهن مشڪندي چيائين: "هاڻ جيڪي به پڇڻو هجيوَ سو پڇو."

مون گنڀيرتا سان سندس منهن ۾ نهاري چيو: "اول ته مان توهانجو تهدل شڪرگذار آهيان جو توهان هڪ سنڌارئي جي پرديس ۾ پرگهور لڌي آهي. انهيءَ عين موقعي تي توهين جي نه اچي پرگهٽ ٿيو ها ته منهنجي الاجي ڪهڙي حالت ٿئي ها."

ڊاڪٽر صاحب مونکي وچ ۾ ڪپي چيو: "انهيءَ ۾ توهين ايشوري رتا نٿا ڏسو؟ منش ڪي ڪهڙي مجال آهي جو هو ڪجهه به ڪري سگهي؟ هو ته صرف الوڪڪ شڪتين جو واهڻ آهي. مان ته ائين ٿو ڀانيان ته آنهن ئي مونکي گهيلي هت آندو آهي. انهيءَ ڪري ته رڳو توهانجو ڀلو ٿيو آهي، پر منهنجو به."

مون تعجب ۾ چيو: "منهنجو ڀلو ٿيو آهي سو مان سمجهي سگهانٿو ۽ انهيءَ لاءِ توهانجا ٿورا مڃانٿو. پر توهانکي ته اُلٽو دقت، تڪليف ۽ سيڙاپو ٿيو آهي."

هن ڪنڌ ڏوڻي، گنڀيرتا سان چيو: "نه. قدرت پنهنج ڀال پنهنجي نموني تي ڀلائي. منهجو مانسڪ-وديا جو علم ڪتبو پئي وٺو. آنهن ڪابه ترقي ڪانه ٿي ٿئي. توهانجي هڪڙيءَ

ڪيس نہ رکيو منهنجو علم تازو پر اُنکي مالا مال بہ ڪيو آهي. مان مانسڪ مرض هنئر نئين نقط نگاهہ کان ڏسڻ لڳو آهيان."

"توهين تڏهن ڊاڪٽر ڪونہ آهيو؟" مون پڇيو.

هن مُشڪي وراڻيو: "مريض کي دوائون ڏيئي، هنجو بدني سرشتو وهاڻڻ منهنجو پيشو ڪونهي. منهنجي عقيدي موجب هرهڪ مرض جا مانسڪ سبب آهن. اُنهنجي دُور ڪرڻ ۽ قدرت جي نيمن انوسار جيوت گهارڻ سان، مريض نوُبنو ٿيو پوي. غرض تہ مان من-چڪيدي آهيان."

"پر جيوڙن جي ڪري جي بيماريون ٿين ٿيون، تن جو تہ من سان ڪو تعلق ڪونهي،" مون چيو.

"هائو، اهي بيماريون ڏار قطار ۾ آهن،" هن وراڻيو.

مون حرص مان پڇيو: "ڊاڪٽر صاحب، مونکي ٻڌائيندا تہ مونکي ڪهڙي بيماري هئي؟"

"توهانجو بدن سالم آهي،" هن چيو: "بدن جي ڪنهن بہ ڀاڱي سان ڪابہ ويڌن ڪانہ آئي. توهانجي بيماريءَ جا ڪارڻ توهانجي من جي هيٺين تهن ۾ آهن. غش واريءَ حالت جي تن ڏينهن ۾ توهان ڪيترائي دفعا ڳالهايو پئي. پر توهانجي ٻوليءَ کان واقف نہ هئڻ سبب مان ڪن جزوي لفظن کانسواءِ ڪجهہ بہ سمجهي ڪونہ سگهيس." ائين چئي، هن پنهنجي اندرئين کيسي مان ڊائري ڪڍي. اُها کولي، هو انهان پڙهڻ لڳو: "سندرتا — سندرتا جي ديوي — ليلان — سندري — الوڪ — آتما — سودامني — وفاداري — ڪنول نئي — نرمل نير — پهلگام — سروپ آنند — سودامني — سري نگر — چندن واڙي." لفظن جي ياداشت پوري ڪري، هن ڊائري بند ڪري، کيسي ۾ وجهندي، مونکان پڇيو: "اوهين چندن واڙي ڏسي آيا آهيو؟"

”نه اچا ته ڪونه ويو آهيان، جيتوڻيڪ بيمار پوڻ کان اڳي اوڏانهن وڃڻ جو ويچار هوم.“

هن منهنجي اکين ۾ گنڀيرتا سان نهاريو. ”پاڻ کي جڏهن ڪافي سير سمجهو تڏهن ضرور هڪواري ڏسي اچجو. عجيب عاليشان نظارو آهي.“ اهي لفظ، سڌا ۽ سرل، هن اهڙي نموع سان چيا جو مون ائين ڀانيو ته انهيءَ صلاح ڏيڻ ۾ سندس ڪو مطلب هو جو هن ڪلئي طور مونکي ٻڌائڻ نٿي گهريو.

”ها، هڪواري اهو عالم-مشهور نظارو ضرور ڏسبو،“ مون چيو.

ڪجهه وقت اسين ٻئي ماٺ ۾ ويٺاسين ، منهنجي مغز ۾ طرح طرح جا سوال پئي آيريا ، پر مون پاڻ کي انهن جي پڇڻ کان روڪيو ٿي- هن جيڪس ڳالهه ڦيرائڻ جي ارادي کان پڇيو:

”اوهين سنڌي آهيو؟“

”جيءُ، ها-“

”اوهان کي ڪوتا سان ڏاڍي دلچسپي ٿي ڏسجي،“ هن گفتگو جو سلسلو قايم رکندي چيو.

”جيءُ ها- پر اوهانکي انهيءَ جي ڪئين سڌ پيئي؟“ مون پڇيو.

”ڪوي پاڻ کي لڪائي ٿورو ٿي سگهي ٿو؟“ هن ورائيو- ”توهانجي ڪلپنا جي شڪتي نهايت پربل آهي، ۽ جيتوڻيڪ اوهانجي ڀاشا کان اڻ واقف آهيان، ته به ايترو مان سهي ڪري سگهيس ته توهانجي ڪوتا موزون ۽ مٺڙ ٿي آهي-“

مون آڌير ٿي پڇيو: ”پر اوهان منهنجي ڪوتا ڪٿي ٻڌي؟“ ڊاڪٽر سري رام مشڪي، جواب ڏنو: ”بيهوشيءَ جي

حالت ۾ توهان اڪيچار موزون ۽ مٺو شعر چيو. ارمان رڳو اهو آهي جو انهيءَ کي قلمبند ڪرڻ لاءِ ڪو ڪونه هو. اوهانجو آتما ڪويءَ جو آتما آهي. ڪلپنا جي وشال سنسار ۾ توهان ڪهڙا چٽر ڏٺا ٿي، ڪهڙا مشاهدا ماڻيا ٿي، تنجي مونکي سڌ ڪانهي؛ ليڪن انهن جي ستڌاري ٻوليءَ ۾ اظهار مان به مونکي نه رڳو توهانجي شاعريت جو سماءُ پيو، پر آنمان وندر ۽ راحت پڻ نصيب ٿي."

مون اوچتو گنڀير ٿي، ڊاڪٽر کان پڇيو: "مونکي سچ ٻڌايو ته مونسان ڪهڙي ويڌن آهي، ڊاڪٽر صاحب."

ڊاڪٽر صاحب منهنجيءَ هن اوچتيءَ گنڀيرتا تي چرڪ ڀريو. سيڪنڊ ٻه سوچي، چيائين: "توهين چ-و ههڙا اڏير ٿيا آهيو؟ ماڻ توهانکي پڪ ٿو ڏيان ته توهان جي سرير سان ڪابه ويڌن ڪانهي."

"تڏهن منهنجي من کي ڪو روڳ لڳل آهي؟" مون پڇيو.

ڊاڪٽر سري رام پنهنجيءَ ڪرسيءَ تان اٿي، منهنجي سنمکه اچي بيٺو، ۽ منهنجي ڏائي ڪلهي تي پنهنجو ساڄو هٿ رکي چيائين: "توهين ڪنهن مانسڪ ڪشمڪشا جي چنبي ۾ آهيو. ڪلا-ڪار هئڻ سبب اوهانجي تنتن جو سرشتو نهايت ڏکٿو آهي ۽ اوهانجي ڪلپنا جي هرهڪ ڪلا جو اُنتي گهرو اثر پوي ٿو. مون ڪيترن پڳتن جي ڪيسن ۾ اهڙيائي حالت ڏٺي آهي. اوهين جي لڪ لنگهي پار پيا ته ڪوتا جي راڄڌانيءَ ۾ اَمرتا جو چٽ توهانجو نرڙ سينگاريندو."

"۽ جي لڪ لنگهي پار نه پيس ته؟" مون پڇيو.

ڊاڪٽر صاحب البت هٻڪيو. مون ڏٺو ته انهيءَ سوال کان ٿي هو ڊنو ٿي. نيٺ منهنجين اکين ۾ نهاريندي، گنڀير لفظن ۾ چيائين: "ته پوءِ توهانجي ڪوتا موزون، مٺر ۽ پر-مطلب هئڻ جي بدران ڪسجي ۽ بي معنيٰ ٿي پوندي."

”يعني تہ ساں ڀاڳل ٿي پوندس، ڊاڪٽر صاحب؟“ مون چيو.

(٩)

ڇهن ڏينهن جي آرام ۽ ڊاڪٽر سري رام جي سنڀال سان مان ڀلن ڀر وريس. ڇوٿين ڏينهن صبح جو ڊاڪٽر صاحب، مون وٽ روزمره جي نيم مطابق آيو ۽ چيائين: ”اڄ منهنجو ڪوچ آهي. منجهند جو مان روانو ٿيندس.“

”ايترو جلد!“ مون چيو. ”ڏينهن ٻہ ترسي پئو. مان اميد رکي ويٺو هوس تہ توهين مرنسان سياٽي ڇندن واڙيءَ گڏجي هلندا.“

”مونکي منهنجو ڪم سڏي رهيو آهي،“ هن چيو. ”ڪلهہ ٿي تي تارون آيون اٿم. سنسار سڏي رهيو آهي: مان هت سرڳ ۾ نشچنت ڪئن ويهي ٿو سگهان؟ اهو سپاڳ صرف ڪوين ۽ ٻين ڪلا-ڪارن جو آهي.“

”ڪوي نہ فقط سرڳ ۾ نواس ڪن ٿا، پر نرڪ ۾ پڻ،“ مون ڪلي چيو. ”هو نہ رڳو اندر لوڪ جون الوايون ماڻين ٿا، پر دک جي اننت ساگر جي عميق تري ۾ آني ٻيڙا پڻ پوڪين ٿا.“

”مونکي جيڪو آزمودو اوهانجي ڪيس مان ٿيو آهي، تنهنجي آڌار تي مان توهان سان سمت ٿي سگهان ٿو،“ هن چيو: ”پر مان نتو ڀانيان تہ ڪلاڪار جي هميشہ اها حالت رهي ٿي. غوراب سمنڊ جي طوفاني، آسمان - ڇهڻ ڇولن جي سڪن توڙي سانت سي سطح جا آزمودا لهي، نيٺ نما شام جو بندر جي شانتيءَ ۾ گهڙي ٿو.“

”هائو، نما شام جو،“ مون چيو. آسر ۽ نماشام جي وچ ۾ اننت پڪڙيو پيو آهي — مها دک سان ڀريل.“

”مانسڪ جيون جي سانت مي ۽ سندر نماشام ڪنهن به وقت اچي سگهي ٿي،“ هن وراڻيو، ”اها حياتيءَ جي ورهين تي دارو مدار ڪونه ٿي رکي.“

مون صرف هڪ ڊگهو، سرد ساهه کنيو.

منجهند جو ڊاڪٽر صاحب الوداع چئي ، سفر سڌاريو.

ٻئي ڏينهن، اڪيلوئي اڪيلو، گهوڙي تي سوار ٿي، مان اوٺ موٽ ڀاوڻهن ميان حي ڏڪئي، پهاڙي سفر تي نڪتس. چندن واڙيءَ ڏانهن وهندڙ رستو ڀهاڙي ڀيچرو آهي. پهاڙن جي پاسي ڪان گس ڀيو وهي، جنهنتان ٽٽون ۽ گهوڙا تمام خبرداريءَ سان هلن ٿا. هڪ پاسي، ڀهاڙ جي اوچي ديوار ۽ ٻئي پاسي، سوين فوٽ هيٺ سبز سائي ماٿر آهي، جنهن ۾ ڪٿي ڪٿي چوپايو مال چرندو نظر اچي ٿو.

مان سن ٿي سن ۾ پئي ويس. گهوڙو واٽ جو واقف ۽ خبردار هو، جنهنڪري مون کي ڪبس آڙيءَ هٿن يا لغام سان ڦيرائڻ جو اونو رکڻو ڪونه ٿي پيو. قدرت جون هيٺائيون ۽ مٿائيون، اوچا، وڏڪار ۽ ديال سان جهنجهيل جبل ۽ سبز ماٿريون، پاڻيءَ جون نهرون ۽ جهرڻا پسندو، اکين کي آرام ۽ روح کي راحت ڏيندو پئي ويس. اوچتو مون تي هڪ عجيب حالت طاري ٿي. مون ڏٺو ته هيٺ ساري سبز ماٿري جيوت جي چرپر سان لرزش ۾ اچي مون ڏانهن پيئي اچي — نه ماٿريءَ جو جسماني جٿو، پر جيوت جون لرزشون. انهيءَ تي مون کي ڪوبه تپرس ڪونه لڳو. مون چوڌاري نظر اُڇلي، ساري سرشتي جيوت جي جذبي سان لرزي رهي هئي — وڻ ٽڻ، گاهه ٻوٽا، جر ۽ ٿر، آڪاس ۽ وايو، سڀ. مان وجد ۾ اچي ويس ۽ منهنجو سارو جيءُ برهمانڊ سان همساز ٿي لرزڻ لڳو.

انهيءَ عجيب آزمودي ڪيترو وقت جٽاءُ ڪيو، سو مان نٿو چئي سگهان. شايد فقط هڪ سيڪنڊ جٽاءُ ڪيو هجيس.

پر انهيءَ ڪانپوءِ منهنجي منهنجي من تي هڪ اڏ پوت شانتي شانئجي ويئي. ڊاڪٽر صاحب جي تمثيل مونکي ياد آئي: ”غوراب سمنڊ جي طوفاني، آسمان- پهچ ڇولن جي سنگڪن توڙي سانت مي سطح جا آزمودا لهي، نيٺ نماشام جو بندر جي شانتيءَ ۾ گهڙي تو.“

ڪن ڪن پهاڙن جي چوٽين تي اڇا برف بيٺي هئي، جا اونهاري جي سج جي اثر هيٺ ڳري، ننڍين نهرن يا آبشارن جي صورت وٺي، پهاڙن جي پاسن تان پئي وهي. ننڍيون نهرون گڏجي هڪ وڏي نهر تي ٺهيون، جا ڇپر جي ڇپن تان نچندي، ٽرت وجهندي، گجي ۽ ڦوهارا ڏاهيندي، شيش ناڳ جيان، ٽڪرن مان ور وڪر ڪندي، پئي وهي. سندس نالو ئي شيش ناڳ. عاليشان نظارو هو.

اٽڪل ڏن ڪلاڪن جي سواريءَ بعد چندن واڙيءَ پهتس.

چندن واڙي هڪ وسيع سبزويءَ آهي، جنهنجي چوڌاري عمدا وڻ آيا آهن، ۽ آنهنجي پٺيان ٽڪر. چڱو خاصو آنند آستان آهي. ليڪن چندن واڙيءَ جي مشهوري جو سبب ٻيو آهي. اهڙا سبز ميدان ڪشمير ۾ ٻيا به گهڻا آهن؛ اهڙي وڻڪار ۽ اهڙو پهاڙن جو سايو ٻين به ڪيترن ئي هنڌ ملندو. پر پنجن منٽن جي پنڌ تي جا برف جي پل آهي، سا سيلانين لاءِ هڪ يگانو نماءُ آهي، جنهن جهڙو نماءُ ٻئي ڪنهن هنڌ ملڻ مشڪل آهي. انهيءَ ڪري ئي سيلاني جيءَ کي جاکوڙ ڏيئي، ڏکيو ۽ خطرناڪ پهاڙي پنڌ ڪري، هت، سمنڊ جي سطح کان نو هزار پنج سؤ فوٽ مٿي، ڪهي اچن ٿا.

سبزويءَ جي وچ ۾ هڪ ڪئنوس جو شاميانو لڳو پيو هو، جنهن ۾ هڪ خالصي جي هوٽل هئي. مون آتي لهي، ٿورو وسرام ڪري، چانهه ڍڪ پيتو، پوءِ، ڏس پڇي، ويس برف جي پل جو مشاهدو ماڻڻ.

ٻن ٻهاڙن جي وچ ۾ هڪ شاهي، عاليشان، سفيد برف جي پل هئي، جنهن جي هيٺان هڪ نرمل نهر، زوم ۽ زور سان، گهرگهاٽ ۽ غوغاءُ ڪندي، پئي وهي. نهر هڪڙي پاسي کان پل جي هيٺان گهڙي ٿي ۽ ٻئي پاسي کان نڪتي ٿي. مٿانئس برف تي ويهي، سيلاني سندس وهڪري جون لرزشون محسوس ڪري سگهيو ٿي. منهنجي لاءِ هيءُ نئون، حيرت‌انگيز نماءُ هو — بي مثل ۽ يگانو. مون پل تي لٺ جي آڌار تي (جنهنڪي هيٺان رڪ جي ڇهنب هئي)، ڪيترو ئي وقت پسار ڪيو. برف، مٽ پيري، ڪاڏم. منهنجو جيءُ، اندر توڙي ٻاهر، سيتل ٿي ويو. دنيا توڙي پنهنجي انفرادي هستيءَ جا ويچار ۽ وسوسا سڀ مون کان وسري ويا. مون ائين پئي ڀانيو ته مان موٽي گهر آيو آهيان.

نماشام جو مان هوٽل ڏي وريس، هوٽل ۾ مون کانسواءِ ٻيو سيلاني ڪونه هو. خالصو، هوٽل جو مالڪ، پنهنجن ٻن نوڪرن سان گڏ، چلهه جي پرسان، ماٺ ۾ ويٺو هو. هڪڙي نوڪر هٿ بتي پئي ٺيڪ ٺاڪ ڪئي، ۽ ٻيو هٿ ٻڌي ويٺو هو. مان اچي هڪ ڪرسيءَ تي ويٺس.

”سردار جي،“ مون خالصي کي چيو، ”اوهين گهڻا مهنا هت شاميانی ۾ هوٽل هلايو؟“

”اٽڪل پنج مهنا، مي جي شروعات کان آڪٽوبر جي شروعات تائين.“

”اهي سڀ مهنا توهان جو گذر هتيئي ٿئي؟“ مون پڇيو.

”جي، ها،“ هن ورائيو. ”پيٽ قوت لاءِ راولپنڊيءَ کان ڪهي هتي اچون ٿا.“

”ته جا مهنا ڪهڙو ڪم ڪريو؟“

”راولپنڊيءَ ۾ ننڍڙي ويسي اٿئون. اڪال پرک جي ڪرپا سان ٻيو گذر ٿئي.“

”مان رات هتي رهڻ ٿو گهران،“ مون چيو. ”ڪنهن ڪمل جو بندوبست ٿي سگهندو؟“

”اسان اڳيئي ٿي سمجهيو ته توهين رات هت گهاريندا،“ هن چيو. ”سچ لڳي ڪانپوءِ هيءَ پهاڙي پنڌ محال آهي اسانجو هڪ ساٿي ڪاله ڪنهن ڪم سان سرينگر ويو آهي هن جو ڪمل توهين ڪم آڻي سگهو ٿا.“

”توهان جي وڏي مهرباني،“ مون چيو.

هيئر البت اونده ٿيڻ لڳي نوڪر جنهن هٿ بتي ٺيڪ ٺاڪ ڪئي، تنهن آها ٻاري.

”اڄ چوڏس آهي،“ مون چيو. ”منهنجي اڇا آهي ته چنڊ جي چاندنيءَ ۾ هن عالم - آشڪار پل جو نظارو ڏسان. اوهين پلي منهنجي رسوئي پرچيو.“

ماني ٽڪي کائي، مون وري سردار جيءَ سان اوپاريون لهواريون ڳالهيون ڪيون. نوڪرن ٿانوَ برتڻ صاف ڪري پنهنجا بسترا هڪ ڪنڊ ۾ پکيڙيا، ۽ وچ ۾ سردارجيءَ جو بسترو ٺاهيائون. مون ڏٺو ته هو سڀ سمهڻ لاءِ آتا هئا. هننجي جيوت هوٽل جي نت نيم ۾ ٿي پوري ٿي ٿي. انهيءَ جي ٻاهر هننکي ڪابه دلچسپي ڪانه هئي، چوڏس جي چانڊاڻ ۽ قدرت جي گوناگون نظارن هنن جي دل کي نٿي ڇڪيو. انهن لاءِ هننجي زندگيءَ ۾ ڪا گنجائش ڪانه هئي. مون کي ويچار آيو ته هننجي جيوت جانورن کان ڪو ٿوروئي مٿي آهي. مان پاڻ کان انهيءَ جو سبب پڇڻ لڳس. اهو سندن وڪاس جي درجي ڪري هو، يا سندن نندي هوندي جي حالتن ۽ تعليم تربيت جي ڪوتاهيءَ ڪري؟

ڪمل جو هنن مهرباني ڪري مونکي رات لاءِ ڏنو هو، سو مون ڪلهي تي رکيو، ۽ هڪ هٿ ۾ لٺ ۽ ٻئي هٿ ۾

ٽرمـاس، جنهن ۾ گرم چـانهه هئي، ڪٽي سردارجيءَ ۽ سندس نوڪرن کي ”واهگروءَ جو آسرو“ چئي، مان وري پل ڏانهن ويس.

آسمان ۾ چوڏس جو چندرما ڪڙيو بيٺو هـو. اُن جا روپ- ورنا منور ڪرڻا، برف ۽ نهر جي گجيءَ تـي پئي پيا. عجيب سندرتا، پوترتا جي سفيد لباس ۾، هئي. مدهوش ڪندڙ مشاهدو هو. مان پل جي ڪني وٽ ويهي رهيس ۽ پنهنجيون اکيون ان اڌ پوت درشيه ۾ ڪٽي ڪوڙيم.

مونکي سڌ ناهي تہ مان ڪيترو وقت ائين ويٺو هوس. ڪي منٽ، ڪلاڪ، ڏينهن، مهنا، سال، صديون يا جڳـب ـــ ڪير چئي سگهي؟ وقت جي شناس ٻن قسمن جي آهي: هڪڙي آستول ۽ ٻي سوڪم. انسان جي حياتيءَ ۾ ڪي اهڙا واقعا ٿين ٿا جن ۾ وقت جو جاڏو، استول معيار ڪارگر نٿو ٿئي. هڪ لحظي ۾ انسان جڳن جا آنيو پرائـي ٿو، هڪ ڪن ۾ هو پاڻ ۾ آها تبديل پسي ٿو، جنهن لاءِ رواجي طرح سوين جُونين جي ضرورت ٿئي ٿي.

چنڊ جي چانڊاڻ جو تيج آهستي آهستي وڌڻ لڳو، ۽ اُنجو دائرو مونکي وشال ٿيندو معلوم ٿيو. رفتہ رفتہ مان ائين پيو پانيان تہ هن وشال تيج ۾ سارو برهمانڊ، سمائجي ويو آهي. جئن نديون زوم سـان وهنديون، سمنڊ ۾ اچيو پـون ۽ انسان هڪ ٿيو وڃن، تئن جڳتر جا سڀ روپ، سڀ آڪـار، سڀ گرهہ ۽ ستارا، سڀ لوڪ، سڀ آڪٽ ديوَ اُنهر اچي پيا هئا ۽ ان ۾ ئي سندن نواس هو. انهيءَ اڌ پوت تيج ۽ تجمل جو نہ هو آد ۽ نہ انت، ۽ نڪي وري وچ ئي.

سگهي وِشوَ جا نانا پرڪارن جا روپ ۽ رنگـب جي ڪن پنگر جو ڪيل آهن، تن مڙني اُن ۾ آمرتا پاتي ئي.

پرٿويءَ جا پاچولا انهيءَ آڪاسي جـوت ۾ ڪکہ پن ٿي ويا ٿي.

سهسہ-رنگي گنبذ مثل جيوت، انهيءَ اننت ٿيج سان تدروپ ٿي ٿي.

هيءَ آهي جوت جنهنجي مٿرڪ سان سارو برهمانڊ جرڪي ٿو.

هيءَ آهي پرم سندرتا جنهنجي وِشو جون مڙيئي وڻون چرن پرن ۽ وسن ٿيون.

هيءَ آهي پريم جنهنجي ڌاڳي پيٺي مان جيوَ جنتر، پکي پکڻ، مرون ۽ ماڻهو، ٽوٽي ديو جنمن ٿا.

هيءَ آهي ابناسي آسيس، جنهنجي مهر مها جـي سـايي هيٺ جڳتر جو ڪٺو وڏي ويجهي ۽ وڪاس ڪري ٿو.

هيءَ سناتن پرم-پرک جو وشوَ درشن آهي، جنهن ۾ جيوت جا سڀ دوَند ماي، غائب ٿيو وڃن.

آهستي آهستي هيءَ آننت تيج مونکي ويڙهي ويو، ۽ مان پنهنجي هستيءَ جي سرت پلجي، ”نت“ سان تدروپ ٿي ويس.

سنسار ۾

”ڪنوَر ڀاڙون ڀاتار ۾، ڀنور ڀري آڪاس؛
ڀنهي سندي ڳالهڙي، رازق آندي راس؛
تنهن عشق کي شاباس، جنهن محبتي ميڙيا.“
[شاهه].

باب ڇهريون

راڌڪا چندر سان ملڻ تي ڪپڙن ۾ نه پئي ماپي. سندس انگ انگ خوشيءَ سان ٽولارجي پيو. سندس نرڙ تان چنتا جو ڪارو ڪڪر ۽ ننڍڙو گهنج اُهين غائب ٿي ويا جو ڄڻ ته هئا ئي ڪين. چندر کيس نه فقط سهڻي لڳي ماپو هو، پر سيئي مانسڪ وڪارن کان مڪت. راڌڪا کي خوش ڏسي مون به پاڻ ۾ خوشيءَ جو هڪ نئون نياڻ ڦٽندو محسوس ڪيو.

اسين ٽيئي، آنهيءَ ڏينهن تي، موٽي پهلگام آياسين.

مون کي چندر هڪ نرالو جيو نظر آيو. هو سيني سان اُئين ٿي ورتيو جو ڄڻ ته سندس لاءِ ڪوبه ستداريو هوئي ڪونه ديس، ڪال ۽ سياڻ جي اختلافن جي شناس هن جي ورتاءَ ۾ ڦيرو ڪونه ٿي آندو. هو سيني جو سڄڻ هو، ۽ سيني کي پنهنجو سڄڻ ٿي سمجهيائين. وڻن ٽڻن، پکين پرندن، جيوَن جنترن توڙي منکن سان هن جي برادري هئي. هن مڙني ۾ جيوت جو هڪ ئي اصول ڏٺو ٿي، ۽ تفاوتن ۾ اختلافن کي هن پاهريان ويس پانهو ٿي.

”چندر،“ موں کانئس پڇيو، ”هيءَ اٿڳڻي، عجيب نانت، هيءَ ڪثرت ڪُل، هي جدا جدا رنگ، روپ ۽ آڪار، مَن تي جدا جدا اثر پيدا ڪونہ ٿا ڪن؟“

”هيءَ اننت جي ليلا آهي، موهن،“ هن چيو، ”آروپ اننت آسنک روپ ڌاري، نت نئين ليلا پيو ڪيلي. سڀ جيوَ انهيءَ ۾ ويسڌاري آهن.“

”آنئين اِنهيءَ ليلا جا ساکي ڪير آهن؟“ موں پڇيو.

”اهي ساڳيا ويسڌاري ئي،“ هن وراڻيو. ”اسين ويسڌاري ۽ ساکي ٻئي آهيون: ڪي وڌيڪ ويسڌاري ۽ ساکي گهٽ آهن، ۽ ڪي وڌيڪ ساکي ۽ ويسڌاري گهٽ. انهيءَ تفاوت ۾ ئي انسان جي وڪاس جو راز رکيل آهي.“

پورب جو آتم-گيان رکڻ ۾ هٺ ڪري اهي ڳالهيون، اهي آتپتي ويچار، منهنجي سمجهہ ۾ آيا ئي، ليڪن اهي منهنجي جيوت جو حصو نہ ٿي بنيا. مان چندر سان سمت ٿيس ٿي، پر منهنجي زندگيءَ تي اهو رنگ نہ ٿي چڙهيو، اُن ۾ اُها تبديل نہ ٿي آئي، جنهن چندر جي جيوت کي آنند جي سدا- وهندڙ نهر بنائي ڇڏيو هو.

ٻئي ڏينهن ٿيٺي سري نگر موٽي آياسين.

هوٽل ۾ اچا ڏانئڪا مس ٿياسين تہ چندر رڙيو: ”اچو تہ ڪشميري مترن سان ملاقات ڪرايانوَ.“

راڌڪا تعجب ۾ چيو: ”تڏهن سري نگر ۾ نئين ساهڙپ ڳنڍي اٿئي!“

”ها، نئين ساهڙپ، منهنجي راڌڪا،“ هن ٽمڪندڙ اکين سان آکيو. ”توکي اج وچايل ليلان وري ملندي.“

راڌڪا جي نرڙ تي رنج جي هڪ ننڍڙي ٻادل ڏيکاري ڏني.

راڌڪا، اهو ٻڌي تون ملول ڇو ٿي ويئين؟“ چندر چيو. ”ليلان مٺي ڪانهي. هوءَ اَمر آهي. وشو جي اپار سندرتا

سان ملي، هوءَ هڪ ٿي ويئي آهي. هرهڪ سندر وَٽ مان هوءَ
ليا پائي، مون سان ملڻ لاءِ مونکي سڏي پيئي. منهنجي اندر
۾ هن سان ملي هڪ ٿي وڃڻ جو احساس سدا آهي، پر جيسين
هيءَ اسٿول جيوت آهي تيسين وره ۽ وصال جي ليلا لڳاتار
هلندي ايندي. هاڻ سنپر ته هلون."

مون ڏٺو ته چندر جي ڳالهه، هنجي نقطهٔ نگاهه، راڌڪا
جي سمجهه ۾ به نه آئي. پر هوءَ آئي ساڻس وڃڻ لاءِ سنپري.
شايد پانيائين ته اهوئي رستو آهي ڪيمس سمجهڻ جو.

اسين ٽيئي چڙها ٽانگي ۾ چڙهي، حباقدل جي پرسان هڪ
مڪان وٽ اچي لٿاسين. مڪان جهونو، پراڻي زماني جو هو.
اچا اندر گهڙڻ تي هئاسين ته هڪ ڪشميري نوجوان درڪولي،
ٻاهر نڪتو. هن چندر کي ڏسڻ سان واڪو ڪري چيو: "چندر!
خوش چاڪ؟" سندس اکيون چندر جي منهن ۾ وڃي کتيون،
۽ سندس زبان چپ ٿي ويئي. ڪن پل ڪانپوءِ چيائين: "هائو،
توهين بلڪل ڏوبنا پيا لڳو. تندرستي توهانجي ته مان ٻنهه
بکي پيئي. ويچاري آمي هي سڀ ڏينهن توهان جو انتظار ڪندي
رهي آهي. اچو، اچو. اندر اچو."

اسين سڀيئي سندس پٺيان اندر گهڙياسين.

دالان ۾ سروپ آنند جي ماءُ پنهنجي ناڪر لاءِ پشمن
جي مالها پٺي رهي هئي. اسانکي اندر گهڙندو ڏسي، هوءَ اٿي،
وڏي چندر وٽ آئي، ۽ گنڀيرتا سان پنهنجا ٻئي هٿ هنجي
ڪلهن تي رکي، هنجي منهن ۾ غور ڪري نهاريائين. چندر
جي مشڪندڙ، منير منهن ڪيس خاطري ڏني ۽ هن چندر کي پنهنجي
سيني سان لڳائي، ڪيس سندس نرڙ تي ڪوملتا پري چمي ڏني.

"جو منهنجي پيءُ کي سڪرات جي گهڙيءَ پراپت
ٿيو، جنهنجي ڳولا ۾ منهنجو پتي ڪپي ڪاڇي ويو، سو توکي
جوانيءَ ۾ پڙپيو آهي، چندرا!" هن گنڀير، پر مٺي، آواز ۾ چيو.

”تون سپاڳڻ جي ستَ ساڻ آهين. هاڻ تنهنجي جيوت جي ميزان کي دنيا جو ڪوبه آزمودو لوڏي نه سگهندو. مان توکي ڏسي ڏاڍو پرسن ٿي آهيان.“

هيلتائين هوءَ چندر ۾ اهڙي نه محو هئي، جو راڌڪا ۽ منهنجي هستيءَ جو سماءُ ٿي ڪونه پيو هوس. هنئر هن اسان ڏانهن نهاريو، ۽ مشڪي چندر کي چيو: ”پنهنجن ساٿين جي به سڃاڻپ ڪراءِ.“

”هيءَ منهنجي منڙي پيڻ راڌڪا آهي،“ هن راڌڪا ڏي اشارو ڪري چيو. ”مان ڪيس مريءَ ۾، اڪيلو ٿي اڪيلو ڇڏي، هيڏانهن پڄي آيو هوس. آنئين هيءُ منهنجو نئون متر مسٽر موهن امرتاڻي آهي، جنهن راڌڪا کي منهنجي ڳولا ۾ دل و جان سان مدد ڪئي آهي.“

”چندر جا عزيز ۽ متر اسانجا عزيز ۽ متر آهن،“ سروپ جي ماءُ منڙي پاڀوه سان چيو: انهيءَ ڪري به اوهانجي آجيان ٿي ڪريان. چندر وانگر توهين به هيءُ پنهنجو گهر ڪري سمجهو.“

اسان کي آدر ستڪار سان وهاري، هوءَ اندران ڪشميري چانهدان کڻي آئي. اسان مان هرهڪ کي ڏاڍي پريم سان چانهه پرچي ڏنائين. مهماني ڪرڻ ۾ کيس ازحد آنند پئي آيو.

جڏهن چانهه پي رهياسين، تڏهن چندر ڏي منهن ڪري چيائين: ”چندر، هاڻ مان تنهنجن آنيون پڌڻ لاءِ تيار آهيان.“

چندر مشڪي، کيس پرنام ڪيو. ”مان پنهنجي سڀاڳ لاءِ توهانجو تهدل شڪرگذار آهيان. توهين منهنجي آتمڪ جنني آهيو. آميءَ مونکي هن سرير ۾ جنميو. توهان مونکي آتم جنم بخشيو آهي.“

سروپ آنند جي ماءُ جو منهن خوشيءَ کان بهار بهار پئي ٿيو. هن چيو: ”هائو، مان تنهنجي آتمڪ جنني آهيان. تنهنجي هن نئين جنم جي انتظار ۾ مون جي سور سٺا آهن،

تن جي سڌ ايشور کي ئي آهي، ۽ آج توکي هن روپ ۾ پائي مون کي جا پرسنتا ٿي آهي سا مون کي سروپ جي چمڻ ٿي ٻه ڪانه ٿي هئي.“

”امي سوداملي ڪٿي آهي؟“ چندر اوچتو پڇيو.

چندر جي آتمڪ جنيءَ جي مکہ تي مشڪ لڳاتار بيٺي هئي. اٿين پئي پاسيو ته سندس جيوت جي اعليٰ ۾ اعليٰ آديش اج پرڦلتا پاتي هئي، جنهنڪري سندس دل ۾ آنند جي مٺي ياوَ کانسواءِ ٻيو ڪوبہ ڀاوَ ڪونہ هو. هن نهر سان چيو:

”سوداملي هڪ نئين جاترا تي ويئي آهي.“

”نئين جاترا!“ آها ڪهڙي آهي، امي؟“ چندر پڇيو.

”هرڪنهن سمي جا پنهنجا تيرٿ آستان آهن، چندر،“ هن وراڻيو. ”هن سمي ۾ عام خلق جي خير خواهن جو تيرٿ آستان جيل ٿو ڏسجي.“

”جيل!“ چندر عجب ۾ چيو: ”سوداملي جيل ۾! چو، امي، هن ڇا ڪيو آهي جو هن کي جيل ۾ وڌو ويو آهي؟“

”ٽنهن ڏينهن ريشم جي ڪارخانن جي ڪاريگرن ڪم تي چڙهڻ کان انڪار ڪيو. انهيءَ کي ’هڙتال‘ ٿي سڏياڻون. هنن جون ڪي شڪايتون هيون، جن تي ڪارخانن جي مالڪن کو ڌيان نئي ڏنو. هڙتال جي ٽئي ڏينهن ڪاريگرن جي استرين، ناري منڊل جي سهاري هيٺ، سرگس ڪيديو ۾ ميٽنگ ڪئي. ميٽنگ ۾ ڪاريگرن سان همدرديءَ جا نهراءَ پاس ڪياڻون. سوداملي انهيءَ کان ٻه ڏينهن اڳ ناري منڊل جي منتري ٿاڦي ويئي هئي، جنهنڪري استرين جي هن هلچل جو روح روان هئي، ۽ سندس سرجوشيءَ سان ئي ساري رٿ ڪامياب ٿي. اختياريءَ وارن کي انهيءَ جاڳرتا تان مٺيان لڳي ٿي ڏسجي. کيس منتريءَ جي حيثيت ۾ گرفتار ڪري ويا آهن.“

موٽ چندر ڏانھن نھاريو. سندس منهن ۾ ڪوبہ غم جو آثار ڪونہ هو. سندس اکين مان فخر جي جهلڪ ڏيکاري پئي ڏني. هن ڏاڍيءَ نهر سان پڇيو: ”متس ڪيس هليو آهي؟“

سروپ آنند جو هيلتائين مات ڪري ويٺو هو، تنهن چيو: ”نہ. پڪ ئي تہ سپائي ڪيس آئينده جي لاءِ چتاءُ ڪري ڇڏي ڏيندا.“

”سودامنيءَ پنهنجي جيوت جو مارگ ڳولي ڪنيو آهي،“ سروپ آنند جي ماءُ چيو. ”جوتشين نہ اڳيئي ٿي چيو تہ هوءَ دکي آتمائن کي آنندت ڪرڻ لاءِ چائي آهي. اوڪ شيوا جو مارگ بہ انهيءَ ڪري ئي ڳوليو اٿس. هرڪنهن مارگ ۾ پنهنجا پنهنجا دک ۽ سنڪٽ آهن. آهي ئي تہ انسان جي وڪاس ۽ واڌاري جو ڪارڻ آهن. سودامني پنهنجو ڀاڳ پاڻهين ڳولي لهندي.“

انهيءَ ڏينهن رات جي سانت ۾ چندر سندرتا ۽ سورمتا تي هڪ روچڪ ڪوتا رچي، جنهن ۾ مکيہ ويچار اهو هو تہ ٻنهي جو بنيادي اصول هڪ آهي.

باب ٻيو

سروپ آنند جو اُفواه ٻڌو هو سو صحيح نڪتو. سودامنيءَ کي اختياريءَ وارن چتاءُ ڪري، ڇڏي ڏنو. شايد ٻپ ٽين تہ هڪ تعليم - يافتہ پنڊت ڪماريءَ کي سزا ڏيڻ سان متان معاملو گنڀير نہ ٿي پوي ۽ استرين ۾ سجاڳي پکڙجي نہ وڃي.

چندر پنهنجيءَ ڪوتا جو هندي ترجمو سندس آجيان ۾ پڙهي ٻڌايو، سودامني جو منهن ورن ورن پئي ٿيو. راڄڪ ڪيس چتائي جاچي رهي هئي، اُئين پئي ڏنو تہ هن اچا سندس بابت ڪو رايو ڪونہ ڏاهيو هو، سروپ آنند اُئين ويٺو هو ڄڻ

۽ سچو نظارو ڪنهن چتر ڪيڻ جي ارادي سان جاچيائين پئي.
آميءَ مانيٽيءَ مشڪ سان چانهدان ۾ چانهه پئي تيار ڪئي. مان
راڌڪا جي مشغوليءَ ۾ دلچسپي وٺي رهيو هوس.

ڪونا پوري تي ۽ سروپ آنند گد گد ٿي تاڙيون وڄايون،
۽ واه! واه! جي ڌن مچائي. آميءَ جي مشڪ موڪري ٿي.
راڌڪا جي نرڙ تان آفيصلائي جو گهنج لهي ويو ۽ سندس
منهن ۾ سرهائي آئي. منهنجي منهن تي به سرهائيءَ جو پرتوو
پيو، ۽ مان سروپ آنند سان تاڙين وڄائڻ ۾ شريڪ ٿيس.

سوداميءَ حيا سان نمي، چندر جا ٿورا مڃيا: "هيءُ
شاعرانو مبالغو آهي. مان انهيءَ ساراه جي لائق ڪانه آهيان."

"اهو حيا سونهن کي سوائي ٿو،" راڌڪا مشڪندي چيو.

سوداميءَ پريم ڀرين اکين سان ڏانهنس نهاريو. انهيءَ
نهار ۾ هي کي هميشه لاءِ هڪ‌ٻئي جي ڀير بنائي ڇڏيو. ٻنهي
محسوس ڪيو ته هو هڪ‌ٻئي کي هرڪنهن حالت ۾ صحيح
سمجهنديون ۽ ڪڏهن به پاڻ ۾ غلط فهمي ٿيڻ جو اتفاق ڪونه
ٿيندن، ۽ انهيءَ ڪري هو هميشه هڪ‌ٻئي سان پريم ڀاو
سان ورتنديون.

ٻاهران "سوداميني ديويءَ جي جَي" جا نعرا اسانجي
ڪنن تي پيا. سروپ آنند دريءَ مان ليو پائي ڏٺو، ۽ چيو:
"استرين جو سرگس سوداميءَ کي مبارڪون ڏيڻ آيو آهي.
اچ، سودا. شايد ڇوٽي تقرير به ڪرڻي پوندي."

سوداميني لڄ کان ذرو هٻڪي. پر دردي ارادي سان اٿي،
۽ دريءَ ڏي وڌي. اسين سڀ سندس پٺيان وياسين. هيٺ گهٽيءَ
۾ استريون ايڏي تعداد ۾ اچي مڙيون هيون جو تر ڇٽڻ جي
جاءِ به ڪانه هئي. نوانوي سيڪڙو ڪان متي غريب، مفلس
عورتون هيون. سندن ميرن، ڦاٽن ڪپڙن مان سندن حالت
ظاهر ظهور هئي. پر اڄ سندن منهن ڪنهن نئين اتساه ۽ جوش

۽ جذبي کان ڀڪيا پئي، ۽ رکي رکي سندن ڳاٽ اوچا ٿي ٿيا، سندن سينا ٻاهر ٿي نڪتا ۽ سندن گلي مان آوازگونججي ٿي اٿيو: ”انقلاب زنده باد ــــ سوداميني ديويءَ جي جي.“ سوداميني استرين جي هن سجهنڊڙ سٿ کي نمسڪار ڪيو، ڪن پل ماٺ ڇانئجي ويئي، ۽ پوءِ پنهنجي سٿ ”سوداميني ديويءَ جي جئي“ جي نعارن جي ڌن لڳي ويئي.

سوداميني هٿ مٿي ڪئي، هن کي سانت ٿيڻ جي وينتي ڪئي. ٿوري وقت ۾ وري ماٺ پکڙجي ويئي. ”پياريون ڀيڻرون،“ سوداميني چيو: ”مان توهانجي هن پيار جي اظهار لاءِ توهانجي تهدل شڪرگذار آهيان. توهان ۾ هيڏي جاڳرتا ڏسي مونکي ازحد خوشي ٿي آهي. هرڪنهن قوم جي قسمت جون واڳون استرين جي هٿ ۾ ٿين ٿيون. انهيءَ ڪري هنن تي وڏي جوابداري آهي. جي هنن ۾ سيپتا ۽ تهذيب، ست ۽ ستيا، ۽ تعليم ۽ تربيت آهي، ته پوءِ قوم جي قسمت عروج تي رسي ٿي؛ پر جي هو بي تعليم ۽ بي تربيت آهن، جي منجهن ست ۽ آست جي پرک ڪانهي، ۽ جي هنن ۾ دل جي همٿ ۽ سهڪار جو ڀاو ڪونهي، ته پوءِ قوم جائي رساتل کي پهچي ٿي. اسانجو ديس ڪشمير، هيڙو ساڻو ۽ سبز، تنهن هوندي به منجهس هيتري دل ڏارينڊڙ مفلسي، تنهنجو هڪ وڏو ڪارڻ اهو آهي جو اسان استرين پنهنجي جوابداري محسوس ڪونه ڪئي آهي، جو اسان اهو محسوس نه ڪيو آهي ته اسين ملڪ جي قسمت جا معمار آهيون. هيءَ سجاڳي بهار جي مٺيءَ هوا مثل آهي (تاڙيون)، هيءَ جاڳرتا ديس جي نئين جنم جو آثار آهي، ملڪ جي قسمت جي آفق تي نئين ڏينهن ڦٽڻ جي اوائلي ترورن جو ليو آهي اسان کي جڳائي ته اسين پاڻ کي انهيءَ نئين ڦٽندڙ ڏينهن جي ڪرتبن ۽ ڪارين لاءِ تيار ڪريون. انهيءَ لاءِ مان توهان سڀني کي استدعا ٿي ڪريان ته توهين سڀ ناري منڊل جون

ميمبر ڏي، انهيءَ جو سٺاءُ عمل ۾ آڻيو. (’استري منڊل جي جئي‘ جا نعرا) مان وري به دل و جان سان ڏوهان جا ٿورا ٿي مڃان. شل مان ڏوهان جي هن اٿاه پريم جي لائق ٿيان.“

”سوداميني ديويءَ جي جئي“ جي ڏن لڳي ويئي. سوداميني هٿ جوڙي، ڪنڌ نوائي؛ سڀني کي نمسڪار ڪيو، ۽ دريءَ تان موٽي وڃي پنهنجيءَ جاءِ تي ويٺي.

چندر ٻيءَ دريءَ تي منهنجي ٻنهه پرسان بيٺو هو. مون سندس منهن ۾ نهاريو. هن جو چهرو خوش، ۽ هنجي اکين ۾ فخر جي جهلڪ هئي. هو دريءَ جي ٻاهر نهاري، ميڙ کي آهستي آهستي گهٽيءَ کان ٻاهر ويندي ڏسي رهيو هو. جنهن جذبي هن جٿاري اٿي مثل چڙ چڙ چانگهه کي ملائي هڪ هستي بنايو هو ۽ سندن مفلسي-زده مهاندن کي منور ڪيو هو، تنهن جو پرتوو سندس منهن ۾ پئي بکيو. هن اوچتو ڪنڌ ڦيري چيو:

”سوداميني، ڏون ڏن آهين. تو هنن مرده جسمن ۾ نئون ساهه ڦوڪيو آهي؛ هننجي نراس هردن ۾ نئين آشا جو سلو آسرايو آهي؛ هنن کي جئڻ لاءِ نئون سبب ڏنو آهي.“

سوداميني عجب ۾ چندر جي منهن ۾ نهاريندي رهي.

”هيءُ ڪاريه اٿاهه آهي،“ اميءَ چيو.

”آنئين منهنجا ڪلها ننڍا ۽ نستا،“ سودامنيءَ تمام جهيڻي آواز ۾ چيو.

”آتما جي سڀرائي هرڪا جسماني اوڻائي پري سگهي ٿي،“ چندر چيو.

”پر هيءُ مسئلو قديم آهي،“ مون چيو. ”صدين جي سماجڪ سرشتي کي ڦيرائڻ ۽ سڌارڻ ڪا سٿري ڳالهه ڪانهي. پشت به پشت اسانجي ابن ڏاڏن انهيءَ سرشتي کي انگيڪار پئي ڪيو آهي.“

”پر هي ٿيءَ سرده ڪندڙ مفلسي ڪئن سهي سگهبي؟“ سودامنيءَ جوش مان چيو: ”اها سماج کي سيپيءَ پدويءَ تان ڪيرائي، حيوانيت جي درجي تي ٽيندي.“

”دنيا ۾ هڪ نئون جڳ شروع ٿيو آهي،“ چندر چيو، ”مفلس ۽ مظلوم، ڪمي ۽ ڪڙمي، پنهنجي نئين قسمت جو سنيهو سڻي رهيا آهن. هنن ۾ نئين جاڳرتا آئي آهي. هو انسانن جي حياتي گهارڻ گهرن ٿا. هو پنهنجي ڳچيءَ مان غلاميءَ جو طوق پچي، ڦٽو ڪرڻ جي ڪوشش ڏي متوجه ٿيا آهن. هڪ اٿاهه لهر اُٿي آهي، جا ڏينهون ڏينهن وڌي وڌندي ۽ زوردار ٿيندي. اُنهيءَ جي اڳيان ڪابه رنڊڪ، ڪابه رڪاوٽ بيهي نه سگهندي. اسين جي هن نئين جڳ جي پره ڦٽي پسي رهيا آهيون، تن جو فرض آهي ته انهن بي تعليم، بي تربيت ۽ بي تهذيب جيوَن کي سندن ورثي جو لائق بنايون.“

”پر اهو ڪم ايڏو ته ڀاري آهي جو انهيءَ لاءِ هزارين، بلڪ لکين، آنساهڪ شيوڪ گهرجن، ۽ ڪي صديون.“

”موهن، انسان جي اُنتيءَ واري وَشي ۾ تون ايترو ڏک ـ ڏُرسي ڇو آهين؟“ چندر چيو. ”انسان ۾ برابر حيوانيت جا اَميا چشما آهن، جن جي وهاٽيل پاڻيءَ کي امرت بنائڻ ۾ وڏو وقت لڳي ٿو. ليڪن، جئن ڪيمياگر جنهن وَٽ کي ڌاهڻ ۾ قدرت ورهين جا ورهيه وٺي ٿي، سا ٿوري ئي عرصي ۾ جوڙي سگهي ٿو، تئن جنهن کي جيوت جي بنيادي اصولن جي ڄاڻ آهي، سو انسان جي وڪاس جو عرصو به گهٽائي سگهي ٿو.“

”اُهي بنيادي اُصول ڪهڙا آهن؟“ مون پڇيو.

”ستيه ۽ اهنسا،“ چندر ورائيو. ”انسان ۾ جڏهن ستيه ڄاڻڻ جي آجهل اپلاڪا اُٿي ٿي تڏهن هن جي اُنتيءَ جي رفتار ازحد تکي ٿيو وڃي؛ ۽ سماج ۾ انسان پريم ۽ آمن سان رهي،

تنهن لاءِ اهنسا جي ضرورت آهي. ستيہ من آهي ۽ اهنسا هردو، ستيہ گيان آهي ۽ اهنسا ڀڳتي يا پريم: انهن جي ميلاپ سان انسان پورن ستيہ جيوت گهاري ٿو."

"آتئين آنهيءَ جا اُپاءَ؟" مون خشڪ مزاجيءَ سان پڇيو.

"ماڻهن ۾ اها شناس پيدا ڪجي ته هو آتما آهن،" هن آٿر ڏنو. "اڻين سمجهڻ سان هنن مان اسٿول ڪامنائن، خصوصاً لوڀ ۽ موه، جو زور ڏينهون ڏينهن گهٽبو ويندو، جنهنڪري سماج پاڻمرادو ساميوادي اصول تي ٻڌجي بيهندي."

"ساميواد يا رام-راڄ؟" مون مشڪندي پڇيو.

"آتما جي شناس تي ٻڌل ساميواد رام-راڄ ئي اسٿاپن ڪندو، موهن،" هن ورندو مشڪندي چيو.

آميءَ مٿي پاڻوه سان اسانجي گفتگو جو سلسلو ڇڄندي چيو: "چو، اڄ ڊنڊ جي سير تي ڪونہ وينداٌ؟ سودامنيءَ ڪي ڪي توري تازي، ڪليل هوا ڪارائي اچو."

باب ڏهون

ڪشمير کي شاعرن فردوس-نشان ڪري سڏيو آهي. قدرت، بيشڪ، ڪيس باغ اروان بڻايو آهي. ليڪن انسان انهيءَ اندر-استان ۾ جو مفاسي ۽ جهالت جو جهنم جوڙيو آهي، سو نهايت، دردانگيز آهي. سرينگر شهر جو جهونو پاڱو گهمي ڏسو، مفاسيءَ جا بي شمار آثار نظر چڙهندو.

چندر پاڻ کي ڪشمير جي آڌر، نڌر آيرن جي شيوا جي ڪارڻ ۾ جنبي چڏيو. سودامني استرين ۾ ۽ چندر پُرڪن ۾ ڪم ڪرڻ لڳا. رات جي ماني کائڻ کانپوءِ اسان سڀني جي مجلس لڳندي هئي، جنهن ۾ خوب روح رهاڻ ٿيندي هئي. سودامني ۽ چندر، آمي ۽ سروپ آنند، راڌڪا ۽ مان، ۽ ڪنهن

ڪنهن مهل سودامنيءَ جي ڪا ساهڙي يا چندر جو ڪو رفيق يا هم-ڪار، انهيءَ سيا جا سپاسڏ هئاسين ۽ خوب سماجڪ ۽ اقتصادي مسئلن تي بحث مباحثا ٿيندا هئا.

چندر ساميواد (Socialism) ۽ موروواد (Capitalism) ارٿ شاستر (Economics) ۽ سماج – وديا (Sociology) ۽ رٿيل سماجڪ سٿاءَ (Planned Economy) تي اڪيچار ۽ نئون ساهت واچڻ لڳو، پر مغرب جي ساميوادين ۽ ارٿ - شاسترين جا ويچار جڙواد (Materialism) جي بنياد تي ٻڌل هئا ۽ چندر جا آتم - واد (Spititualism) جي بنياد تي.

”جڙواد تي ٻڌل ساميواد جي برپا ڪرڻ جي ڪوشش سماج جي جدا جدا طبقن جي وچ ۾ جنگ اُتاريندي،“ هن هڪ ڏينهن چيو. ”اسان کي ساميواد آتم - واد تي ٻڌل گهرجي. اسان کي گهرجي ته اسين سڀني ۾ اها شناس وجهون ته اسين سڀ انسان پاڻ ۾ ڀائر آهيون، هڪ مطلق هستيءَ جا جزا. انهيءَ ڪري هنگامي ۽ هنسا کان سماج کي بچائي، سماج ۾ اهنسڪ ۽ سانتيڪو انقلاب آڻي سگهبو. اهائي ته پورب جي پراچين سکيا آهي. اڳي اها سکيا جنم مرڻ جي ڦيري کان مکت ٿيڻ لاءِ هوندي هئي. هاڻ اها سماجڪ جيوت جو روح روان ٿيندي.“

راڌڪا جنهن هيلتائين هميشه چندر ۾ هڪ الوڪڪ شاعر ڏٺو هو، تنهن کي هن جي انهيءَ نئين مشغوليءَ البت منجهائي ۽ ورچائي ڇڏيو هو. جيتوڻيڪ هن پنهنجو ناراضپو ڪڏهن به ظاهر نه ڪيو، ته به ڪڏهن ڪڏهن سندس ڳالهائڻ مان آهو ليو پائي، نڪري ايندو هو.

”پر اهڙي سانتيڪي انقلاب آڻڻ لاءِ ته جُڳ کپن،“ هن چيو.

چندر مشڪي، ورائيو: ”سماج ۾ ڪي آهي لحظا اچن ٿا جڏهن آها ڪنهن سن - آچل سان هڪ نئين ڏس ڏانهن تڪڙو تڪڙو قدم کڻي ٿي. انهيءَ نئين قدم لاءِ تيار ٿيڻ ۾ ان کي ڪي صديون لڳن ٿيون؛ پر جڏهن تبديل شروع ٿئي ٿي، تڏهن اٿين ٿو ياڻنجي ته اِها اوچتي آهي.“

”صدين جي مفلسيءَ ۽ غلاميءَ غريبن کي پنهنجي ورثي لاءِ تيار پٽي ڪيو آهي،“ سوداسنيءَ چندر جي پٺڀرائي ڪندي چيو.

”هڪ انسان ٻئي کان نرالو آهي — عقل ۾، ٻڌيءَ ۾، اُنهن شڪتين ۾ جن کي مانسڪ ۽ آتمڪ شڪتيون ٿو سڏجي،“ مون چيو. ”سماج جا درجا صرف انهن تفاوتن جا ٻاهريان روپ آهن.“

”پر انهن اِختلافن جو آرٿڪ جيوت سان ڪو واسطو ڪونهي،“ چندر چيو. ”جي اسين اهو قبوليون ٿا ته آتما ۾ اسين سڀ ياڻر آهيون ته پوءِ اهي ٻاهريان آرٿڪ اختلاف وڃڻ گهرجن، ته پوءِ اسان کي ساميواد جو اهو اصول قبول ڪرڻو پوندو ته ’هرهڪ کان سندس لياقت آهر، ۽ هرهڪ کي سندس احتياج آهر‘.“

چندر اسان جي سڀا جو فئلسوف ۽ آچاريه هو ۽ سوداسني سندس خاص شش. راتڪا ۽ سان سدائين حجتون ٻيا اتاريندا هئاسين. سروپ آنند هڪ ساڪي ٿيو ويٺو هوندو هو. الاهي سندس دل ۾ ڇا پيو وهندو واپرندو هو. آمي، مشڪ سندس منهن تي، پنهي پکن جا رايا دلچسپيءَ سان ٻڌندي هئي، جيتوڻيڪ بحث مباحثي ۾ بهرو خير ڪو وٺندي هئي.

انهن بحث مباحثن ۾ ڪڏهن ڪڏهن سوداسنيءَ جي هڪ ساهيڙي اچي شامل ٿيندي هئي. هوءَ استري منڊل جي هلچل ۾ چست بهرو وٺندڙ هئي. سندس سڀاءُ جوشيلو هو. نئين زماني

جي نئين شاستر جي نشي سندس مغز وچي ورتو هو، هن هڪ ئي ڏک سان رستي ڏان سڀ رڪاوٽون دور ڪرڻ ٿي چاهيون، هڪ ئي حملي سان دشمن جو قلعو فتح ڪرڻ ٿي گهريو. بدن جي سنهي ۽ لچڪلي ۽ هلت چلت جي چست ۽ ڦڙت هئي. سندس آواز ۾ سندس بدن جيان سهڻو هو، ۽ جڏهن ڳالهائيندي مٿس جوش غالب پوندو هو، تڏهن ڪيڪ جو روپ وٺندو هو. سندس زبان مان ڦامڪنين ساميوادين جا گفتا سدائين پيا ڇٽندا هئا. هوءَ زماني جو آڏير آتما هئي. سانتيڪا ستاءَ ۽ روز مره جو نت نيم ڪيس بي صبر ڪري ڇڏيندا هئا. هن جي ردي ۾ هڪ خواب هو، جنهنکي حقيقت جي صورت ۾ ڏسڻ لاءِ هوءَ بي چين هئي.

”مون کي عجب آهي ته ڪئن دنيا جا آسي ڪان مٿي سيڪڙو ماڻهو مفلسي ۽ دک، هٿ ٻڌي، ٻوڪي رهيا آهن،“ هوءَ چوندي هئي. ”هوءَ مرده زندگي گهاري رهيا آهن. هنن جي رڳن ۾ خون ٺڌو ٿي ويو آهي. باهه، ڪين باهه جو احتياج آهي. اسان کي گهرجي ته سندن خون گرم ڪريون. اسانجي تقريرن ۽ رڻن ۾ باهه جا شعلا هئڻ گهرجن.“

چندر سندس جوش ۽ آڌيرتا تي مشڪي چوندو هو:

”اول هنن ۾ سندن ذليل حالت جو احساس پيدا ڪرڻ گهرجي. تنهنکانپوءِ منجهن نئين جيون جي آدرش جي جوت جڳائڻ گهرجي — سهڻي ۽ سندر جيون جي. انهيءَ سهڻي ۽ سندر جيون ۾ هنسا ۽ ڪروڌ ٿي نٿا سگهن.“

”پر اهو سهڻو ۽ سندر جيون سندن ڪوشش جو نتيجو ٿيندو ۽ نه ڪارڻ،“ هوءَ بي صبر ٿي چوندي هئي.

”برابر،“ چندر چوندو هو: ”پر سندر ڪارڻ مان ئي سندر نتيجا اُپجن ٿا. ڪارڻ خود نتيجو آهي. بڇڙن ڪارڻن مان ڪڏهن به سندر نتيجا نٿا نڪرن.“

هوءَ لاجواب ٿي پوندي هئي، ليڪن سندس ڪلهن جي لچڪي مان ظاهر هوندو هو ته هوءَ اهڙن فلسوفي دلائن جي اڳيان آٽ مڃڻ لاءِ تيار نه هئي.

”سروج آڌير آتما آهي،“ آمي چوندي هئي — مشڪ سان. اسين سڀئي آميءَ سان انهيءَ ۾ شامل راءِ ٿيندا هئاسين.

سروج استريءَ ۾ ڪم ڪرڻ ڇڏي، چندر سان پرڪن ۾ ڪم ڪرڻ لڳي. ”سماج ۾ انقلاب پرڪن جي ذريعي ئي ايندو،“ هوءَ چوندي هئي. صبح تورڙي سانجهيءَ چندر سان هر ڪار هوندي هئي.

هڪ ڏينهن، چندر ۽ سروج رات جو دير سان موٽيا. اسين سڀ سندن انتظار ۾ ويٺا هئاسين. سودامني جي منهن مان نه رڳو انتظار جا آثار ظاهر هئا، پر هڪ قسم جي مانسڪ بي چئنيءَ جا به. آمي امان سيني کي آٿت ڏيئي رهي هئي. اڌڪا ۽ سودامني آتي، دريءَ تي وچي ٻيئيون ۽ پاڻ ۾ ٻڪي ڳالهيون ڪرڻ لڳيون. جيتوڻيڪ سندن ڳالهائڻ جو پرلاءُ مان جي ڪنن تي ڪونه ٿي پيو، ته به اهو ظاهر هو ته هنن گفتگو سمتيءَ پري هئي.

اٽڪل ساڍي نوين بجي، چندر ۽ سروج موٽيا. راڌڪا وچي چندر کي ڳراهڙي پاتي، ۽ اندیشي پريل آواز ۾ ”چو، چندر اڄ دير لاتءِ؟“

چندر اچا جواب ڏئي ني ڏئي، تنهنکان اڳ سروج چيو: پرچار لاءِ ويا هئاسين تنمرگ. آتي ڪم لاهي، گلمرگ وياسين. انهيءَ ڪري البت چرڪو آيا آهيون.“

اسان سيني جون اکيون وچي سروج ۾ کتيون. هن جي ۾ اڄ هڪ نئي قسم جي جهلڪ هئي. هن جي منهن ۽ مان آڄ پرسنتا پئي بکي. مون سودامنيءَ جي منهن تي

نظر ڦيرائي. هوءَ پيلي ٿي ويئي هئي. ها، هن سروج ۾ تبديل جاچي هئي.

موهن چندر ڏانهن نهاريو. موهن کي هن ۾ ڪابه تبديل نظر نه آئي. هو ساڳيو چندر هو ـــ چندن واڙيءَ وارو.

سودامني ماٺ ميٺ ۾ دالان ڇڏي، پنهنجي ڪمري ڏي هلي ويئي. سروپ آنند پنهنجي ڪلپنا جي آدرش دنيا ۾ محو هو. راڌڪا ۽ مان پاڻ ۾ وطن ورڻ جون رٿون رٿي رهيا هئاسين. سروج پنهنجي سنهي، مسرور آواز ۾ گلمرگ جي قدرتي سبزون ۽ چاڙهين جو شوق سان بيان ڪري رهي هئي. آنئين چندر، جنهن دروازي کان سودامني پنهنجي ڪمري ڏي هلي ويئي ٿنهن ۾ اکيون وجهي، سانت هو.

اميءَ پنهي کي رسوئي وٺي لاءِ چيو. سروج پنهي لاءِ جواب ڏنو: ”اسين رسوئي گلمرگ ۾ وٺي، پوءِ آئاڻ نڪتاسين.“

نيٺ، سروج محسوس ڪيو ته سندس روچڪ وستار ڏي ڪنهن به ڌيان ڪونه ٿي ڏنو. سو سيني موڪلائي، چندر سان ٻئي ڏينهن جو سمن سڄي، پنهنجي گهر وري.

باب چوڏون

جيتوڻيڪ اسين سروپ آنند جي ماءُ جي زور ڪرڻ تي، وڌس مهمان ٿي رهيا پيا هئاسين، ته به سودامنيءَ ۽ چندر جي پريت ۾ ظاهرا ڪا ترقي ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي آئي. ٻئي سنسار جي ولهن ۽ بيوسيلن جي آڌار جي ڪم ۾ مستغرق هئا. ڏينهن سڄو گهمو ڪري ٻئي پنهنجي ڪم تي هليا ويندا هئا، ۽ نماشام جو موٽڻ بعد، هٿ منهن ڌوئي، ڪپڙا مٽائي، اچي اسان سان گڏبا هئا. انهيءَ ڪري ڪين خلاصو گڏجڻ جو موقعو خير ڪو ملندو هو. پر سندن مانيٺي محبت، سندن هڪ ٻئي

جي صحبت ۾ مسروريءَ، سندن هم-خيالي — انهن سڀني هنن جي دل کي پرسن پئي رکيو. هنن پنهنجي جيوت ۾ ڪا اوڻائي نٿي محسوس ڪئي.

راڌڪا جا وطن ورڻ لاءِ آتي هئي، سا سندن پريت ۾ ترقي نه ٿيندي ڏسي، البت، ڪڏهن ڪڏهن، اڌيرتا ظاهر ڪندي هئي؛ پر هوءَ انهيءَ حالت ۾ ڪري ئي ڇا ٿي سگهي؟ مون هڪ ڀيري جڏهن ڪيس چندر کي انهيءَ باري ۾ اشاري ڪرڻ جي صلاح ڏني، ته هن ڪنڌ ڌوڻي چيائين: "پريت جي ريت نرالي آهي. اُها پنهنجو وقت ٿي وٺي."

پر رات واري حادثي، سندن جيوت ۾ اُها نازڪ گهڙي آندي، جنهن ۾ سندن آئينده جي زندگيءَ جو هڪ نه پئي نموني فيصلو ٿيڻو هو.

صبح جو جڏهن وهنجي سهنجي، اسين نيرن لاءِ دالان ۾ آياسين، تڏهن سودامني آتي ڪانه هئي- چندر ڪانسواءِ اسين سڀ ڪنهن جذبي جي داٻ هيٺ هئاسين — جنهن ۾ انديشو ۽ انتظار پئي مليل هئا. آميءَ جي مک تي به اڄ مشڪ نظر نٿي آئي. انهيءَ جي جاءِ گنڀيرتا اچي والاري هئي. رگهو چندر تي هميشه وانگر خوش-خلق پئي ڏٺو، جيتوڻيڪ ڀڻ کي مات ۽ گنڀير ڏسي، هو به سانت هو.

آميءَ نيرن پرچي، پر سودامني ڪانه آئي. اوچتو چندر ڏاڍي نهر سان پڇيو: "سودا اڃا ڪانه آئي آهي؟"

مان ڀانيان ٿو ته هيءَ پهريون دفعو هو جو چندر ڪيس "سودا ڪري سڏيو.

اميءَ ڪن پل لاءِ چندر جي اکين ۾ نهاريو. "سودا جي طبيعت عليل آهي،" هن چيو.

چندر ڀڻءَ سٽ، آٿي کڙو ٿيو. "مان ڪيس ڏسي ٿو اچان،" چئي، هو دالان لتاڙي، متي هليو ويو.

چنڊر ۽ سوداميءَ جي وچم کهڙيون ڳالهيون ٿيون، کهڙن جذبن جي سندن جيوت جي رنگيوميءَ ۾ رمت ٿي، تن جي ساک مان نٿو پري سگهان. منهنجي وينتيءَ تي چنڊر آنجو بيان لکي، مونکي سپرد ڪيو آهي. اهو مان لفظ به لفظ نقل ڪري، هيٺ ڏيانٿو:

”دالان مان آئي، مان سڌو سوداميءَ جي ڪمري ۾ ويس. هيءُ پهريون دفعو هو جو مان سندس پوتر، محفوظ آستان ۾ ويس ٿي. منهنجي دل ۾ جذبن جو جولان هو. جيتوڻيڪ منهنجي من جو درشيہ صاف هو. مون سندس مانيٽي، عميق پرت جو ساءُ چکيو هو، ۽ منهنجي من چاتو ٿي ته سندس ردي جي رنجش جو ڪارڻ کهڙو هو. پر منهنجي دل دک دک ڪري رهي هئي. مان پاڻ کان پڇي رهيو هوس: ’ڇا، جو پاڻ کي ساري وشو سان هڪ پيو محسوس ڪري، تنهنکي به فراق ۽ هجر جو قاتل پيالو پيڻو پوي ٿو؟ ڇا، سودا مونکان وڇڙي، جدا ٿي سگهي ٿي؟ مان اهڙو آپورن جيون ڪيئن گهاري سگهندس؟‘

”مون سندس ڪمري جو دروازو هوريان کڙڪايو. اندران سودا جي در ڏانهن اچڻ جو آواز ڪنن تي پيم. دروازي جو هڪڙو طاق کليو. مون سودا پنهنجي اکيان بيٺل ڏٺي. سندس وار وکر وکرا، سندس اکيون رڻ ڪري ڳاڙهيون ۽ سندس منهن مرجهايل — هڪ ٿي رات جي دک ۽ بي آراميءَ سندس سندر شڪل ۾ ڪيڏا نه راڳا ڪيا هئا؟ مون ائين محسوس ڪيو ته منهنجي ردي کي ڪو مٽ ۾ پيڙي، ڇيپائي پيو. ’سودا، منهنجي سودا!‘ پڪاري، مون کيس پنهنجن ٻانهن ۾ وڌو. سودا جي نيڻن مان آجهل نير وهڻ لڳو. مون پنهنجو ساڄو هٿ هنجي وارن تي ازحد ڪوملتا سان ڦيرائي، کيس

سانت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هن پنهنجو ڪنول جهڙو نازڪ منهن منهنجي سيني ۾ ڪٺي لڪايو، ۽ آتي ڪا گهڙي دل کولي، سڏڪا ڀري رئندي رهي.

'سودا، منهنجي آمر محبوبڙي، تون ۽ مان سديو هڪ آهيون. جيوت توڙي موت ۾ ڪجهه به اسان کي هڪ ٻئي کان جدا نٿو ڪري سگهي."

"سودامنيءَ پنهنجيون ڳوڙهن سان ڀنل اکيون کڻي، منهنجي اکين ۾ نهاريو، ۽ سڏڪن ۾ چيو: "مان ڄاڻان ٿي، چندر. اسان کي ڪجهه به هڪ ٻئي کان جدا نٿو ڪري سگهي."

"مون سندس اکيون ۽ ڳل اگهندي چيو: پوءِ هيءَ رڻ ۽ راڙو، هيءُ آوشواس وري ڇاجو؟"

"سودا جو ڪنڌ البت هيٺ ٿي ويو، ۽ هن اڃا به ڏڏندڙ آواز ۾ چيو: "رات الاهي ڇو مون کي اهو ڊپ ويڙهي ويو ته مان توکي هميشه جي لاءِ وڃائي ويٺي آهيان."

"مان سمجهانٿو، سودا،" مون چيو. "تو ڀانيو ته سروج ۽ منهنجي وچ ۾ ڪا پريم جي ونڊ ٿي هئي."

"سودا ڪنڌ جي لوڏ سان هاڪار ڪئي."

"سودا، سماج جي مرجادا موجب اسين هڪٻئي سان لائون لهون، تنهنڪان اڳ ضروري آهي ته تون مونکي ڀليءَ پت ڄاڻين، سڃاڻين ۽ سمجهين."

"سودامنيءَ جو گنڀير منهن مشڪ سان جهلڪي آئيو، ۽ هن چيو: 'مونکان وڌيڪ به توهان کي ڪا سمجهي ٿي؟'

"استرين کي ڪيڏو نه پنهنجي سمجهه جو گيرب آهي! مون کيس ڪراهٽڙي پاتي، چيو: 'هائو، آهي. پهريات کان هن ئي مونکي پوريءَ طرح سمجهيو آهي.'

"'خير، آهي؟ سان سمجهه ۽ انترگيان ۾ مان ڪا برميچي سگهنديس؟' هن ناز سان چيو.

”مون ڪيس ڪرسيءَ تي وهاريو، ۽ سندس پرسان ٻيءَ ڪرسيءَ تي ويهي، سندس ساڄو هٿ پنهنجن هٿن ۾ جهلي، کيس چيم: ”سودا، مون کي خوشي ٿي آهي جو رات وارو ڪارو ڪڪر اسانجي جيوت جي آڪاس مان گذر ڪري ويو آهي. اسان جي دلين ۾ هنئر مهاشانتي آهي، آنند سان ڀريل. ۽ جي اسين اها آنند-مي شانتي سمجهه جي پيڙه تي نه ٻڌنداسين، ته پوءِ ننڍڙا، ننڍڙا حادثا ۽ شڪ گمان اسان جي هن پريم-مي شانتيءَ ۾ وگهن پيا وجهندا. انهيءَ ڪري، منهنجي گهُرِ، منهنجي حياتيءَ ۾ جو تازو عجيب معجزو ٿيو آهي، سو ڏيان ڏيئي ٻڌ.‘

”پر منهنجو تنهنجي پريم ۾ پورن وشواس آهي،“ هن مُد مد سان چيو.

”مون مشڪي، سندس هٿ پنهنجن هٿن ۾ ٿپريو،“ ۽ چيو: ’پيار جو رکو آمنگ، من-آچل يا جذبي تي ٻڌل آهي، سو وشواس توڙي آوشواس وهيٽو آهي. جڏهن پيار آمنگ ۽ سمجهه، جذبي ۽ معرفت، ٻنهي جي ميلاپ مان آٿپن ٿئي ٿو، تڏهن اهو لازوال ٿيو پوي. ان کي سنسار جي ڪابه گهٽنا چلائمان نٿي ڪري.‘

”واه!“ سودا چيو. ’تنهنجي معنيٰ ته منهنجو پيار جذبات جو هڪ بدبدو آهي.‘

”مون ڪنڌ ڌوڻي چيو: ’نه. مون کي تنهنجي پيار جي پختائيءَ، سچائيءَ ۽ اونهائيءَ جو ڏپ ڪونهي. مونکي اُلڪو صرف اهو آهي ته جيسين تون مون کي نه سمجهندينءَ تيسين اسانجي پيار مٿان دک جو پاڇولو سدائين پيو هوندو، ۽ ڪڏهن قضاني ڪارونيار ٿي، اسانجي جيوت جي جوت ڪاري گهٽا ۾ وڙهي ڇڏيندو.“

"جي ائين آهي ته مان پڙهڻ ۽ سمجهڻ لاءِ تيار
آهيان،" سودا گنڀيرتا سان چيو.

"مون سندس هٿ کي هڪ هلڪي مٺڙي ڏني ۽ پريم
ڀرين نگاهن سان ڏانهنس نهاري، چيم: 'سودا، توکي ياد آهي
ته کيرڀوانيءَ جي ميلي تي اسان جي اکين هڪ ٻئي سان پريم
جي سچي ڪئي. ٻئي ڏينهن مان سري نگر ڇڏي، پهلگام هليو
ويس. تو ضرور پاڻ کان منهنجي هيئن اوچتي غائب ٿيڻ جو
سبب پڇيو هوندو. سودا، تنهنجي پيار منهنجي هردي ۾ هڪ
ڀاري سنگرام پيدا ڪيو. ٿوروئي اڳي مان پنهنجي ننڍپڻ جي
ساهيڙيءَ ليلان جنهن ۾ مون پورن سندرتا جو درشن پاتو هو،
تنهنکي وڃائي، هن جي وڇوڙي ۾ وڳاڙو ٿي پيو هوس. جي
منهنجي راڪا منهنجي پرڳهور نه لهي ها ۽ هتي ڪشمير ۾
اچڻ سان، قدرت جي انوپ سندرتا مان آوڪند نه سريم ها ته
مان جيڪر هميشه جي لاءِ ديوانن جي دنيا ۾ داخل ٿيان ها.
تولاءِ پيار اسرڻ سان منهنجي دل ۾ هڪ نئون سنگرام اٿيل
ٿيو آهيءَ جي صلاح سان مان ان کي اڪيلي سر منهن ڏيڻ
پهلگام هليو ويس. اتي منهنجي حالت ڏينهون ڏينهن بدتر
ٿيندي ويئي. نوبت اتي رسي جو هڪ ڏينهن مان هڪ پهاڙ
تان ڪيڪون ڪندو هيٺ ڪريس ۽ بي هوش ٿي ويس. پريا
ٽي ڏينهن مان غش جي حالت ۾ پيو هوس."

"سودا تعجب ۽ ڏک مان اکيون ڦاڙي، وچ ۾ ڪپيندي
چيو: 'ٽي ڏينهن غش ۾! اسانکي سماءُ به ڪونه ڏنو'."

"مون سندس هٿ ٿپريندي چيو: 'هيءَ جڏهن هرڪو
جيو اڪيلي سر جوئي ٿو. انهيءَ ۾ ڪنهنجو به سهارو ڪارگر
نٿو ٿئي. خوش نصيبا، مونکي هڪ من - چيديءَ، ڊاڪٽر سري رام،
جي سهائتا نصيب ٿي. هن ڀلي ماڻهوءَ جا منهنجي پرداخت
لڏي، تنهنجو ٿورو مان الاهي کهڙي جنم ۾ لاهي سگهندس.

نوبنو ٽيڻ بعد، مان چنڊن واڙيءَ، برف جي پل ڏسڻ لاءِ، ويس،
اها جابلو جاترا منهنجي جيوت ۾ سونو ورق آهي. چوڏس جي
چندرما جي چيٽڪ هيٺ، انهيءَ عظيم الشان پل جي نظاري
پسندي، مونکي وشو- درشن پراپت ٿيو. مون ساري برهمانڊ
جي هيڪڙائي محسوس ڪئي، ته جيءَ سيڪنهن جيءَ سان،
جزو سيڪنهن جزي سان جڙيو پيو آهي. جنهن پورن سندرتا،
جنهن امر پريم، جنهن اٽل شوءَ جي طلب ۾ منهنجو آتما حيران
۽ پريشان هو، سو سڀ مون انهيءَ وشو- درشن ۾ پاتو، ۽ از
سان پنهنجي گهري عزازت محسوس ڪيم. انهيءَ گهڙيءَ ڪانپوءِ
جڳ ۾ ڪوبه جيو، ڪابه وستو، منهنجي لاءِ ستڌاري، بدصورت
يا اپورن ناهي. مان سڀ ڪي هڪ ۾ پريپورن ۽ سندر پساڻ
ٿو ۽ هرهڪ کي پنهنجي جان جو ٽڪر پانيانٿو. سڀ جيو
منهنجا سنيهي سجڻ آهن. سڀني لاءِ منهنجي هردي ۾ جاءِ آهي
ڪو مونکي ڪام يا ڪروڌ درشٽيءَ سان ڏسي ٿو، ته به ماڻ
ڪيس پيار ڪرڻ ۽ سچڻ سمجهڻ کان رهي نٿو سگهان. ماڻ
ڄاڻان ٿو ته سروج جو پاو مون ڏانهن ڪهڙو آهي. مان هر
جو راجسي سڀاءُ سڃاڻان ٿو. انهيءَ هوندي به مان ڪيس ڏڪاري
ٿيلهي نٿو سگهان. منهنجي دل ۾ سندس لاءِ صرف اها آپلاَ
آهي ته سندس راجسي سڀاءُ متجي، ساتوڪ ٿئي، ته هوءِ انهي
پريم جي رس چکڻ لاءِ آشا ڌاري، جو ورهه-گاڏئون ڪونهي.
”سودامنيءَ جي نيترن مان نير جاري هو. مون ڪي
آٿاري، پنهنجي هنج ۾ وهاريو، ۽ سندس نرڙ تي ملڙي ڏيئ
چيو: ’چو، توکي هيءُ چندر پسند ڪونهي؟‘“
”هن پنهنجا لڙڪ جهلي، چيو: ’مان ته پاڻ کان پڇ
رهي آهيان ته مان ڪئن اهڙي چندر جي لائق بڻبس؟‘“
”مون کلي، کيس چيو: ’واه! تنهنجي لائق ٿيڻ لاءِ
مون هيڏا جوڳ پچايا.‘“

باب پنجون

چندر ۽ سودامني دالان ۾ گهڙيا ته سروج ٻه "مان اچي سگهان ٿي؟" چوندي، دالان ۾ اندر آئي. چندر هميشه وانگر کيس ڪيڪاريو. هنجي روش ۾ ترجيترو ٻه تفاوت ڪونه هو. سودامنيءَ جب سان کيس چيو: "واه! اڄ ٻه ڪڏهن اندر اچڻ جي اجازت گهري اٿيئي جو اڄ تو گهرين؟" ۽ کيس ٻراهنڙي پائي، اکيان وٺي آئي ۽ ڪرسيءَ تي ويهاريائينس.

اسين سڀئي نيرن ڪري، چندر ۽ سودامنيءَ جي انتظار ۾ ماٺ ۾ ويٺا هئاسين. هنن جي خوشنود چهرن سان اندر گهڙڻ ۽ سروج سان هميشه وانگر پريم سان ورتڻ اسانجي انتظار کي بدلائي تعجب جي صورت ڏني. اسيءَ نيرن سندن اکيان رکي. نيرن ڪائيندي، چندر اسيءَ ڏي نهاري چيو: "امي، سودا منهنجي ساٿس وواه ڪرڻ جي آڇ قبولي آهي. توهان جي آسيس...."

چندر اڃا پنهنجو جملو پورو ڪري، تنهنکان اڳي سروج پنهنجي سنهي آواز ۾ ڪيڪ ڪري چيو: "وواه! چندر ۽ وواه!"

چندر ڏاڍي نهر سان کانئس پڇيو: "ڇو، سروج، چندر ۽ وواه لفظن جو پاڻ ۾ اتفاق نٿو بيهي؟"

سروج آجهل من - اُڇل سان چيو: "مون ائين پئي وسهيو ته توهن بنيادي ساميوادي آهين ۽ انهيءَ ڪري وواه جي رسم سماجڪ ٻانهپ جو هڪ قسم آهي. ساميوادي انهيءَ جي ٽوڙڻ جي اُدم ۾ پنهنجي جيوت صاف ڪريٿو. مؤرواد (Capitalism) جو سارو مانڊاڻ انهيءَ تي ٻڌل آهي. انسان ذات مان انهيءَ رسم جي ناس ٿيڻ سان سرمايه داري پاڙمرادو ناس ٿي ويندي.

تون ساميه وادي تي، وواه ڪري نٿو سگهين.“

سروج پوئيون جملو اهڙي ته زور سان چيو جو اسان سڀني اچرج ۾ اکيون ڦاڙي، سندس جوش-رتي منهن ڏي نهاريو. سندس اکين مان اُلا پئي نڪتا، ۽ سندس نڪ جون هيٺيون مشڪائون ۽ ڪڪرائون ڀاڳو لرزيو پئي. مون چندر ڏانهن نهاريو. هن جي مک تي هڪ مسڪراهٽ پئي رمي. هن ڏاڍي ڪومل آواز ۾ چيو: ”استري ۽ پرش پاڻ ۾ جيون-ساٿي ٿين، تنهن ۾ ڪهڙو اعتراض تي سگهي ٿو؟“

”جيون-ساٿي، ۽ نه پتي ۽ پتني،“ سروج جوش مان چيو.

”پتي ۽ پتني ته رڳو لفظ آهن، سروج!“ چندر مٺي نوع ۾ چيو، ”به ڄڻا پاڻ ۾ جيون ساٿي ٿيڻ قبولين ٿا. هڪ کي پتي تو سڏجي، ۽ ٻئي کي پتني.“

”پر انهن ٻن لفظن ۾ استريءَ جي ڀانهپ جو لنبو اتهاس سمايل آهي،“ سروج ورائيو.

”آهو تڏهن جڏهن پتي پتنيءَ کي پنهنجي ملڪ تو سمجهي، سروج. پر جڏهن ٻنهي کي پريم، نشڪام پريم، هڪٻئي جو ساٿي تو بنائي، ۽ ٻئي هڪٻئي کي آتم-روپ ٿا ڏسن ۽ هڪ ٻئي سان پريم ۽ ستڪار ٿا ورتن، تڏهن ڀانهپ جو سوال اٿي نٿو سگهي. هو هڪ ٻئي جا جيس جوڙ آهن. هڪڙو ٻئي ڪانسواءِ اڌورو ۽ اڻپورو آهي. هو هڪ ٻئي جي جيوت پرڦلت ڪن ٿا. اهڙي سک ڀرئي سنجوڳ کي، سروج، تون ڪئن نندي سگهندينءَ؟“

سروج کي چندر جي مٺي ڀاڀوه ۽ سانتيڪي دليل لاجواب ڪري ڇڏيو. هوءَ ڪرسيءَ تان اُٿي، دريءَ تي وڃي بيٺي. اسان سڀني جون اکيون منجهس کتل هيون. هن پنهنجو منهن هٿن ۾ لڪائي، جهيڻي آواز ۾ رنو پئي. سوداميني ٽپ ڏيئي

آئـي، ۽ ڪيس ڳراهٽڙي پـائي، سندس ٻوڙهـا اگهڻ ۽ ڪيس پريائڻ لڳي.

اسين سڀ، اميءَ جي اشاري تي، مـاٽ ميٽ ۾ ڪين اڪيلو ڇڏي، ڪمري مان نڪري ٻاهر ٿياسين.

سودامنيءَ ۽ چندر جي وواه جي مخالفت ڀئي پڪ ڪان تي، ۽ انهيءَ تي غالب پوڻ ۾ سروج جا اسان جـي همراهي ڪئي سا سندس سياڻ جي ذاتي چڱائيءَ جو ثبوت آهي.

انهيءَ ڏينهن، ڏيڍُن پرئي، جڏهن راڌڪا ۾ مان ڍنڍ جو سيل ڪري، اميراقدل وٽ شڪاري مان تي لتاسين ته هڪ نوجوان پنڊت وڏي اسانوٽ آيو، ۽ مون کان پڇيائين: "موهن آمرتائي اوهانجو نالو آهي؟"

"ها" مون چيو.

"توهان کي سروپ آنند ۽ چندر سڏي رهيا آهـن،" هن ڏاڍي منتظر نوع ۾ چيو.

"مون هن پنڊت جوان جي منهن ۾ گهور ڪري نهاريو. هو سکر انسان تي ڏٺو ۽ سندس منهن ۾ اشرافت جا آرڪان پڌرا پئي ڏٺا لچ لانبڙ، لونيو لوُڪڙ ڪونه تي لڳو. مون کانئس پڇيو: "سروپ آنند ۽ چندر ڪٿي آهن؟"

"هتان ٿورو ئي پري هڪڙي مڪان ۾،" هن ورائيو.

"چندر کي نرڙ تي البت ضرب رسي آهي."

"نرڙ تي ضرب!" راڌڪـا واڪو ڪري چيو. "جلد ڪريو. اسانکي وٽس وڃي هلو."

"راڌڪا ۽ مان هن پنڊت جوان جي پٺيان ماٺ ۾ تڪڙو تڪڙو پئي وياسين. هو اسانـکي ڪيترين سوڙهين گهٽين مان وٺي، نيٺ هڪ مڪان جي اڳيان اچي بيٺو، ۽ دروازو کڙکايائين. ڪنهن اچي دروازو کوليو. اسين جوان جـي پٺيان مڪان ۾

اندر گهڙياسين. هو اسانکي هڪ ڪمري ۾ وٺي هليو، جنهن ۾ اٽڪل ٻه ڏزن کن ماڻهو ويٺا هئا. سيني پنڊت تي ڏنا هرهڪ کي پٽڪو سر تي ۽ تلڪ نرڙ تي هو. اسانجي اندر گهڙڻ سان هو سڀ ماٺ ٿي ويا ۽ اسانڏي نهارڻ لڳا. مون کي ڪنهن منصوبي جو شڪ پيو. پر اسانڏي قاسائي ۾ هنن جو ڪهڙو پريوجن هوندو؟ اسين پرڏيهي، ٻن ڇئن ڏينهن جا مهمان، تن کي گمراه ڪري، هتي آڻڻ سان هنن جو ڪهڙو مطلب سڌ ٿيندو؟ شڪل شبيه ۾ ٻه ته واتمارو يا ڌاڪو ڪونه ٿا ڀاسن.

راڌڪا جا چندرکي ڏسڻ لاءِ آتير هئي، تنهن هن پريءَ سيا ۾ کيس نه ڏسي، جوان کان پڇيو: ”چندر ڪٿي آهي؟“

هو جواب ڏئي تنهنکان اڳي، هڪ پيرسن پنڊت دلداري ڏيڻ جي نوع ۾ چيو: ”چندر اجهو اچي ٿو. هو چاق چڱو ڀلو آهي. توهين انهيءَ جو ڪو انديشو نه ڪريو. هن کي ضرب رسڻ جي خبر ناهي توهانکي انهي ڪري ٻڌائي ويئي، جو هونئن شايد توهين هتي اچڻ کان انڪار ڪريو ها.“

هي ته ڪنهن منصوبي جا آثار هئا! منهنجو شڪ تڏهن صحيح هو. مون دردناڪ سان پڇيو: ”پر اسانکي هتي ڇو آندو ويو آهي؟ اسين توهان جي ڪهڙي شيوا ڪري سگهون ٿا؟ هئن اسانکي گمراه ڪري وٺي اچڻ توهان جهڙن ڌرمشٽ ماڻهن کي نيڪ لڳي ٿو؟“

هو پيرسن وڏي موٽ وٽ آيو، ۽ منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي، چيائين: ”سڀني سوالن جو جواب هڪ وقت ڏيڻ محال آهي. توهين ڌيرج ڌريو. توهانکي سڀ ڪجهه روشن ٿي ويندو.“

”پر اسان کي هتي ڇو آندو ويو آهي؟“ مون بي صبر ٿي پڇيو.

پيرسن مشڪي چيو: ”چندر سان ملڻ لاءِ.“

”پر چندر ڪٿي آهي؟“

”چندر هن ئي مڪان ۾ آهي،“ پيرسن آٿت ڏيندڙ آواز ۾ چيو؛ ”پر هن سان ملڻ کان اڳ، توهان کي اسان جي وينتي ٻڌڻي پوندي.“

”۽ اها وينتي ڪهڙي آهي؟“ منهنجي آواز ۾ آڌيرتا، غصو ۽ ڊرڪو ٿيئي هئا.

پيرسن پنهنجو ڪنڌ ڏاڍي کان ساڄي ۽ ساڄي کان ڏاڍي ڌوڻيو. ظاهراً منهنجو ڳالهائڻ جو نوع ۽ منهنجي روش هنکي پسند نه هئي. هن ڏاڍي نهر سان چيو: ”ايترو اتاولو نه ٿي. ٿڌي سيني اسان جي ڳالهه ٻڌ. مونکي پڪ آهي ته توهين اسان سان اتفاق ڪندا. اسان ڳالهه ۾ سمت ٿيندا ۽ چندر کي سمجهائي، باز آڻيندا.“

مون پاڻ روڪيندي، پڇيو: ”ها، ها. پر اها ڳالهه ڪهڙي آهي؟“

پيرسن هڪ خالي طول ڏي اشارو ڪري، اسان کي وهڻ جي نيند ڏني. مان راڌڪا کي هٿ کان وٺي طول وٽ آيس، ۽ وهڻ کان اڳ ۾ پيرسن ڏانهن نهاريم.

”وهو، آرام ڪريو،“ هن هٿ سان طول ڏي اشارو ڪندي چيو.

راڌڪا ۽ مان ٻئي طول کي ٽيڪ ڏيئي ويٺاسين. راڌڪا جو هٿ جو منهنجي هٿ ۾ هو، سو ڊپ ۽ ڳڻتيءَ کان ٿڌو مثل ڳگ ٿي ويو هو. سندس منهن زرد ٿي ويو هو، ۽ اکين ۾ چنتا جا چنهه ظاهر پئي ڏٺا.

اتي جوان پنڊت جو اسانکي قسلائي، هتي وٺي آيو هو، سو چانهه جا ٻه پيالا کڻي آيو، ۽ اسانکي آڇيندي چيائين: ”هيءَ اسانجي تڇ مهماني سئيڪاريو.“

مون کيس نمسڪار ڪري، چيو: اوهانجي وڏي مهرباني، پر اسانکي چانهه جو احتياج ڪونهي."

پيرسن مٺي، ڏڌاريندڙ نوع ۾ چيو: "اوهان جي من توڙي تن کي مفرح ڪري ڇڏيندي."

"نه، مهرباني. اسان کي بلڪل احتياج ڪونهي."

مون ڏٺو ته منهنجي دردِ ناڪار تي پيرسن توڙي پيءُ جي منهن تي رنجش ڏيکاري ڏني. پيرسن راڌڪا ڏانهن منهن ڪري، ڏاڍي ڪومل ۽ مٺي آواز ۾ چيو: "ڌيءَ، تون ته اهڙي مهمان-نوازيءَ جي آڇ ڪانه موٽائيندينءَ؟"

مون راڌڪا جي هٿ کي تورو زور ڏنو. هن منهنجو اشارو سمجهيو، ۽ جهيڻي آواز ۾ پيرسن کي چيو: "مونکي اوهين معاف ڪندا."

پيرسن چانهه جا پيالا جوان کي واپس ڪيا جو آهي ڪٿي ٻاهر هليو ويو. پوءِ هو اسانجي اڳيان اچي ويٺو. ڪن پل هو ماٺ ۾ پنهنجن هٿن جون آڱريون تڪيندو رهيو. نيٺ، گلو صاف ڪري، چيائين: "اوهانجي دل ۾ عجيب غريب شڪ شبها اڀندا هوندا. اهو سياويڪ آهي. پر مان توهان کي خاطري ٿو ڏيان ته اسين نه چور، نه ڌاڪو ۽ نه رهزن آهيون. اسان توهان کي قرمار جي ارادي سان هتي ڪين آندو آهي. اسان توهان کي هتي صرف انهيءَ لاءِ آندو آهي ته توهين...."

پيرسن کي جملي پوري ڪرڻ جو وقت ئي ڪونه مليو. انهيءَ مهل چندر هڪ نوجوان سان گڏ ڪمري ۾ گهريو. راڌڪا "چندر!" پڪاري، ٽپ ڏيئي اٿي، ۽ ٻوڙي وڃي ڪيس ڳريءَ لڳايائين. چندر سندس مٿو پنهنجي سيني تي رکي، سندس وارن کي آهستو ٿپريندي چيو: "راڌڪا! چو، تون خوش چاق ته آهين؟ منهن هٿن زرد ڇو ٿي ويو اٿئي؟ مون ٻڌو ته توکي

شڪاري مان لهندي ضرب رسي آهي، ۽ دوا درمل لاءِ ٽوڪي هت آندو اٿن."

راڌڪا پنهنجو ڪنڌ هنجي سيني تان کڻي، سندس اکين ۾ نهاريو، ۽ گنڀير نوع ۾ چيو: "مونکي ۽ موهن کي ٻه اهو ساڳيو ٻهانو تنهنجي نسبت ڏيئي، هتي وٺي آيا آهن. الاهي کهڙي سٽ سٽي اٿن."

چندر پنهنجا نيڻ ڪمري جي چوڌاري ڦيرايا، سندس نيڻ نمنهن جا سدا۔ وهندڙ نياڻ هئا، جن مان پريم جي نوراني ڌارا پئي وهي. سون ڏنو ته ڪمري ۾ سيني تي انهيءَ نور جي اوت ٿي. ڪيترن جا چهرا سرهائيءَ کان ٻهڪڻ لڳا. ڪن جا منهن البت ڪڪا وڪا ٿيڻ لڳا، جڻ ته اندر واري ٿي شرمائين. هڪ ٻن جي منهن تي ڪنورتا جي ارڪانن ڏيکاري ڏني. چندر مشڪي پڇيو، "مترو، ڪرپا ڪري ٻڌائيندا ته اسان کي ڇو هتي آندو ويو آهي؟"

پيرسن جنهنجي ڳالهه جو سلسلو وچ ۾ ٽٽي ڪچي ويو هو، سو منهنجي پر چڙي، وڏي چندر وٽ ويو، ۽ کيس نمسڪار ڪيائين. چندر ٻه هٿ جوڙي، پنهنجو سيس هنجي اڳيان نمايو، ۽ چيو: "منهنجا آتم۔ سنٻنڌي متر، مان توهانجي ڪهڙي شيوا ڪري ٿو سگهان؟"

"توهين اسانجي وڏي ۾ وڏي شيوا اها ڪري ٿا سگهو جو ٻنهه هنٽر سري نگر ڇڏي هليا وڃو." پيرسن ڏاڍي نهر ۽ گنڀيرتا سان چيو.

چندر تپرس ۾ ڏانهنس نهاريو. "اسين انهيءَ جو سبب ڄاڻي سگهون ٿا؟" هن پڇيو.

پيرسن لحظي لاءِ ھبڪيو. "جي هرويرو سبب ڄاڻڻ گهرو ٿا" هن ساڳئي نوع ۾ چيو، "ته ٻوءِ مونکي لاچار

ٻڌائڻو پوندو. اسان ٻڌو آهي ته توهين ڏينهن ٻن ۾ هڪ پنڊت ڇوڪريءَ سان وواهه ڪرڻ وارا آهيو. اسين ڪنهن به ڪشميري پنڊت ڇوڪريءَ جو وواهه ستڌارڻي سان ٿيڻ جي برخلاف آهيون. اسين اهو وواهه هرگز ٿيڻ نه ڏينداسين.“

چندر مٺي ٻاٻوءَ سان وراڻيو: ”توهين پنڊت لوڪ ڀارت ورش جي آمولڪ آتم ڌن جا رکپال آهيو. هتي جي پهاڙن ۽ ماترين ۾ جڳن ڪان ست جي سيڪڙن جوڳ ڇپايا آهن، ۽ سنسار جي نانت ۾ هڪ اٽل ست جو مشاهدو ماڻهو آهي. اهڙي پوتر ديس ۾، ديس ۽ ڪال جا ويڇا ڪئن ٿي ٿا سگهن؟ اهڙي جاتيءَ ۾ جات پات، ديس ۽ پرديس، رنگ ۽ روپ جو ڀيد ڪئن ٿي ٿو سگهي؟ آتم گيان وشو پريم آهي، جنهنجي وشال ڀاڪر ۾ سارو برهمانڊ سمائجيو وڃي. اوهين مونکي ستڌاريو ڪئن ٿا سڏيو؟ مان اوهانجو ڀاءُ آهيان. اسان سڀني کي ايشوري پريم هڪ عالمگير برادريءَ ۾ ٻڌي ٿو.“

چندر جي مٺيءَ، پريم- مٽي گفتار هنن دردي آچاري پنڊتن تي عجيب اثر ڪيو. هو اکيون ڦوٽاڙي، هن ڏانهن نهاريندا رهيا. پيرسن اچا ٻاڻ سنڀالي، ڪجهه چوڻ تي هو ته ڪمري جي ٻاهران ڪن ماڻهن جي اچڻ جو آواز ڪن تي پيو. سڀني جون اکيون دروازي ۾ وڃي ڪتيون. پنڊتن جي منهن تي هراس جي ڇايا ڇانئجي ويئي. ڪن ڇهن آئن ماڻهن جو ڊنبلو دروازي وٽ اچي بيٺو. سندن اڳوان سروج هئي. سندس سينو سهڪيءَ ڪان هيٺ مٿي پئي ٿيو، ۽ سندس منهن ۾ درديتا هئي. پيرسن ڏانهن منهن ڪري، ڪڙڪيدار آواز ۾ چيائين: ”چاچا صاحب، توهان جي اها تنگدل تحرڪ اچا ختم ڪانه ٿي آهي؟ مون کي جي اوچتو سڏ نه پئجي وڃي ها ته توهين الاهي کهڙو ويل وهايو ها! سودامنيءَ جو وواهه ڪنهن لب لالچ تي ڪونه ٿو

ڪيو وڃي. پريم- وڃاءُ ۾ ديس ۽ پرديس جو ويڇو ڪٿي ٿي ٿو سگهي؟ توهان کي هن دم هنن کي آزاد ڪرڻو پوندو. سياڻي شام جو چندر سودامنيءَ سان لاڙون لهندو. اوهان سڀني کي انهيءَ شبِ موقعي ۾ شامل ٿيڻ جي نينڊ آهي."

ائين چئي، سروج وڏي راڌڪا وٽ آئي، ۽ ڪيس گهراهٽ پائي، چندر ۽ مون کي سندس پٺيان اچڻ جو اشارو ڪيائين. اسين سڀ هنن درد آچاري پنڊتن کي تيرس ڪائيندو ڇڏي، سروج جي پٺيان ٻاهر نڪتاسين.

باب ڇهون

"راڌڪا، راڌڪا! هي سمالوچنائون ته ڏس."

مان منجهند جي آيل ٽپال نظر مان ڪڍي رهيو هوس. پهلگام کان موٽڻ بعد مون پنهنجي پرڪاشڪ سان چندر جي رچيل شعر ڇپائڻ جو بندوبست ڪيو هو. جلد ڪتاب ڇپجي شايع ٿيو ۽ انهن تي معتبر نامڪنين ٽيڪاڪارن جون سمالوچنائون اخبارن ۽ مخزنن ۾ پوڻ لڳيون. اڄ پرڪاشڪ وٽان اڌ ڊزن ڪتاب جي ڪاپين ۽ سمالوچنائن جو ٿهو پهتو هوم. راڌڪا ڏاڍي چوج ۽ چاهه سان ڪتاب نظر مان پئي ڪڍيو، ۽ مون ڏاڍيءَ دلچسپيءَ سان مکيه ٽيڪا- ڪارن جون سمالوچنائون پئي پڙهيون.

"اجهو، هيءُ پڙ: 'سنڌي ساهت جو آسماني منڊپ ۾ نئون ستارو، منور ۽ مسرور، پرگهٽ ٿيو آهي. سنڌي شعر ۾، نئينءَ سٽينءَ، وري تازگي آئي آهي. انهيءَ مان نه فقط سنڌي شعر کي پر سنڌي نثر کي به هڪ نئون آمنگ ايندو، ۽ سنڌ جي علمي ۽ تهذيبي جيوت ۾ هڪ نئون باب شروع ٿيندو. هيءُ شاعر انهن آتمائن مان آهي، جن جي آدمن ۽ رچنائن

سان قوم لاءِ نئون جنگ شروع ٿو ٿئي...“ هي ٻيو ٻڌ: ”چندر جي ڪوتا جي بهار جي تازگي آهي. اونهاري ۾ سهس- رنگي، سبز پيلي جيان، سندس نظم پانت پانت جي خوشنما رنگن ۽ روپن سان سينگاريل آهي. انساني خيالات ۽ جذبات جي نون ديسن جي کوجنا ۾ شاعر جو روح، بانڪن بهادرن جيان، همٿ ۽ جريت جا عجيب معجزا پيش ٿو ڪري. هي نئون شاعر شاهه عبداللطيف ۽ سچل سرمست جو ثاني آهي، ۽ انهن جي اعليٰ درجي ۾ ئي شمار ڪيو ويندو.“

راڌڪا چندر جي ڪوتا جي ساراهه ٻڌي، ڪپڙن ۾ نه پئي ماپي. هن سمالوچنائن جا سڀ ڪتريل ٽڪر ڪٽي، پنهنجي گود ۾ رکيا، ۽ هڪ هڪ ڪري پڙهندي، ۽ چندر جي ثنا جون سرهو- ڪندڙ سرڪون پئندي ويئي. ڪيس خوش ٿيندو ڏسي، منهنجيءَ دل به پئي ٽپا ڏنا.

جڏهن سڀ سمالوچنائون پڙهي پوريون ڪيائين، تڏهن اٿي منهنجي پرسان اچي ويٺي، ۽ چيائين: ”انهيءَ سڀ لاءِ چندر ۽ مان اوهان جا ٿورائتا آهيون. اوهان اسان پن پٺڪندڙ آتمائن لاءِ ڇا نه ڪيو آهي! اسين توهانجو احسان ڪئن لاهي سگهنداسين؟“

”جيڪي پريم نمت ڪجي ٿو، سو احسان نٿو ليکجي،“ مون چيو: ”پريم شيوا ڪرڻ ۽ خوشي ڏيڻ لاءِ ترڦي ٿو، ۽ جڏهن انهيءَ ڪوشش ۾ ڪامياب ٿئي ٿو، تڏهن اهو آنند- مي ٿيو پوي.“

”مون راڌڪا ڏانهن نينهن- پريل نگاهن سان نهاريو، ۽ سندس ڪومل هٿ پنهنجي جاڏي هٿ ۾ جهلي، ڪانئس پڇيم: ”هي پريمي پرندو سڪ جي آجاڳ آڪاس ۾ پيو اڏامندو يا ڪنهن آکيڙي جي آسائش ۽ آرام جي آس به رکي سگهي ٿو؟“

راڌڪا مشڪي چيو: ”پکي پنهنجو آکيرو پاڻهين ٿو اڏي.“

”ڪنهنجي لاءِ ۽ ڪنهنجي سهڪار سان؟“ مان ورندو مشڪي پڇيو.

راڌڪا گنڀير ٿي چيو: ”چندر ۽ سوداميءَ جو هنيمون اڄ پورو ٿيندو. شام جو هو گلمرگ مان موٽندا. سڀاڻي وطن ورنداسين. رستي تي چار ڏينهن لڳندا. هفتي بعد اوهين آڪمري ناهي لاءِ منهنجي سهڪار جي طلب ڪري سگهو ٿا.“

مان خوشيءَ جي اُمنگ ڪان ڪرسيءَ تان ٽپ ڏيئي اٿيس، ۽ راڌڪا کي پنهنجي سيني سان ڪٺي لڳايم ۽ اسان جا مک هڪ ٻئي، لنبيءَ مُنڙيءَ ۾ ٻيهريون دفعو مليا.

باب ستون

آسين وطن وري رهيا هئاسين. ڪشمير ۽ پنجاب پليان ڇڏي، هنئر سنڌ مان پئي گذر ڪيوسين. ٽرين جي سيڪنڊ ڪلاس گاڏي ۾ رڳو اسين چار ويٺا هئاسين. چندر سوداميءَ سان روح رهاڻ ڪري رهيو هو. ٻنهي جي اکين مان پريم پئي ٽميو، ۽ سندن پاڻ ۾ ازحد سرهائيءَ ۽ خوشيءَ جو صرف تصور ڪري ٿو سگهجي. اکيون هو ڪلپنا جي دنيا ۾ پريم جو تصور ڪندو هو ۽ ان کي لفظن ۾ نقش ڪندو هو. هنئر سندس جيوت ۾ ڪلپنا واري دنيا ۽ حقيقي دنيا ملي هڪ ٿي ويئيون هيون ۽ چندر پاڻ پريم-روپ ٿي پيو هو. گلمرگ ۾ جڏهن هنيمون ڪري، هو سري نگر موٽيو تڏهن مون کانئس پڇيو: ”جيوت جي هن مهاآنند ۽ عظيم آزمودي کي ڪوتا ۾ قلمبند ڪيو اٿئي؟“ هن تمڪندڙ اکين ۽ منور مشڪ سان چيو: ”هنئر ڪلا ديوي ۽ پوڄاري هڪ ٿي ويا آهن. پوڄاريءَ کي ديويءَ جي چرنن ۾ پشپن ڌرڻ جو هاڻ سبب ئي ڪونهي. چڪور چندرما سان، پروانو آگ سان، پريم سندرتا سان ملي

ٽڪروپ ٿي ويو آهي. هنڌ جيون خود ڪوتا ٿي پيو آهي، موهن!"

حيدرآباد اسٽيشن تي تار مليم، ته ڪراچيءَ ۾ چندر جي آجيان جو بندوبست ڪيو ويو آهي. سڀني سنڌي شعر جي شائقن، ڪاليج پروفيسرن، وديارٿين، ۽ اسڪولن جي شاگردن پاڻ ۾ گڏجي هن نئين آدبي ستاري جي مرحبا لاءِ سرگرم تياريون ڪيون هيون.

ٽرين ڪراچيءَ کي ويجهي پوندي پئي آئي. راڌڪا ۽ سودامنيءَ هٿ منهن ڌوئي، مسافريءَ وارا دز سان پريل ڪپڙا مٽايا. چندر به اٿي پاڻ کي ڇنڊيو ڦوڪيو. راڌڪا منهنجي پرسان اچي ويٺي ۽ منهنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهلي، ان کي هلڪو زور ڏنائين. مون سمجهيو ته هوءَ پنهنجي خوشي وطن ورڻ توڙي جلد اينڊز وصال جي - انهيءَ هٿ جي ڪومل زور سان ظاهر ڪري رهي هئي. مون سنڌس ڪن ۾ پڙڪي چيو: "سياڻي آڪيڙي آڏڻ جو ڪم آرنپ ڪيو."

راڌڪا صرف مشڪيو.

ٽرين ڪراچي ڇانوڻي اسٽيشن ۾ گهڙي ۽ "مهاڪوي چندر جي جَي" جا نعرا اسانجي ڪنن تي پيا. ٽرين بيٺي، ۽ سنت ئي اسانجي گاڏي جي سامهون هڪ وڏو ميڙ ٿي ويو. مڪاني ڪاليج جو پروفيسر ڪرشناڻي گاڏي ۾ اندر لنگهي آيو ۽ چندر جو ٻه سال اڳي سنڌس شاگرد هو، تنهنکي ڀاڪر پائي گڏيو، ۽ کيس گاڏي جي دروازي وٽ وٺي ويو.

مرحبا ڪاميٽيءَ جي ڀاران هن کيس ڳلن جو هار وڌو، ۽ وري سڄو پليٽفارم "مهاڪوي چندر جي جَي" سان گونجڻجي اٿيو. راڌڪا سودامنيءَ کي هٿ کان وٺي، چندر جي پرسان وڃي بيهاريو.

پنهنجي سٽ، ساري واديو منڊل ۾ عجيب تبديل ٿي ويئي. سڀ اکيون، چندر تان کڄي وڃي، سودامنيءَ جي آلوڪڪ

سونهن تي ڪنيون. چندر مون کي پٽڪي ۾ چيو: ”هي منهنجي آجيان آهي يا سودا جي؟“ سندس مکڙ تي مشڪ پئي نچي.

”ڪوتا جا اپاسڪ پنهنجي ديويءَ جو سچيو سروپ لوڪ سونهن ڏسي پوڇڻ کان ڪئن رهي سگهندا؟ سندرتا جنهن تنهنجي شعر مان ليا پائي هنن جي دلين کي مست پئي ڪيو آهي، سا روپ آڪار وٺي سندس اکيان اچي بيٺي آهي.“

اسان جا ڇپايل ڪتاب

١ - ياد گيريون ٢ - تاريخ تمدن سنڌ ٣ - منتخب ديوان فاضل ٤ - سنڌي غزل جي ارتقا ٥ - سنڌي افسانو ٦ - شاهه لطف الله قادريءَ جو ڪلام ٧ - سنڌيون ٨ - سنڌي مرثيه لويسي ٩ - تمر فقير جو ڪلام ١٠ - دائري وارن جي سنڌي ١١ - سنڌي لوڪ ادب جي ارتقائي تاريخ ١٢ - سنڌي ديني ادب جو ڪئٽلاگ ١٣ - شاهه شريف ڏڏائيءَ جو رسالو ١٤ - جهانيان خالدان ١٥ - سياسيات جا اصول ١٦ - سنڌي شارٽ هئنڊ ١٧ - داستان اندلس ١٨ - سنڌي ليکڪن جي ڊائريڪٽري ١٩ - سنڌي مخزنن جو ڪئٽلاگ ٢٠ - مثنوي بو علي قلندر ٢١ - ٻاراڻا ٻول ٢٢ - اقتصادي فڪر جي تاريخ ٢٣ - ڇپيل سنڌي ڪتابن جي ببليو گرافي (١٩٤٧ - ١٩٧٣) حصو پهريون ٢٤ - سنڌي - انگريزي لغت ٢٥ - غزلن جو غنچو ٢٦ - چونڊ سنڌي افسانا ٢٧ - ٽاٽي واري اقتصاديات ٢٨ - سنڌي الف - ب جي ارتقا ٢٩ - سنڌي ٽائيپ رائيٽنگ جي سکيا ٣٠ - لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ ٣١ - قلمي نسخن جي فهرست ٣٢ - لطيفيات ٣٣ - سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج ٣٤ - سنڌي - اردو لغت ٣٥ - سنڌي غزل جو تجزيو ٣٦ - سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي ٣٧ - خدايار خاني ميان سرفراز خان عباسي ٣٨ - چونڊ سنڌي مضمون ۽ مقالا ٣٩ - سنڌي گيت ٤٠ - سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر ٤١ - بين القوامي اقتصاديات ٤٢ - تنقيدون ٤٣ - سنڌي ناول جي ارتقا ٤٤ - لڙڪ لڙڪ زنجير (ريڊيو ۽ ٽي - وي جي ڊرامن جو مجموعو) ٤٥ - ١٩٧٣ع کان ١٩٧٩ع تائين ڇپيل سنڌي ڪتابن جي ببليو گرافي ٤٦ - انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي ريسرچ لائبريريءَ ۾ موجود قلمي نسخن جو تشريحي ڪئٽلاگ ٤٧ - سنڌ ۾ عرب نسل جي مختصر تاريخ ٤٨ - سنڌي راڳ ۽ تال ٤٩ - سماجيات جا اصول ٥٠ - ادبي تنقيد جا اصول - سنڌ جي تاريخ .

١ - رساله شاه عبداللطيف ٢ - فکر لطيف ٣ - حلقه مری زنجير کا ١ - غرت الزيجات (عربی) ١ - جو بيجل نے آکهيا (پنجابی)

1. History of Arghuns & Tarkhans of Sind. 2. Arab Kingdom of Al-Mansurah. 3. Sind's Contribution to English. 4. Economy of Modern Sind. 5. Source Material on Sind. 6. Historical Geography of Sind. 7. English-Sindhi Dictionary. 8. Economy of Sind. 9. A History of Commerce of Sind.